سنڌي پنجون ڪتاب





پاران :
سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد سنڌ.
ڇپائيندڙ :
سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ.

سنڌي پنجون ڪتاب





پاران :

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد سنڌ.

ڇپائيندڙ :

سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ.

ڇپجڻ جي تاريخ	ڇاپو	تعداد	قيمت
آڪٽوبر 1973ع	پيون	25000	1_25

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد جو تيار ڪيل؛ تعليم کاتي جي سرڪيولر نمبر S. O. D. E. & S. V./10-63 تاريخ 23- فيبروري 1964ع هيٺ، سنڌ صوبي جي پرائمري اسڪولن لاءِ، واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل.

لکندڙ:

الهه بخش ٽالپر

يار محمد ابن حيات پنهور

سيد وقار عظيم

صوفي غلام مصطفيٰ تبسم

صادق علي دلاوري

مشرف انصاري

سنڌيڪار:

ع. ق. شيخ

ايڊيٽر:

محمد ابراهيم جويو

Printed at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Tilak Incline, Hyderabad Sind and Published by Ghulam Rabbani A, Agro, Secretary, Sindhi Adabi Board, Hyderabad Sind.

سنڌي پنجون ڪتاب

سبقن جي فهرست

سبقن جي فهرست

سبق پهريون

اول الله

(بيت)

آول اَلله، عليم، اعليٰ، عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهي قديم،
والي، واحد، وحده، رازق، ربّ، رحيم،
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد، حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙيون جوڙ جهان جي.

وحده لاشريڪ له، جڏهن چيو جن،
تن مڃيو محمد ڪارڻي، هيجان ساڻ هنين،
تڏهن منجهان تن، اوتر ڪونه اوليو.

وحده لاشريڪ له، ايءَ وِهائج وِيءِ،
ڪئين جي هارائيين، هند تنهنجو هيءِ،
پاڙان چوندءِ پيءِ، پري جام جنت جو.

وحده لاشريڪ له، ايءَ هيڪڙائي حقّ،
ٻيائيءَ کي ٿڪ، جن وڌو سي وِرسيا.

وَحدهٗ جي وَڏيا، اِلاّلله، آڏ ڪيا،
مُحَمّدٌ رسُولٌ چئي، مسلمان ٿيا،
عاشقَ عبداللطيف چئي، انهين پَهِ پيا،
تهلان ڏٺيءَ ڏٺا، جهلان وَ يا وحدت گڏجي.
— شاهه

استعمالي سوال

1. شاهه ڪهڙي واپار وِهائڻ جي صلاح ڏني آهي؟
2. جي ماڻهو پنهنجي من ۾ ٻيائي رکن ٿا، تن جو انجام ڪهڙو ٿئي ٿو؟
3. شاهه مٿين بيت ۾ 'هيڪڙائي حق' بابت جا سمجهاڻي ڏني آهي، سا کولي ٻڌايو.
4. هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ ٻڌايو ۽ پنهنجن جملن ۾ ڪم آڻيو:

جوڙون جوڙڻ - ويءَ وِهائڻ - ٻيائيءَ کي ٻڪ وجهڻ - پَهِ پوڻ.


سبق ٻيو

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح سن 1102 هجري مطابق سال 1689ع ۾ ڄائو هو. سندس پيءُ جو نالو حبيب شاهه هو، جو شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو پوٽو هو. هن جو جنم، تعلقي حيدرآباد جي موسيٰ ڪٽياڻ ڳوٺ جي ويجهو، ڀئينءَ پور ۾ ٿيو هو. ان بعد سندس والد ڪوٽڙيءَ ۾ لڏي آيو. اهو ڪوٽڙي شهر هاڻوڪي ڀٽ شاهه کان ٻه ميل ڏکڻ طرف هوندو هو، ۽ بلڪل آباد ۽ وڻندڙ هو. منجهس مغل رهندا هئا، جي نهايت سڪيا ستابا هئا. شاهه صاحب، انهن مغلن مان ئي، مرزا مغل بيگ جي نياڻيءَ سيده بيگم، سان شادي ڪئي هئي.

شاهه صاحب شهرن جي شور کي پسند نه ڪندو هو، تنهنڪري ڇا ڪيائين، جو ڪراڙ ڍنڍ جي ڀرسان واريءَ جي هڪ وڏيءَ ڀٽ تي وڃي ڳوٺ ٻڌائين، جو اڄڪلهه "ڀٽ شاهه" جي نالي سان مشهور آهي.

شاهه صاحب جي من ۾ شروع کان ئي الاهي محبت جو مچ ٻري ويو هو، چون ٿا ته هڪ دفعي عبادت ڪندي ڪندي، هن کي ٻه-ٽي ڏينهن گذري ويا. ستان واري وري ويس، ۽ هيءَ پنهنجي ڌُن ۾ مست



شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جو مقبرو

رهيو. سندس والد، حبيب شاهه، کيس گهوليندو اچي
اتي نڪتو. پٽ کي چيائين:

"لڳي لڳي واءُ، ويس انگئا ڏڪجي."

شاهه صاحب يڪدم جواب ڏنو:

"پٽي ڪٽي پساهه، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي."

چون ٿا ته هڪ ڀيري شاهه صاحب حج لاءِ سهي
سنبري نڪتو. واٽ تي ڏينهن اچي تتو، سو هڪ واهه
جي ڪناري تي وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهي رهيو. گهڙي
گذري ته ٻڪريون انهيءَ گهيڙ تي پاڻي پيئڻ آيون.
هنن کي ان وقت ڏاڍي ڪا پياس هئي، سو پري کان
ڊوڙنديون آيون ۽ اچي پاڻيءَ تي ڪِري پيئيون.
جڏهن پيٽ ڀري ڪيائون، تڏهن اتي جو اتي پيشاب ڪرڻ
۽ ڦولهڙيون لاهڻ لڳيون. شاهه صاحب ڏٺو ته مار!
جيسين اڃايل هيون، تيسين پاڻيءَ لاءِ ڪيڏي نه
حب هين، پر جڏهن ڍايون، تڏهن ساڳئي پاڻيءَ کي
ٻيٺيون آهن ڪينو ڪرڻ! ڀلي، حب ڀلي آهي. پوءِ
هي بيت چئي واپس وريو:

"گهوليان گهوليان مَ لهان شال مَ ملان هوت،
من اندر جا لوچ، مچڻ ملڻ سين مائي ٿئي!"

شاهه صاحب نه رڳو ڪامل درويش هو، پر هڪ
وڏو شاعر به هو. سنڌي زبان ۾ اڄ تائين هن جهڙو
شاعر پيدا نه ٿيو آهي. هن کي "شاعرن جو سرتاج"
سڏيو وڃي ٿو. سندس رسالو سڄيءَ دنيا ۾ مشهور آهي.

شاهه صاحب وڏو سياح هو. ڪڏهن جبل پيو جهاڳيندو هو ته ڪڏهن بر پٽ بيابان پيو ورنيدو هو. ڪڏهن فقيرن سان لاهوت پيو گهمندو هو، ته ڪڏهن سمنڊ جو سير پيو ڪندو هو. مطلب ته سنڌ جي چپي چپي کان واقف هو. شاهه جي طبيعت به ڏاڍي ٻاجهاري هوندي هئي. هڪوار جيڪو سانس صحبت ڪندو هو، سو سندس قرب جي ڪري ۾ جڪڙجي ويندو هو. سادو کائيندو هو ۽ سادو هنڊائيندو هو. وڏائيءَ جي منجهس بوءِ به ڪانه هوندي هئي.

هميشه چوندو هو ته نياز ۽ نئڙت انسان لاءِ قدرتي نعمتون آهن. ننڊ تمام ٿوري ڪندو هو. رات جو ٿوري اک هئي، پوءِ اٿي رب پاڪ جو ذڪر ڪندو هو.

هڪ ڏينهن سندس فقيرن دانهن ڪئي ته "سائين، ڪنت ۽ مچرن تپائي ڏنو آهي، ننڊ ئي ڪرڻ نٿا ڏين!" پاڻ فرمايائون ته "اهي ته پاڻ اوهان جا خيرخواهه آهن، جي اوهان کي سجاڳ ڪري، چون ٿا ته اٿي الله پاڪ کي ياد ڪريو! اوهان کي خبر ڪانهي ته هين ننڊ نياڳيءَ ڪئين نهوڙي ڇڏيا!"

شاهه صاحب جي عمر 63 ورهيه ٿي. سن 1165 هجري مطابق سن 1752ع ۾ وفات ڪيائين. سندس قبر جي مٿان جيڪو قبو آهي، سو مياڻ غلام شاهه ڪلهوڙي جو اڏايل آهي.

سندس درگاھ تي ھر جمعي رات ۽ سال بسال صفر مھيني جي چوڏھين، پندرھين ۽ سورھين تاريخ تي ميلو لڳندو آھي.

استعمالي سوال

1. شاھ عبداللطيف رح. ڪٿي ڄائو ھو؟
2. شاھ صاحب ڪھڙو ڳوٺ ٻڌو؟
3. شاھ صاحب حج تي ڇو ڪين ويو؟
4. شاھ صاحب ننڍ لاءِ ڇا چيو آھي؟
5. شاھ صاحب جي درگاھ تي ڪڏھن ميلو لڳندو آھي؟
6. اوھان شاھ صاحب جو ميلو ڏٺو ھجي، ته ان جو احوال ٻڌايو.
7. ھيٺيان لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو ۽ انھن جي معنيٰ ٻڌايو: مطابق - ذڪر - سياح - سرتاج - نعمت - خيرخواھ.
8. اکر ڇا کي چئجي ۽ سنڌي الف - ب ۾ ڪيترا اکر آھن؟

سبق ٻيون

ڀاڻيسرين جا حق

(1)

بابي سائينءَ کي عالمن سان ملڻ ۽ انهن وٽ ويهڻ جو ڏاڍو شوق آهي. هو هميشه ائين چوندو رهندو آهي ته عالمن وٽ ويهي ماڻهو سٺيون ڳالهيون سکي ٿو، ۽ انهن جي صحبت ۽ سنگت ۾ وقت گذارڻ هڪڙي قسم جي نيڪي آهي. ڪيس جڏهن به ڪم ڪان واندڪائي ٿيندي آهي، ته هو وڃي عالمن وٽ ويهندو آهي ۽ وٽانئن علم جو ڪونه ڪو فائدو حاصل ڪندو آهي.

شهر ۾ جامع مسجد آهي. انهيءَ ۾ هڪڙو مولوي صاحب رهندو هو، جو ڏاڍو نيڪ ماڻهو هو. جمعي جي نماز کان پوءِ ماڻهو هن وٽ ويهي رهندا هئا ۽ هو انهن سڀني کي الله ۽ رسول جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو. بابو سائين به وٽس ويندو هو. مولوي صاحب به هن جي اچڻ ڪري ڏاڍو خوش ٿيندو هو ۽ ڪيس گهڻيءَ گهڻيءَ دير تائين پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن وچينءَ جي نماز پڙهي، هو اسان جي گهر ايندو هو، ۽ سومهڻيءَ جي نماز پڙهي واپس ويندو هو.

مولوي صاحب کي ٻارن سان خاص پيار هوندو هو. اسان وٽ ايندو هو، ته ڪڏهن به هٿين خالي ڪونه ايندو هو. هو اسان لاءِ ڪڏهن مٺائي، ڪڏهن ميوو ۽ ڪڏهن ڪارڪون، مطلب ڪا نه ڪا شيءِ ضرور آڻيندو هو. انهيءَ ڪري اسين به سندس اوسيڙي ۾ ويٺا هوندا هئاسين، ۽ جڏهن به هو ايندو هو، ته هڪدم ڊوڙي وڃي کيس سلام ڪندا هئاسين. مولوي صاحب جيترو وقت به اسان وٽ ويهندو هو ته ويٺو اسان کي نصيحتون ڪندو هو. هو بزرگن جي زندگيءَ جا واقعا ٻڌائي، اسان کان سوال پڇندو هو، "ٻڌايو ڀلا، ته انهن ڳالهين مان اوهان ڪهڙو سبق سکيو؟"

هڪڙي ڏينهن مولوي صاحب اسان وٽ آيل هو، ۽ سڀئي ٻار هن جي چوڌاري ويٺا هئا. هو سڀني سان کلندي خوش ٿيندي، ڳالهيون ڪري رهيو هو، ته ايتري ۾ ٻاهران گهٽي گوڙ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. مولوي صاحب بابي کان پڇيو، "هي ڇا جو گوڙ آهي؟" بابي سائينءَ جواب ڏنو، "سائين! اهو گوڙ ته هتي هر روز ٿو ٿئي. اسان جي سامهون ٻه گهر آهن، هڪڙي ۾ وڪيل صاحب ٿو رهي ۽ ٻئي ۾ ڊاڪٽر صاحب آهي. ٻئي هر روز جهيڙي جو ڪو نه ڪو بهانو ڳولهيو ڪڍن!" مولوي صاحب فرمائڻ لڳو، "ڪهڙي نه افسوس جي ڳالهه آهي، جو اهي مسلمان ٿي ڪري، پاڻ ۾ صلح ۽ محبت سان نٿا رهن!"

منھنجن ڀائرن ۽ ڀينرن ۾ زينب ڳالھائڻ ۾ ڏاڍي تيز آھي. سا مولوي صاحب جي ڳالھہ ٻڌي، چوڻ لڳي، ”چو، مولوي صاحب! ڇا، مسلمانن کي پاڻ ۾ وڙھڻ نہ گھرجي؟“ مولوي صاحب پيار سان جواب ڏنو، ”ڌيءَ! اسلام جي تعليم تہ اھا آھي جو پاڙيسري ڪٿي ڪافر ٻہ ھجي، تہ بہ ھن سان محبت وارو سلوڪ ڪرڻ گھرجي. پر ھي تہ مسلمان آھن، ۽ اھڙا پاڙيسري جو گھرُ گھرَ سان گڏيل اٿن!“

منھنجي ڀاءُ اختر کي ڪتابن ۽ رسالن پڙھڻ جو ڏاڍو شوق آھي. ڪجھہ ڏينھن ٿيا، جو ھن رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي زندگيءَ بابت ھڪڙو ڪتاب پڙھيو ھو، تنھن چيو، ”مولوي صاحب، اسان جي پيغمبر آنحضرت صلي الله عليہ و آلہٖ وسلم جن تہ پاڙيسرين بابت ڪيتريون ئي ڳالھيون فرمايون آھن.“

مولوي صاحب اھا ڳالھہ ٻڌي، ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ چوڻ لڳو، ”ھائو، پٽ! آنحضرت صلي الله عليہ و آلہٖ وسلم جن پاڙيسرين جي حقن بابت گھڻيون ڳالھيون ڪيون آھن. انھن مان ھڪڙي توھان کي ٻڌايان ٿو.“

ھن پيري تہ رحمت بہ ماٺ ڪانہ ڪئي. ھوءَ ڏاڍي ادب سان چوڻ لڳي، ”مولوي صاحب، ھڪڙي ڳالھہ نہ پر ٻہ ٻڌايو!“ مولوي صاحب ھن جي سادگيءَ تي کلي، چوڻ لڳو، ”ڇو ڌيءُ ھڪ نہ، پر ٻہ ٻڌو! ھڪڙي تہ اھا آھي، جو پاڻ فرمايو اٿن، ’پاڙيسريءَ

ڪي ستائڻ وارو دوزخي آهي. پوءِ ڇو نه هو ڪٿي سڄي رات عبادت ڪري ۽ ڏينهن جا ڏينهن روزا رکي!' ٻي ڳالهه هيءَ آهي، ”جيڪو پاڙيسريءَ جو حق بجاءِ آڻي ٿو، ان تي خدا جي رحمت ٿئي ٿي'.“

استعمالي سوال

1. هيٺين جملن ۾ ”جو“ يا ”جي“ جي لفظ سان مناسب خال ڀريو:

(1) منهنجي ڀيڻ کي پڙهڻ --- ڏاڍو شوق آهي.

(2) منهنجو اڄ اوڏانهن وڃڻ --- اراد و آهي.

(3) نيڪ ماڻهن --- صحبت ۾ وقت گذارڻ هڪڙي قسم --- نيڪي آهي.

(4) ڪلهه آءٌ توهان --- خدمت ۾ حاضر ٿيو هوس.

(5) آءٌ صبح کان ئي توهان --- انتظار پيو ڪريان.

(6) پيٽي لڙائي ڪرڻ --- لاءِ ڪو نه ڪو بهانو ڳوليو وٺن.

(7) پاڙيسريءَ سان محبت --- سلوڪ ڪرڻ گهرجي.

2. هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(1) پاڙيسريءَ سان اسان کي ڪهڙو سلوڪ ڪرڻ گهرجي؟

(2) رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن پاڙيسريءَ بابت ڪهڙيون ڳالهيون ٻڌايون آهن؟

سبق چوٿون

پاڙيسرين جا حق

(2)

مولوي صاحب ڪن موقعن تي ڪن بزرگن جي زندگيءَ جا واقعا به ٻڌائيندو هو. انهيءَ ڪري، هڪڙي ڀيري سمنيءَ ڪيس چيو، "مولوي صاحب، ڪي اهڙا سچا واقعا ٻڌايو، جن مان خبر پوي ته اسان جا بزرگ پنهنجن پاڙيسرين سان ڪهڙو سلوڪ ڪندا هئا." مولوي صاحب جن چيو، "هائو، هائو! ضرور ٻڌو! هڪڙو واقعو ته حضرت ابوبڪر صديق رض جن جي زندگيءَ جو آهي."

ادو عثمان جو هيستائين ماٺ ڪريو ويٺو هو، سو مولوي صاحب جي ڳالهه ٻڌي، چوڻ لڳو، "ڪيرا! حضرت ابوبڪر صديق رضه اهوئي اصحابي نه، جيڪو رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن کان پوءِ پهريون خليفو ٿيو هو؟" مولوي صاحب جواب ڏنو، "هائو، هائو! پر، اهو ساڳيو ئي. ڳالهه هيءَ آهي ته خليفي ٿيڻ کان اڳ هو پنهنجون ٻڪريون پاڻ چاريندو هو، ۽ ڪير به پاڻ ڏهندو هو، پنهنجن ٻڪرين کان سواءِ هو پاڙي وارن جون به ٻڪريون ڏهندو هو. جنهن ڏينهن کان هن جي خليفي ٿيڻ جو اعلان ٿيو، ته پاڙي جي هڪڙي ڇوڪريءَ کانئس پڇيو،

”هاڻي اسان جون ٻڪريون ڪير ڏهندو؟“ پاڻ فرمايائون، ”آءٌ خليفو ٿي ويو آهيان ته ڇا ٿي پيو! جيسين آءٌ جيئرو رهندس، انشاءالله توهان جون ٻڪريون ڏهندو رهندس.“

اهو قصو ٻڌي، سيٺ جي دل تي وڏو اثر ٿيو. بابا سائين چوڻ لڳو، ”پٽ ڏسو ته سهي! حضرت ابوبڪر صديق رضه مسلمانن جو بادشاهه هو، پر خليفي ٿيڻ کان پوءِ به ڪين پنهنجي پاڙيسرين جو ساڳيوئي خيال هو، جيڪو اڳ ۾ هو!“

مولوي صاحب وري پنهنجي ئي ڳالهه شروع ڪئي، چوڻ لڳو، ”بابا! ٻيو واقعو حضرت ابو حنيفي رح جو آهي.“

”عام طرح حضرت امام ابو حنيفي رح کي امام اعظم رح چوندا هئا. سندس نيڪيءَ ۽ بزرگيءَ جو اهو حال هو جو راتين جون راتيون جاڳي، الله سائينءَ جي عبادت ڪندو هو. سندس پاڙي ۾ هڪڙو موچي رهندو هو. هن جي اها عادت هئي، جو رات جو پنهنجي يارن ۽ دوستن کي گهر آڻيندو هو، ۽ پوءِ سڀئي گڏجي سڄي رات ڳائيندا وڄائيندا هئا. انهن جي گوڙ جي ڪري، امام اعظم رح جي عبادت ۾ رخنو پوندو هو. پر هن موچيءَ سان ڪڏهن به انهيءَ ڳالهه جي شڪايت ڪانه ڪئي. اتفاق سان هڪڙيءَ رات شهر جو ڪوٽوال اتان اچي لنگهيو، گوڙ جو آواز

ٻڌي، هن موچيءَ کي ٻاهر سڏايو، ۽ پوءِ ڪٺي جيل ۾ بند ڪرايائينس. انهيءَ رات امام اعظم رح. جي پاڙي ۾ ماٺ رهي. صبح جو جڏهن گهر کان ٻاهر نڪتو، ته ماڻهن کان خبر پيس ته موچيءَ کي ڪوتوال پڪڙي ويو آهي!

پنهنجي پاڙيسريءَ جي گرفتاريءَ جو کيس ڏاڍو رنج ٿيو؛ سو انهيءَ ئي مهل پاڻ گورنر ڏانهن ويو، گورنر سندس ڏاڍي عزت ڪندو هو؛ هن کي جو سندس اچڻ جو اطلاع مليو، ته هو پاڻ سندس استقبال لاءِ ٻاهر نڪري آيو، ۽ کيس وڏيءَ عزت سان اندر ويهاري، ڪانئس اچڻ جو سبب پڇڻ لڳو، امام اعظم رح. جڏهن کيس سڄو قصو ٻڌايو، ته گورنر هڪدم ڪوتوال کي چٺي، موچيءَ کي آزاد ڪرايو. رستي ۾ امام صاحب جن کي موچي چوڻ لڳو، اوهان مون تي وڏو احسان ڪيو آهي!" امام صاحب جن چيو، "نه ادا، نه! هن ۾ احسان جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ مون ته پاڙيسريءَ جو حق نباهيو آهي."

هن پيري، وري ادي عثمان ڳالهايو. هُو چوڻ لڳو، "مولوي صاحب! پوءِ ڇا ٿيو؟"

انهيءَ سوال تي وني سڀني کليو. مولوي صاحب چوڻ لڳو، "واه، واه! هن ڳالهه تي کلو ڇو ٿا؟ عثمان جو سوال ته بلڪل ٺيڪ آهي، ڇو جو انهيءَ کان پوءِ موچيءَ رات جو ڳائڻ وڄائڻ بند ڪري ڇڏيو، ۽ نيڪيءَ ۽ صبر جي رستي تي هلڻ لڳو،

هو ايترو ته نيڪ ۽ ماڻهو ٿي ويو، جو اوري پري تائين مشهور ٿي ويو."

مولوي صاحب اها ڳالهه پوري مس ڪئي هئي، ته ڀر واريءَ مسجد مان سومهڻيءَ جي ٻانگ ٻڌڻ ۾ آئي. مولوي صاحب چوڻ لڳو، "چڱو، ادا، هاڻي نماز جو وقت ٿي ويو آهي! انشاءَ الله وري ڪنهن ٻئي ڏينهن ڳالهيون ڪنداسين."

اسڪالي سوال

هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. حضرت ابوبڪر صديق رض، ڪير هو؟
2. جنهن ڏينهن حضرت ابوبڪر صديق رض، خليفو ٿيو، انهيءَ ڏينهن ڇوڪريءَ ڇا چيس؟
3. حضرت ابوبڪر صديق رض، ڇوڪريءَ کي ڪهڙو جواب ڏنو؟
4. امام اعظم جي پاڙي ۾ جيڪو موچي هوندو هو، سو رات جو ڇا ڪندو هو؟
5. موچيءَ جڏهن امام اعظم کي چيو ته، "توهان مون تي وڏو احسان ڪيو آهي"، ته امام صاحب کيس ڪهڙو جواب ڏنو؟
6. هن سبق ۾ توهان جيڪي واقعا پڙهيا آهن، اهي لکي ڏيکاريو؟
7. هيٺيان لفظ جملن ۾ استعمال ڪريو:
سلوڪ - اعلان - گوڙ - رخنو.

سبق پنجون


ڇاپخاني جي ايجاد

اڄ کان هزارين سال اڳ ماڻهن کي لکڻ ڪونه ايندو هو. ڪو ڪنهن سان ويچارن جي ڏي وٺ ڪندو هو، ته اها رڳو زباني ٿيندي هئي. جيئن ماڻهوءَ سان ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي، هو آها جلد ئي وساري ڇڏيندو هو. ماڻهن کي خبر پوندي هئي، ته ڪٿي ڪو الله جو بندو سٺيون ڳالهيون ٿو ٻڌائي، ته هو پري کان هلي، اچي هن جون ڳالهيون ٻڌندا هئا. پوءِ پنهنجي ملڪ، شهر يا ڳوٺ ۾ واپس اچي، اهي ڳالهيون ٻين کي ٻڌائيندا هئا. وڏا وڏا اُستاد پنهنجن شاگردن کي به ائين پڙهائيندا هئا، استاد ڳالهيون ڪندو هو ۽ شاگرد زباني ياد ڪري وٺندا هئا. استاد کان سکيل ڳالهيون هو وري پنهنجن ٻين شاگردن کي ٻڌائيندا هئا. علم حاصل ڪرڻ جو اهو سلسلو ۽ طريقو ائين هلندو رهيو. انهيءَ طريقي ۾ خرابي اها هئي ته بزرگن ۽ استادن جون ڳالهيون رڳو ٿورن ماڻهن تائين پهچي سگهنديون هيون، ۽ پري رهڻ وارا گهڻو ڪري اهڙين نعمتن کان محروم رهندا هئا.

پوءِ اهڙو زمانو آيو، جڏهن انسان لکڻ سکيو. عقلمند انسان جيڪي ڳالهيون ڪندا هئا، ته ماڻهو آهي لکي وٺندا هئا. پر انهيءَ طريقي ۾ ڪيتريون ئي اوڻايون هيون. هٿ سان لکيل ڪتابن تي ڏاڍي محنت ڪرڻي پوندي هئي ۽ وقت به ڏاڍو ميڙبو هو. ڪتاب گهڻي انداز ۾ لکي ڪين سگهبا هئا، ۽ ٿورن ڪتابن مان ٿورائي ماڻهو فائدو وٺي سگهندا هئا. انهن تي ڏاڍي محنت ۽ ڏاڍو خرچ پڻ ٿيندو هو. انهيءَ ڪري آهي ڪتاب ڏاڍا مهانگا هوندا هئا ۽ هرڪو ماڻهو آسانيءَ سان خريد به ڪري ڪين سگهندو هو. رڳو امير ماڻهو هٿ جا لکيل ڪتاب خريد ڪندا هئا، ۽ انهن علم مان فائدو وٺندا هئا.

انسان جهڙيءَ طرح پنهنجي آرام ۽ فائدي جون ٻيون ڳالهيون سوچيون، تيئن هن اهو به خيال ڪرڻ شروع ڪيو ته اهڙو ڪو طريقو ڪڍجي، جنهن سان ڪتاب جلدي لکي سگهجن، ۽ سستا به هجن، جو امير توڙي غريب سڀيئي انهن مان فائدو حاصل ڪري سگهن. اهوئي خيال ڇاپخاني جي ايجاد جو سبب ٿيو.

سڀ کان پهريون شخص، جنهن جدا جدا اکرن کي گڏي ڪتابن ڇپڻ جو طريقو ايجاد ڪيو، اهو جرمني ملڪ جو رهاڪو هو. هن جو نالو گٽنبرگ هو، ۽ هو سن 1400ع ۾ ڄائو هو. چون ٿا ته، هن جو اصلي ڌنڌو آرسين ٺاهڻ جو هو، پر آهستي آهستي هن جي دلچسپي ڪتابن جي ڇپائيءَ ڏانهن ٿيڻ لڳي،



گُٽنبرگ ۽ سندس ايجاد ڪيل ڇپائيءَ جي مشين

۽ هن پنهنجو اصلي ڌنڌو ڇڏي، سڄو وقت انهيءَ
ڪم ۾ لڳائڻ شروع ڪري ڇڏيو.

گٽنبرگ پهريائين ڪاٺ جي ٽڪڙن تي اکر
ڪاڙهي، ڪتاب ڇاپيا، پر ترت ئي هن کي احساس ٿيو
ته ڪاٺ تي اُڪريل اکر ٽڪرو گسي ٿي ويا، ۽
ساڳي وقت انهن سان ٽيل ڇپائي صاف ۽ سٺي بہ
ڪانہ ٿي بيٺي. انهيءَ خاميءَ کي دور ڪرڻ لاءِ
هن هڪڙي ٻئي ماڻهوءَ کان مدد ورتي. انهيءَ ماڻهوءَ
جو نالو، شوفر هو. شوفر ڌاتوءَ جي ڪم ۾ ڏاڍي
مهارت رکندو هو. هن گٽنبرگ کي سانچن جي مدد
سان ڌاتوءَ جا اکر ٺاهڻ سيکاريا. اهڙيءَ ريت هڪ
ننڍو ڇاپخانو تيار ٿي ويو. انهيءَ ڇاپخاني مان سن
1456ع ۾ پهريائين "گٽنبرگ" عيسائين جو مقدس
ڪتاب انجيل ڇپي ظاهر ڪيو.

گٽنبرگ سن 1486ع ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري
ويو، پر هن جي ايجاد مان پوءِ ماڻهن ڏاڍو فائدو
ورتو. هن جي ٻڌايل ۽ سيکاريل رستي تي هلي ڪري،
ڪيترن ئي ملڪن جي ماڻهن هن مفيد ايجاد ۾ وڏيڪ
ترقي ڪئي. هاڻي تہ دنيا جي هر ڪنهن ملڪ ۾ لکين
ڪتاب ڇپجن ٿا، ۽ سڀئي، ننڍا توڙي وڏا انهيءَ
وسيلي سان علم حاصل ڪن ٿا. ڇاپخانن ۾ خوبصورت
کان خوبصورت ۽ رنگين ڪتاب ڇپجن ٿا، جوان،
پوڙها، عورتون ۽ مرد سڀئي انهن کي شوق ۽
دلچسپيءَ سان پڙهن ٿا. ڇاپخانن ۾ هر روز اخبارون

ٻہ ڇپجن ٿيون. انهن اخبارن جي وسيلي هزارين ڪوهن جون پرانهيون خبرون اسان کي هر روز پڙهڻ لاءِ ملي سگهن ٿيون. ڇاپخانا نہ هجن ها تہ انسانَ علم ڪان، جيڪا دنيا جي هڪڙي بي مثل دولت آهي، هوند محروم رهجي وڃن ها.

استعمالي سوال

هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. پراڻي زماني ۾ استاد پنهنجن شاگردن کي ڪيئن پڙهائيندا هئا؟
2. انسان شروعات ۾ جيڪو لکڻ جو طريقو ايجاد ڪيو، ان ۾ ڪهڙي اوڻائي هئي؟
3. هيٺين جملن ۾ "جو" يا "جي" جي جاءِ خالي ڇڏيل آهي. انهن هنڌن تي "جو" يا "جي" جا لفظ اهڙيءَ طرح ڪم آڻيو، جو جملا صحيح لڳن:
   (i) علم حاصل ڪرڻ ... اهو سلسلو ڪافي وقت تائين جاري رهيو.
   (ii) اهو ڪتاب ڇاپڻ ... تمام سٺو طريقو آهي.
   (iii) گٽنبرگ ... اصلي پيشو آرسين ڌاهڻ جو هو.
   (iv) شوفر ڪاٺ... اکر بدران ڌاتوءَ جا اکر ٺاهيا.
   (v) ٻارن ۾ علم حاصل ڪرڻ ... شوق هجڻ گهرجي.
   (vi) علم دنيا ... سڀ کان وڏي دولت آهي.
4. ڇاپخانا نہ هجن ها تہ هوند انسانَ کي ڪهڙو نقصان رسي ها؟

سبق ڇهون

رڌ پچاءُ

ڇوڪرين کي جيترن پين هنرن سيکارڻ جي ضرورت آهي، اوتري اِها به لازمي ڳالهه آهي ته کين رڌ پچاءُ به سيکاريو وڃي. انهيءَ جو مطلب اهو نه آهي ته ڇوڪرين کي عمدا ۽ عاليشان کاڌا رڌڻ اچن. پر سڀني رڌ پچاءُ ڪرڻ واري سڀني ڇوڪري آها آهي، جنهن ۾ هيٺيون ٽي خاصيتون هجن: صفائي، سنڀال ۽ وقت جي پابندي.

کاڌي لاءِ پهريائين ضروري ڳالهه آهي صفائي، ڇو ته جيڪڏهن رڌڻو غليظ هوندو ۽ کاڌي جا ٿانوَ ٿپا ميرا سيرا هوندا، ته کاڌي کائڻ واري کي ڪراهت ايندي؛ ڇو ته کاڌو ڪيترو ئي لذيذ ڇو نه هجي، پر انهن ڳالهين ڪري اهو بي لطف ۽ بي مزي ٿيو وڃي. تنهنڪري هر ڪنهن ڳالهه ۾ صفائيءَ جو ڌيان رکڻ ضروري آهي.

رڌڻو هميشه پهاريل سهاريل، صاف ۽ سٺرو هجي. تنهن کان پوءِ اهو به ڌيان رکجي ته رڌڻي کي مهيني - پن کان پوءِ ليپو ضرور ڏجي. رڌ پچاءُ ۽ کاڌي پيتي جي ٿانوَن کي چارُ سان ملي صاف ڪجي.

چار ۾ سٽيپ ۽ ميراڻ جذب ٿي وڃن ٿا. پوءِ صاف پاڻيءَ سان انهن کي ڌوئي، خشڪ ڪري، صاف ڪپڙي سان اگهڻ گهرجي. ان لاءِ گدلو يا ميرو ڪپڙو ڪڏهن ڀلجي به استعمال نه ڪجي، نه ته ٿانوَن سڀڻ ۽ ڌوئڻ جي هٿلاڪي اجائي برباد ٿي ويندي. ڇو جو هڪ پاسي ٿانوَن تان ميراڻ لهندي ته ٻئي پاسي وري انهن تي ميراڻ لڳي ويندي.

رڌپچاءَ ۽ کاڌي کارائڻ وقت ٿانوَن کي پهر صاف ڪپڙي سان اگهڻ گهرجي، ۽ وري وري هٿن کي ڌوئڻ گهرجي، ڇو جو سڀئي ۽ ڌوڙ ٿانوَن ۽ هٿن تي لڳندي رهي ٿي، جنهن کي کاڌي جي شين ۾ مڙڻ نه ڏجي. صاف ڪرڻ وارين شين کي، جهڙوڪ ڪپڙو وغيره، جيڪي هر روز ڪم ۾ اچن، انهن کي، هر روز صابڻ سان ڌوئي، سڪائڻ ضروري آهي.

ساڳيءَ طرح آهي ٿانوَ، جيڪي رڌپچاءَ ۽ کاڌي پيتي جي استعمال ۾ اچن ٿا، تن کي ڪم پوري ٿيڻ تي صاف ڪرڻ بهتر آهي؛ اهو ڪم گهڻي وقت لاءِ، ڦاري ڇڏڻ نه گهرجي. ائين ڪرڻ سان ٿانوَن جي قلعيي يا چمڪ گهڻو وقت جٽاءَ ڪري ٿي، ۽ انهن جي صفائي ۽ رونق هر وقت قائم رهي ٿي.

مٿي جيڪي ڳالهيون ٿيون آهن، اهي رڳو صفائيءَ بابت آهن. سٺي رڌپچاءَ جي لاءِ ٻي ضرورت آهي، سنڀال يا ڌيان. ان جو مطلب اهو آهي ته کاڌي

رڌڻ ۽ ڪارائڻ وقت توهين ڪو عار يا وڏائي نہ ڪريو. پر، هر ڪنهن ڳالهہ جي اهڙي سنڀال ڪريو، جئن تہ توهين پاڻ نوڪر آهيو ۽ ٻيا ماڻهو توهان جي ڪم ڪار ڪي ڏسي يا چڪاسي رهيا آهن. جڏهن توهان جي ڪم جي ٻيا نظرداري ڪن ٿا، تہ پوءِ توهان کي ائين سمجهڻ گهرجي تہ ڪٿي بہ ڪا ٿوري اوڻائي رهجي ويئي يا ڪو ٿورو خراب ٿيو تہ انهيءَ بي خياليءَ ڪري توهان جي گهڻي بدنامي ٿيندي.

رڌ پچاءَ تي ويهڻ وقت، جنهن جنهن شيءِ جي ضرورت هجي، اها اڳواٽ ئي پاڻ وٽ رکڻ گهرجي. ائين نہ ٿيڻ گهرجي جو ڀڄيءَ وقت مصالحي ڪٽڻ لاءِ ڊوڙو. پاڻيءَ جي ضرورت پوي تہ اٿي لوٽو ڀريو. باهہ گهٽ ڪرڻي هجي تہ چمٽو ڳولبو وتجي. مطلب تہ هر ڪا شيءِ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي سليقي سان رکيل هجي، تہ جيئن وقت سر تڪليف نہ ٿئي.

ڪاڌو جيترو گهرجي، اوترو ئي رڌي، اڳيان رکجي. ڪاڌو ٿورو هوندو، تہ توهان کي شرمندو ٿيڻو پوندو. وڌيڪ هوندو تہ ضايع ٿي ويندو. ۽ مفت جو نقصان ٿيندو. لوڻ، مرچ ۽ گيهہ جو بہ پورو اندازو رکبو. انهن مان ڪابہ شيءِ وڌيڪ يا گهٽ هوندي، تہ ڪاڌو بي مزي ٿي ويندو. اهڙيءَ طرح رڌ پچاءَ ۾ اهو ڌيان بہ ضروري آهي تہ ڪاڌو ڪٿي ڪچو نہ رهجي وڃي يا ماڳهين سڙي ڪوئلو ٿي نہ وڃي.

سٺي رڌ پچاءَ لاءِ ٻين ضروري ڳالهه آهي، وقت جي پابندي. وقت جو گهڻو خيال رکڻ گهرجي. ڪاڌو هميشه وقت تي تيار ڪجي. ائين نه ته ٻار اسڪول لاءِ تيار آهن ۽ ماني لاءِ انهن ڳوهيل ئي ڪونهي! يا ٻار اسڪول مان ٿي موٽي آيا، ۽ ڳنڍڻ اڃا تيار نه آهي! سڀئي ٻار گوڙ ڪري رهيا هجن، ۽ توهين گهٻرائجي وڃو، ته ڇا ڪجي، ڇا نه ڪجي.

پهريائين سوچڻ ويچارڻ گهرجي ته اڄ ڪهڙي شيءِ رڌبي ۽ ڪاڌو ڪيڏي مهل تيار ٿي سگهندو. اهڙي ريت وقت جو اندازو ڪري، رڌ پچاءَ تي ويهو، ته توهان کي ڪڏهن به ڪنهن ڳالهه ۾ دير ۽ اوير ڪانه ٿيندي.

استعمالي سوال

1. سٺي رَڌَ پچاءَ ڪندڙ جون وصفون ٻڌايو؟
2. رڌ پچاءَ ۽ ڪاڌي پيتي جا ٿانوَ، ڪهڙيءَ ريت صاف رکڻ گهرجن؟
3. هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو ۽ اهي جملن ۾ استعمال ڪريو:

غليظ - ڪراهت - رڌڻو - سنڀال - مصالحو.

سبق ستون

آس جو جادو

الله تعاليٰ جي ڏنل نعمتن مان سج ٻہ هڪڙي عجيب نعمت آهي. جيڪڏهن سج نہ هجي ها، تہ دنيا ۾ اونده ئي اونده هجي ها، پوءِ نڪا هجي ها گرمي نڪا ٿئي ها وري ڪا روشني. انهيءَ ڪان سواءِ سردي هوند اهڙي هجي ها، جو ڪوبہ جاندار جيئرو ڪونہ رهي سگهي ها. سج جي گرمائش ۽ آس مان اسان کي سوين سک ٿا ملن، ۽ اسين انهن سڀني کان محروم ٿي وڃون ها. نڪو فصل آباد ٿي سگهي ها، نڪو اَنُّ پچي راس ٿئي ها، نڪي رنگارنگي گل ٽڙن ها ۽ نڪي وري ڪي مزي مزي وارا پڪل ميوا اسان کي ملي سگهن ها. سج جي گرمي نہ هجي ها، تہ سمنڊ جو پاڻي ٻاڦ بنجي، مٿي ڪکر ڪين ٿهن ها، ۽ نڪا وري برسات جي بوندئي وسي ها. پوءِ تہ هيءَ اسان واري دنيا ويران رڻ پٽ ٿي پوي ها! ۽ ساوڪ جو نشان ڪٿي بہ ڪونہ هجي ها.

انسان شروعات کان ئي هن دنيا ۾ سج جي آس تي زندگي گذاري رهيو آهي. پراڻي زماني ۾ جڏهن

انسان اڃا ٻاهه ٻارڻ ڪونه سکيو هو، تڏهن جتي جتي گهٽي گرمي هوندي هئي، اتي پٿرن کي اس ۾ تپائي تپائي انهن تي ڪاڌو تيار ڪندا هئا. چون ٿا ته هڪڙي يوناني سائنسدان پنهنجي ملڪ جي دشمنن جا جهاز اس سان ساڙي ٻاري ڇڏيا هئا. اصل قصو ائين ٻڌايو وڃي ٿو ته روم ملڪ جو سامونڊي ٻيڙو يونان جي سامونڊي ڪناري تي اچي لنگرانداز ٿيو. رومي ٻيڙو يونان تي حملي ڪرڻ جي ارادي سان آيو هو، پر رومين جي حملي کان اڳواٽ هن سائنسدان اهڙي اٽڪل ڪئي، جو رومين جا سڀئي جهاز ڪامي سڙي خاڪ ٿي ويا. هن پتل جي وڏين وڏين چلڪي وارين آرسين کي اهڙيءَ ريت بيهاريو، جو سج جا ڪرڻا آرسين کي لڳي اتان موٽ کائي، وڃي ٿي دشمن جي جهازن تي ڪريا. ڪرڻن جي گرمائش جهازن کي جلائي رک ڪري ڇڏيو. ائين ٿي محسوس ٿيو ته اس ڄڻ جهازن تي ڪو جادو ڪري ڇڏيو هو.

اس جو اهڙو جادوءَ جو قصو ته ڏاڍو پراڻو آهي، پر موجوده زماني ۾ به اس يعني سج جي گرميءَ کان جيڪي ڪم ورتا ٿا وڃن، سي به ساڳيءَ طرح ڄڻ جادوءَ جهڙائي آهن. ٿوروئي وقت ٿيندو جو ڪراچيءَ ۾ هڪڙي هنري نمائش لڳي هئي، انهيءَ نمائش ۾ اهڙيون سگريون ڏيکارڻ لاءِ رکيون هيون، جيڪي اس سان ٿي ٻريون. انهن سگرين ۾ اس جي مدد سان ٿوري ئي دير ۾ ڪاڌو تيار ٿي ٿي سگهيو.

مغربي ملڪن ۾ ماڻهن اهڙيون ڀٽيون ٺاهي ورتيون آهن، جيڪي آس تي گرم ٿيو وڃن. پيالي وانگر وڏين وڏين آرسين سان آس جي ڌُپَ تي ڌاتو ٻه رجايو ڇڏين. اهڙيءَ ريت اهي ڀٽيون ساڳيو ٻاھ وارين ڀٽين جهڙو ڪم ڏيون ڏين. دنيا ۾ اهڙيءَ طرح وڏي ۾ وڏي اهڙي ڀٽي فرانس ملڪ جي هڪڙي جبل تي ٺاهي ويئي آهي.

ساڳئي نموني تي ڪن گرم ملڪن جي وڏين وڏين هوٽلن، عمارتن ۽ آفيسن ۾ پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ آس ڪم آڻين ٿا. اصل ۾ آتي پاڻيءَ جي پريل ٽانڪين تي اهڙيءَ ريت آس جو ڌُپَو ٿا ڪيرائين، جو ان جي گرمائش ڪري، پاڻي ڪوسو ٿيو پوي. نه رڳو ايترو پر ساڳيءَ طرح پاڻيءَ کي ٺهڪائي به سگهجي ٿو.

توهان هيءَ ٻڌي ضرور حيران ٿي ويندا، ته سائنسدانن آس جي مدد سان بجلي پيدا ڪرڻ جو رستو پڻ ڳولي ڪڍيو آهي.

آمريڪا جي ڳوٺڙن ۾ سج جي ٻئٽرين تي ٽيليفون پيا ڪم ڪن. اهي ٻئٽريون تمام سهانگيون آهن ۽ انهن جي سنڀال ڪرڻ به سولي آهي. اهي آس تي ازخود بجلي پيدا ڪري ٿيون سگهن. انهيءَ کان سواءِ اهڙيون ڪلون يا مشينون به ٺاهيون ويون آهن، جيڪي ڪوئلي يا تيل جي بدران آس جي گرميءَ تي هلن ٿيون.

مٿين سڀني ڳالهين جاچڻ کان پوءِ اُئين ڏو محسوس ٿئي ته اُس ڄڻ سچ پچ هڪڙي قسم جو جادو آهي، ۽ اهو جادو هاڻي آهستي آهستي سڄيءَ دنيا ۾ پکڙجي رهيو آهي. پاڪستان ته هڪ گرم ملڪ آهي، جتي ٻارهن ئي مهينا اُس موجود رهي ٿي. هتي اسين انهيءَ اُس مان ڪيترائي فائدا حاصل ڪري سگهون ٿا.

استعمالي سوال

1. هيٺيان جملا پورا ڪري، وري لکو:
   (1) سج نه هجي ها ته......
   (2) سج جي گرميءَ مان اسان کي سوين......
   (3) سج جي گرمي نه هجي ها، ته هوند سمنڊ جو پاڻي......
   (4) برسات نه پوي، ته سڄي دنيا هوند......
2. هيٺيان لفظ جملن ۾ استعمال ڪريو:
   لنگرانداز ٿيڻ - محروم ٿي وڃڻ - سهانگيون - محسوس.
3. اُس جي فائدن تي گهٽ ۾ گهٽ ڏهه جملا لکي ڏيکاريو.

سبق اٺون

سُر سامونڊي

داستان پهريون

پڳهه پاسي ويهه، آيل سامونڊين جي،
تُون ويسري وڃ ڪٿهين، هُو ٻُوريندا پرڏيهه،
سمنڊ جن سانڍيهه، ڪوهه نه ويٺين تن سين.
سيئي جوڀن ڏينهن، جڏهن سڄڻ سفر هليا،
روئان، رهن نه سپرين، آيل ڪريان ڪيئن،
مون کي چاڙهي چيئن، ويو وڻجارو اوهري.
نه سي تڙ هوڙاڪ، نه وايون وڻجارن جون،
سرتيون سامونڊين جا، اڄ پڻ چڪيم چاڪ،
ماريندهون فراق، پاڙيچيون پرين جا.
ٻيڙيءَ جي ٻڌڻ، نينهن نه ڪجي آن سين،
اڀيون ڏنئي ڏسڻ، جهه سڙهه ڏيئي سير ٿيا.
مر نسريا پاند، اتر لڳا آه پرين،
مون تو ڪارڻ ڪاند، سهين سڪائون ڪيون.
سر، لوهيڙا ڳيا، ڪسر نسريا،
تو ڪيئن وسريا، ڍوليا! ڏينهن اچڻ جا.

— شاهه رح

استعمالي سوال

1. ساموندي پرديس ڇو ويندا هئا؟
2. مٿين بيتن ۾ ساموندين جي جدائيءَ جو نقشو جو شاهه رح چٽيو آهي، سو ٻڌايو.
3. هيٺين بيت جي سمجهاڻي ڏيو:

ٻيڙيءَ جي پٽن، نينهن نه ڪجي ان سين،
ايون ڏنيءَ ڏسن، جهڙي سڙهه ڏيئي سير ٿيا.

4. هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:

پگهه - ويسري - پوريندا - چيٽن - اوهڙي - هوڙاڪ - پاڙيچيون - سڪائون - ڪسر.

سبق نائون

مسلمانن جون ايجادون

اوهان پنهنجي ڪتابن ۾ اڪثر انهن عجيب غريب ايجادن ۽ کوجنائن جون آکاڻيون پڙهندا رهيا آهيو، جن جي ڪري انسان جي زندگيءَ ۾ تمام گهڻيون سولايون پيدا ٿي ويون آهن. پر هن ڳالهه جي تمام ٿورن ماڻهن کي خبر هوندي ته انهن مان گهڻيون ايجادون ته اهڙيون آهن، جو رڳو مسلمانن جي ڪوششن ڪري دنيا ۾ ظاهر ٿيون.

مسلمانن جي اعليٰ ۽ شاندار ايجادن جي فهرست گهڻي ڊگهي آهي. اڄ توهان کي انهن مان ڪن ايجادن جو احوال ٻڌائبو. اسين اڄ انهن مان فائدو ته وٺون ٿا، پر اها خبرئي ڪانه اٿئون ته آهي ڪي اسان جي وڏن جا ڪارناما آهن.


توب، بندوق ۽ گولا بارود مسلمانن جون ايجادون آهن. مير فتح علي ٽالپر هڪڙي شخص اهڙي بندوق ٺاهي هئي، جنهن مان هڪڙي ئي وقت ٻارهن گوليون ڇوڙي سگهبيون هيون. ساڳئي سائنسدان اهڙي به بندوق ٺاهي هئي، جيڪا پاڻمرادو چٽندي هئي.

مسلمانن جهازراني ۾ قومن کان گهڻو اڳي شروع ڪئي هئي. ڪنهن زماني ۾ مصر ۽ شام جي سامونڊي ڪنارن تي جهازن ٺاهڻ جا وڏا وڏا ڪارخانا هئا. پهرياڻين جڏهن جهازرانيءَ جو رواج شروع ٿيو، تڏهن گهڻائي جهاز سمنڊ ۾ ٻڏي ويندا هئا. مسلمانن هڪڙو اهڙو اوزار ايجاد ڪيو، جنهن سان سمنڊ ۾ ٻڏل ٻيڙا ٻاهر ڪڍي سگهبا هئا.


طرفن سڃاڻڻ جو اوزار، جنهن کي "قطب نما" ٿو چئجي، سو ته توهان ضرور ڏٺو هوندو. اهو اوزار به مسلمانن جي ايجاد آهي.

واچون ته هينئر گهر گهر ۾ موجود آهن. انهن کان سواءِ چڻ اسان جو ڪم نٿو هلي، پر انهيءَ ڳالهه جي شايد ٿورن کي خبر هوندي ته پهرين واچ ٺاهيندڙ مسلمان هو. هن جو نالو ابن يونس هو. آهستي آهستي مسلمان انهيءَ فن جا ماهر بڻجي ويا. هنن بيشمار قسمن جون عجيب ۽ غريب واچون ٺاهي ورتيون. خليفي هارون الرشيد فرانس جي بادشاهه کي تحفي طور هڪ اهڙو گهڙيال موڪليو، جنهن ۾ اندر هڪڙا ننڍڙا پتل جا گهوڙيسوار هئا. گهڙيال جيترا به ڪلاڪن جا لڪ ٿي هنيا، اوترائي گهوڙيسوار

هڪڙو هڪڙو ٿي، اندران ٻاهر ٿي نڪتا، ۽ ٻاهر گهمي ڦري، اندر ٿي ويا.



ساڳئي خليفي جو زمانو هو، جو دمشق جي شهر ۾ هڪ وڏي عمارت ۾ هڪڙو وڏو تختو لڳل هو. انهيءَ تختي ۾ پتل جون دريون ٺهيل هيون، هر هڪ دريءَ ۾ ننڍا ننڍا دروازا لڳل هئا، دروازن جي ٻنهي پاسن تي ٻه، جهرڪيون پتل جي ٽالهين سان جڙيل هيون. جڏهن هڪڙو ڪلاڪ ٿي گذريو ته ٻنهي جهرڪين پنهنجيون کچيون اڳتي ڪري، پنهنجين چهنبن سان پتل جون اوتريون گوليون ٽالهيءَ ۾ ٿي ڪيرايون، جيترا ڪلاڪن جا ڏڪ وڄائڻا هئا.



گولين جي ڪرڻ جو آواز پري پري ٿي پهتو. ان ڪان پوءِ گهڙيال جو آهو دروازو پاڻمرادو بند ٿيو ٿي ويو. اهڙيءَ طرح ٻارهن ڪلاڪن ۾ سڀئي دروازا واري واري سان کلندا ۽ بند ٿيندا هئا. هن عجيب غريب گهڙيال کي ڏسڻ لاءِ ماڻهو پري پري کان پنڌ ڪري ايندا هئا.

طب ۽ جراحيءَ جي علم ۾ ته مسلمان شروع کان ئي وڏا ماهر هئا. مسلمان جراحن اهڙا ته ملم ٺاهيا، جو وڏن ڪان وڏا زخم ٺورن ئي ڏينهن ۾ ڇٽي ويندا هئا.

چون ٿا ته مصر جي هڪڙي حڪمران لاءِ هڪ مسلمان حڪيم هڪ اهڙو باجو ٺاهيو، جنهن جي آواز ٻڌڻ سان پيٽ جو سور لهي ويندو هو.

استعمالي سوال

1. هيٺيان خال ڀريو:

(i) ايجادن ۽ کوجنائن جي ڪري اسان جي زندگيءَ ۾ ...... پيدا ٿي ويون آهن.

(ii) انهن مان گهڻيون ... ته مسلمانن جون ئي آهن.

(iii) آهستي آهستي مسلمان واچن ٺاهڻ جي ...... ۾ وڏا ماهر ٿي ويا.


2. مسلمانن جي ايجادن جو احوال پنهنجيءَ ڪاپيءَ ۾ لکو. هن سبق ۾ ڪيترن ئي ايجادن ڪندڙن ۽ انهن جي ايجادن جو بيان ڏنل آهي. هيٺ ڏيکاريل خانن مان پهرئين خاني ۾ ايجاد جو نالو لکو ۽ ٻئي خاني ۾ انهيءَ ايجاد جو مختصر احوال ڏيو.

ايجاد جو نالو	مختصر احوال

سبق ڏهون

ميان غلام شاھ ڪلهوڙو

سنڌ جي سرزمين ڪئين دؤر ڏٺا آهن. مٿس ڪڏهن پنهنجن پئي حڪومت ڪئي آهي، ته ڪڏهن پراون. ڪڏهن مٿس عادل حاڪم ٿيا آهن، ته ڪڏهن



حيدرآباد جو قلعو

ظالم. انهن عادل بادشاهن مان غلام شاھ ڪلهوڙو به هڪ هو. هي ميان نور محمد جو ننڍو پٽ هو. ميان نور محمد جي وفات بعد سنڌس وڏو پٽ محمد مراد ياب تخت تي ويٺو، پر هن حڪومت سهٺي

نمونو نه هلائي، بجاءِ عدل جي ظلم تي سندرو ٻڌي بيهي رهيو. انهيءَ تي سموري رعيت منجهانئس بيزار ٿي پيئي. نيٺ اميرن صلاح ڪري، هن کي تخت تان لاٿو ۽ غلام شاهه کي پڳ ٻڌائي.

هي تمام سياڻو هو، تنهن تخت تي ويهڻ سان سموريءَ رعيت کي تمام خوش رکيو. ان وقت ڪڇ جي راجا بغاوت ڪئي، تنهنڪري هيءُ ان تي ڪاهي ويو. راجا سانئس جنگ ڪئي، پر نيٺ شڪست کاڌائين.

ميان غلام شاهه ان کان لکپت ۽ سنڌڙي بندر قري، پنهنجي قبضي ۾ ڪيا، جيڪي ان وقت واپار جا وڏا مرڪز هئا.

دهليءَ جي بادشاهه جڏهن ميان جي ان فتح جي خبر ٻڌي، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو. کيس شاهاڻي خلعت انعام طور ڏياري موڪليائين.

سن 1768ع ۾ هن حيدرآباد جو شهر ٻڌايو. ان ۾ هن ٻه قلعا ٺهرايا. هڪ گنجي ٽڪر جو پڪو قلعو ۽ ٻيو شاهه محمد مڪيءَ واريءَ ٽڪريءَ تي ڪچو قلعو. اهي ٻيئي قلعا اڃا تائين بيٺا آهن ۽ ميان غلام شاهه جي ياد تازي ڪري رهيا آهن.

هن، شهر کي وڌائڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي. ننڍن ننڍن ڳوٺن مان ماڻهو لڏائي هتي اچي ويهاريائين، ۽ انهن کي سڀڪا سهوليت ڏنائين.

پٽ شاهہ ۾ شاهہ عبداللطيف رح جي مزار مٿان جيڪو قبو آهي، سو بہ مياں غلام شاهہ ٺهرايو هو.

هن سن 1772ع ۾ وفات ڪئي. سندس تربت حيدرآباد شهر ۾، جيل جي الهندي طرف آهي؛ جنهن تي هڪ عاليشان قبو اڏيل آهي.

استعمالي سوال

1. ميان غلام شاهہ ڪنهن جو پٽ هو؟
2. هن ڪهڙو شهر ٻڌايو؟
3. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ رح جو قبو ڪنهن جو جوڙايل آهي؟
4. اوهان جو پيءُ ٻاهر رهندڙ آهي. ڪيس خط لکو، جنهن ۾ گهر جو احوال ڏيوس.
5. پنج اسم ٻڌايو، جي شين جا نالا هجن.

سبق ٻارهون

سُر سارنگ

(بيت)

آڳميو آهي، لڳهه پس لطيف چئي،
وٺو مينهن وڏڦڙو، ڪيو ڏڻ ڪاهي،
ڇڻ ڇڏي پٽ پئو، سمر سنياهي،
وهو مَ لاهي، آسرو الله مان.

آڳم ڪيا الله، لڳهه پس لطيف چئي،
پلر جي پالوٽ سين، پٽن جهليا پاهه،
واحد وڏائي ڪيا، مٿي گسن گاهه،
سانگين وريا ساهه، اٿن آب آگوندرو.

آڳم ايءَ نه آنگ، جهڙو پسڻُ پرينءَ جو،
سيڻن ريءَ سيدُ چئي، روحُ نه رچن رنگ،
سهسين ٿيا سارنگ، جاني آيو جوءِ ۾.

اُڀون ڪکر ڪيڙيون، اتر ڏي آهين،
ڪري آڳم آئيون، مند نه مٿائين،
مٿان لوڪ "لطيف" چئي، گوندر گنوائين،
پلرُ پيارين، اڄهين آب آگوندرو.

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪارا ڪکر ڪيس،
وڄون وسڻ آئيون، ڪري لال لبيس،
پرين جي پرديسَ، سهي مون کي مينهن ميڙيا.

اَڄُ پڻ اُتر پارَ ڏي، ڪَڪَرَ ٿو ڪَري،
روضي پاڪَ رَسولَ جي، پلئيو پَٽَ پري،
وِڄن ساڻ وري، ته سنگهارن سُک ٿئي.

اڄُ پڻ اُميد وُن، آگم سنديون آيَ ۾،
ماوڻ پَسي سرتيون! سڄڻ ساريو مون،
آءٌ آسائتي آهيان، مانَ ڀِڄائي ڀُون،
گهرَ ته گهُرجين تونُ، سُندَ مِڙ ڀُونئي مينهن جي.

- شاهه عبداللطيف رح

استعمالي سوال

1. مينهن وسڻ تي ڪير خوش ٿيندا آهن؟
2. مينهن پوڻ کان پوءِ مال جي ڪهڙي حالت ٿيندي آهي؟
3. سنگهارن لاءِ ڪڏهن سُک ٿيندو آهي؟
4. مٿين بيتن ۾ مينهن مان ڪهڙا فائدا بيان ڪيا ويا آهن؟
5. فعل ڇا کي چئجي؟ ان جا ڪي مثال ڏيو.

سبق ٻارهون

برهمڻ آباد

گهڻو آڳاٽو، سنڌ ۾ هالن کان 21 ميل پري، شهداد پور جي اڀرندي پاسي اٺن ميلن تي، برهمڻ آباد نالي عاليشان شهر هوندو هو، جو پوءِ ڦٽي ويو. سندس نشان اڃا به ظاهر بيٺا آهن.

"چچ نامي" ۾ ذڪر ڪيل آهي ته برهمڻ آباد جو شهر، عيسوي ستين صديءَ کان به اڳ جو ٻڌل هو، راجا سهاسي رائه جي ڏينهن ۾ ڏاڍي اوج تي هو.

ابوالفضل به پنهنجي ڪتاب، "آئين اڪبريءَ" ۾ لکيو آهي ته برهمڻ آباد جو شهر ڏاڍو آباد هو. جايون پڪيون ۽ مضبوط هيس. چوڌاري عالم پناهه هيس ۽ پرسان درياءُ وهندڙ هوس، جنهنڪري هيءُ واپار جو وڏو مرڪز هوندو هو. انهيءَ جي ڦٽڻ جو واقعو عبرتناڪ آهي.

چون ٿا ته دلوراءِ نالي هڪ پاپي راجا اتي راڄ ڪندو هو. انهيءَ هڪ ڪهر جهڙو قاعدو جاري ڪيو، جو اشراف ماڻهوءَ لاءِ سچو پچو موت هو. اتي هڪ امير رهندو هو، تنهن چيو ته هيءُ انڌير آءٌ نه سهندس. سو وڃي هڪ فقير سان حال اوريائين. فقير چيو ته

"جي هيتري مدت اندر راجا انڌير بند نه ڪندو، ته ساري نگري ناس ٿي ويندي." فقير جو چوڻ شهر ۾ هلي ويو. ڪيترا ماڻهو شهر ڇڏي ڀڄي ويا، پر راجا پنهنجي شيطانيءَ ۾ الوٽ رهيو. تان جو مُدو اچي پريو. اوچتو ڌرتي ڌُٻي، سڄو شهر غرق ٿي ويو. درياهه اهو هنڌ ڇڏي، وڃي ٻئي هنڌان وهڻ لڳو. اڄ سوڌو انهيءَ هنڌ هڪ ڊٻل ٿل بيٺو آهي، جنهن تي چڙهي بيهڻ سان سڄي ڦٽل شهر تي نظر پيئي پوي.

ڪيترن هنڌن زمين کوٽائي ويئي آهي، ته ماڻهن ۽ گهرو جانورن جا هڏا لڌا آهن. ماڻهن جا هڏا دروازن وٽ پيل مليا آهن: جنهن مان سهج ٿو ڪجي ته ڌرتي ڌُٻڻ مهل ماڻهن ڀڄڻ جي ڪئي هئي، پر اتي جو اتي دٻجي ويا ٿا ڀانئجن.

کوٽائيءَ مان ڪيترو ڪاشيءَ جو سامان، زيور، قسمين قسمين چوڙا، آڪريل پٿر، چانديءَ ۽ ٽامي جا سڪا بہ هٿ چڙهيا آهن.

ان ڪان سواءِ، عربي اکرن ۾ لکيل تعويذ ۽ شطرنج راند جو سمورو سامان سارين ۽ بساط سوڌو پڻ مليو آهي.

متئين احوال مان ڇا ٿو سمجهجي؟ اهو ته بڇڙائيءَ جي پڇاڙي آخر بڇڙي آهي. جڏهن هيترو ظلم، گناه ۽ ڏاڍ ٿيو، تڏهن الاهي غضب اچي ڪڙڪيو، منٿن

۾ شهر مسمار ٿي ويو. اڄ تائين سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي:
”دلوراءِ جي ننگريءَ وانگر ناس ٿي ويندين.“

استعمالي سوال

1. برهمڻ آباد جو قديم شهر ڪٿي آهي؟
2. ”چچ نامي“ ۾ ان بابت ڇا لکيل آهي؟
3. ابوالفضل، برهمڻ آباد بابت ڇا لکيو آهي؟
4. برهمڻ آباد جي برباد ٿيڻ جو سبب ڪهڙو آهي؟
5. ”دلوراءِ جي ننگريءَ وانگر ناس ٿي ويندين.“ اها چوڻي ڪيئن ٿي؟
6. راجا دلوراءِ جي آکاڻي ٻڌايو.
7. اوهان اهڙا ڏهه لفظ ٻڌايو، جن جي پٺيان ”آباد“ لفظ پيل هجي.
8. پيءُ ڏي خط لکو، جنهن ۾ پڙهائيءَ جو احوال موڪليو س.
9. مٿئين سبق مان اسم ڳوليو.

سبق تيرهون

انجام پاڙڻ

سيڪنهن انسان کي گهرجي ته پنهنجي انجام کي پاڙي ڏئي. وعدي وفائي مرد جو شيوو آهي. جيڪو پنهنجي زبان نٿو ڦيرائي، ۽ قول کي پاڙي ٿو ڏئي، سو سچو پچو انسان آهي.

الله تعاليٰ انهيءَ تي راضي نٿو رهي، جيڪو انجام ڪري ڦري وڃي ٿو. اهو منافق آهي، الله پاڪ ان تي لعنت موڪلي ٿو. ڪيترا اهڙا انسان ٿي گذريا آهن، جن جان وڃائي، پر زبان نه ڦيرائي، ڪسڻ قبوليو، پر قول نه ڦيرايو.

حضرت عمر رضه عادل جي زماني جي ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ ڏينهن، هڪڙا ٻه ڄڻا هڪ سهڻي جوان کي پڪڙي، حضرت عمر رضه جي دربار ۾ آيا ۽ ڪيس فرياد ڏنائون ته "هن شخص اسان جي پيءُ جو قتل ڪيو آهي، اسان جو داد ڏئي."

حضرت عمر رضه ڏوهيءَ کان پڇا ڪئي، جنهن پنهنجو ڏوهه قبول ڪيو. انهيءَ تي حضرت عمر رضه حڪم ڏنو ته هن کي قتل ڪيو وڃي. ڏوهيءَ عرض ڪيو ته "حضور! منهنجو هڪ عرض آهي، اجازت ملي ته بيان ڪريان؟"

حضرت عمر رضه چيس ته "ڀلي چؤ!" هن چيو ته "منهنجو هڪ ڀاءُ آهي، جو صغير آهي. منهنجي پيءُ مرڻ مهل مون کي ڪجهه سون ڏنو هو ۽ وصيت ڪئي هئي ته هيءُ تنهنجي ننڍي ڀاءُ جو آهي. هيءُ تيسين پاڻ وٽ امانت رک، جيسين هو وڏو ٿئي. مون اهو سون هڪ هنڌ پوري ڇڏيو هو، جنهن جي ڪنهن ٻئي بشر کي خبر ڪانهي. مون کي ٽن ڏينهن جي اجازت ملي، ته اها امانت ڀاءُ کي ڏيئي موٽي اچان."

حضرت عمر رضه چيس ته "توکي اجازت تڏهن ملندي، جڏهن ضامن ڏيندين." هو اوپرو ماڻهو هو، جنهن جو اتي ڪو به واقف ڪونه هو، سو ويچارو وائڙو ٿي ويٺلن ڏانهن نهارڻ لڳو. نيٺ نهاري نهاري، حضرت ابوذرغفاري رضه تي اچي هٿ رکيائين ۽ حضرت عمر رضه کي چيائين ته "هيءُ منهنجو ضامن آهي."

حضرت فاروق رضه، حضرت ابوذر رضه کان پڇيو، جنهن خوشيءَ سان چيو ته "آءٌ هن شخص جو ضامن آهيان." انهيءَ تي حضرت فاروق رضه کيس موڪل ڏني ۽ هو روانو ٿي ويو.

ٻه ڏينهن خير جا گذريا، ته هو ڪونه آيو آخر ٽئين ڏينهن جو سج اڀريو. دربار ۾ سڀ ماڻهو اچي گڏ ٿيا. فريادي حضرت ابوذر رضه کان پڇڻ لڳا ته "جوابدار ڪٿي آهي؟" حضرت ابوذر رضه جواب ڏنو ته "اچو ڪي

ڏينهن ۾ اچي ويندو، پر جي نه آيو، ته آءٌ ضمانت جا شرط خوشيءَ سان بجا آڻيندس. اوهان دلجاءِ ڪريو."

دربار ۾ جيترا هئا وات، اوتريون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن تيئن ماڻهن ۾ بي آرامي پيدا ٿيندي وئي، ڇو ته حضرت ابوذر غفاري رض. هڪ وڏو صحابي هو ۽ عوام جي دلين ۾ هن لاءِ بي پناهه محبت هئي. آخر شام ٿي ته جوابدار سهڪندو اچي حضرت عمر رض. جي اڳيان بيٺو، ۽ چيائين ته "حضور! آءٌ امانت ڏئيءَ جي حوالي ڪري آيو آهيان. هاڻ شرع جي حڪم تي منهنجو سر حاضر آهي.

حضرت عمر رض. اوڏيءَ مهل ابوذر رض. ڏي نهاري فرمايو ته "تون ان ڏينهن ان شخص جو ضامن پئين، ڇا، تون هن کي سڃاڻندو هئين؟" حضرت ابوذر رض. عرض ڪيو ته "اي اميرالمومنين! خدا جو قسم آءٌ هن کي ڪونه سڃاڻان، پر هن هيترن ماڻهن کي ڇڏي، دل ڀڏي، جڏهن مون تي ڪٺي همت رکيو، تڏهن مون انڪار ڪرڻ بي مروتي سمجهي ۽ خوشيءَ سان ضامن پوڻ قبول ڪيم. مون کي يقين هو ته هي مسلمان آهي، پنهنجو انجام پاڙيندو."

فريادي اها ڳالهه ٻڌي، يڪدم اٿي بيٺا ۽ عرض ڪيائون ته "اي اميرالمومنين! هن شخص جي انجام پاڙڻ جي اسان کي بيحد خوشي ٿي آهي. اسين هن کي

پنهنجي پيءُ جو خون معاف ٿا ڪريون.“ ان وقت سڄيءَ دربار ۾ خوشي ڦهلجي ويئي. خود حضرت عمر رضه ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ حڪم ڏنائين ته ”هنن فريادين کي سرڪاري خزاني مان خون جي بها ڏني وڃي.“

پر فريادي وري اٿي بيٺا، ۽ چيائون ته ”اميرالمومنين! اسان هن کي خدا ڪارڻ ڏوهه بخشيو آهي، انهيءَ ڪري هڪ پائي به نه وٺنداسون.“ انهيءَ تي حضرت عمر رضه هيڪاري وڏيڪ خوش ٿيو ۽ جوابدار کي ڇڏي ڏنائين.

استعمالي سوال

1. حضرت عمر رضه جي دربار ۾ فريادين ڪهڙو فرياد پيش ڪيو؟
2. جوابدار جو ضامن ڪير پيو؟
3. جوابدار پاڻ مارائڻ لاءِ ڇو ڊوڙندو آيو؟
4. حضرت عمر رضه کي خوشي ڇو ٿي؟
5. انجام پاڙڻ جي ٻي ڪا آکاڻي ٻڌايو.
6. لکڻ، پڙهڻ، گهمڻ، ڪمن جا نالا آهن. اهڙا پيا ڏهه نالا ٻڌايو.

سبق چوڏهون

ٽالپرن جي حڪومت

سنڌ تي ڪيترن ئي گهراڻن راڄ ڪيو، پر ميرن جهڙي حڪومت ڪنهن نه ڪئي. سنڌ ۾ چوياريون مشهور آهن، يعني چار-چار مير هڪ ئي وقت سنڌ تي حڪومت ڪندا هئا. اڄ تائين دنيا جي تاريخ هڪ به اهڙو مثال پيش نه ڪيو آهي، ته هڪ ملڪ تي هڪ ئي وقت چار حاڪم هجن.

ميرن جي وقت ۾ پورو پورو امن هو. ان وقت ريل گاڏيون يا موٽرون وغيره ڪو نه هيون. مسافر پيادل هلندا هئا يا واهڻن تي سواري ڪندا هئا، پر سوين ميل مسافريءَ ۾ ڪو به ڊپ ڊاءُ ڪو نه هوندو هو. رات ڏينهن قافلن جا قافلا پيا هلندا هئا، مجال جو سنڌ ۾ ڪو نالو وٺي.

اتفاق سان جيڪڏهن ڪو ڦر جو واقعو ٿيندو هو، ته ٽالپر انهيءَ لاءِ سخت قدم کڻندا هئا، ۽ ڪوشش ڪري ڌاڙيلن کي هٿ ڪري، انهن کي سخت ۾ سخت سزا ڏيندا هئا.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته نوحاڻن جي ڳوٺ جي ڀرسان هڪ واڻهڙو، دانگي اجرڪ ۾ ويڙهيو ڪنيو پئي

ويو. نوحاڻن مان ٻه ڄڻا هن کي رستي تي ڦري آيا، ۽ هن کي ڦرڻ جي ڪوشش ڪيائون. هو به نوجوان هو، تنهن هنن سان مقابلو ڪيو. پر وٽس ڪو به هٿيار ڪونه هو، تنهنڪري وڙهندي مارجي ويو.

ان وقت پهرين چوياريءَ جي حڪومت هئي، جنهن ۾ هيٺيان چار حاڪم هئا:

(1) مير فتح علي خان، (2) مير مراد علي خان، (3) مير ڪرم علي خان ۽ (4) مير غلام علي خان.

هنن کي پتو پيو ته نوحاڻن هڪ واڻهوءَ کي رستي تي خون ڪري وڌو آهي، سو هڪدم خونين کي گرفتار ڪرائي، ڦاسيءَ جي سزا ڏنائون ۽ نوحاڻن جي سڄي ڳوٺ کي پڻ جوڳي سيکت ڏنائون.

سندن اهڙن ڪارنامن سبب ڪنهن به ماڻهوءَ کي جرات نه ٿيندي هئي، جو ڪو ڏوهه ڪري.

ٽالپرن جي حڪومت ۾ سهانگائي ڏاڍي هوندي هئي. گيهه رپئي جا به سير ملندو هو. ڪڻڪ ڏيڍ رپئي مڻ، اڇا چانور به رپيا مڻ، ۽ ٻاجهري رپئي مڻ هوندي هئي.

ڪپڙو به تمام سستو هوندو هو. سنڌ جي ڪيترن شهرن ۾ ڪپڙي جا اڏاڻا هئا. نصرپور، هالا، ٺٽو ۽ مٽياري ته وڏا مرڪز هئا، جتي سوسيون، کيس، اجرڪون، لونگيون ۽ ٻيو سوٽي ڪپڙو ٺهندو هو.

تعليم لاءِ به ڪافي بندوبست هوندو هو. جدا جدا ڳوٺن ۾ مدرسا هوندا هئا، جتي تعليم جو پورو بندوبست

هوندو هو. مدرسن ۾ وڏا وڏا عالم ويٺل هوندا هئا، جن کي حڪومت طرفان پڳهار ملندو هو.

ميرن جي سخا به مشهور آهي. هنن ڪيترن ماڻهن کي جاگيرون عطا ڪيون، ڪيترن کي زمينون ڏنيون. هنن کي رڳو ڪنهن شاعر جو شعر وڻي ويو، ته ان کي اهڙو نوازيندا هئا، جو هو اهل اولاد سوڌو ڏاپي پوندو هو.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو حڪومت کي ڪنهن طرح جي مدد ڪندو هو، ته ان کي مالامال ڪري ڇڏيندا هئا. مطلب ته ٽالپرن جي حڪومت سنڌ لاءِ رحمت هئي.

استعمالي سوال

1. ميرن جي چوياريءَ ۾ ڪهڙا مير حاڪم هئا؟
2. ميرن جي حڪومت کي ڇو ٺو ساراهيو وڃي؟
3. ميرن جي حڪومت ۾ انصاف جو ڪهڙو بندوبست هوندو هو؟
4. ميرن جي حڪومت ۾ شين جا اگهه ڪهڙا هئا؟
5. ميرن جي حڪومت ۾ تعليم جو ڪهڙو بندوبست هوندو هو؟
6. ميرن جي حڪومت ۾ امن ڇو هوندو هو؟
7. پيءُ کي خط لکو، جنهن ۾ ميرن جي حڪومت جو مختصر احوال ڏيو.
8. هيٺين ٽين مان آڪائي ٺاهيو:

(الف) نوحاڻن جي ڳوٺ وٽان هڪ مسافر جو
داڻگي ڪٽي لنگهڻ.
(ب) نوحاڻن جو ان کي خون ڪرڻ.
(ج) ميرن کي دانهن ملڻ.
(د) ميرن جو ڏوهارين کي پڪڙي سزا ڏيڻ،
۽ ڳوٺ کي سيکت ڏيڻ.

سبق پندرهون

ڳاڙهيون ۽ سايون بتيون

ميمڻ ڪريم بخش خان حيدرآباد سنڌ جوئي رهاڪو هو. اتي ئي سندس ڪتابن جو دوڪان هو. ڪتابن خريد ڪرڻ لاءِ هن کي ڪڏهن ڪراچيءَ ۾ وڃڻو پوندو هو. هڪڙي ڀيري هو ڪراچيءَ ويو ته پنهنجي ننڍي پٽ رحيم کي ۾ پاڻ سان گڏ وٺي ويو.

ميمڻ صاحب پنهنجو ڪم ڪار پورو ڪري، رحيم کي شهر گهمائڻ لاءِ نڪتو. رحيم ڪراچيءَ جون جايون ۽ بازاريون ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو. پر جڏهن هن بندر روڊ جي چوواٽن تي ڳاڙهيون ۽ سايون بتيون ڏٺيون، ته بنهه عجب ۾ پئجي ويو.

رحيم جڏهن پهرين انهن بتين کي ڏٺو، ته سندس آمهون سامهون واريءَ بتيءَ جو رنگ ڳاڙهو هو. اجا هن ڏٺوئي پئي، ته ڳاڙهي رنگ واريءَ بتيءَ سان گڏ ڦڪي رنگ واري بتي ۾ ٻرڻ لڳي، وري اتي جو اتي پيئي بتيون جلدي وسامي ويون، ته سائي رنگ واري بتي روشن ٿي ويئي. ٿوري دير، هو اهو تماشو ڏسندو رهيو. پر هن کي انهن بتين جي ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه آئي. هو گهڻي وقت لاءِ


S.T.B.

انهن ٻتين بابت ويچاريندو رهيو، ته هڪڙي رنگ واري ٻتي وسامي، وري ٻئي رنگ واري ٻتي چوٽي پري! نيٺ هن پنهنجي پيءُ کان پڇيو، ”بابا سائين! اهي ٻتيون ائين ڇاجي لاءِ پيون ٻرن ۽ وسامن؟“

پڙس چوڻ لڳو، ”پٽ! توکي ياد هوندو! ٿورائي ڏينهن ٿيا آهن. تو پنهنجي حيدرآباد جي ريلوي اسٽيشن تي اهڙيون ٻتيون ڪي ڏٺيون هيون؟“

رحيم: هائو بابا، هاڻي مون کي ياد آيو!

پيءُ: اسٽيشن تي اهي ٻتيون ڇاجي ڪري لڳايون ويون هيون؟

رحيم: بابا، اوهان ته مون کي سمجهايو هو، ۽ ڏيکاريو به هو ته اسٽيشن جي ٻنهي ڇيڙن تي سنگل لڳل آهن. جنهن به وقت اسٽيشن تي گاڏي اچڻ واري هوندي آهي، ته انهيءَ پاسي وارو سنگل هيٺ جهڪايو ويندو آهي. جڏهن سنگل هيٺ لهندو آهي، ته سائي رنگ وارو شيشو ٻتيءَ جي اڳيان اچي ويندو آهي، آن وقت گاڏيءَ جي ڊرائيور کي خبر پئجي ويندي آهي ته سنگل لٿل آهي.

پيءُ: ۽ آن جو مطلب اهو ٿيندو ته لائين صاف آهي، ۽ گاڏي وڏي اڳتي اچي سگهي ٿي.

رحيم: هائو بابا، هائو! پر...

پيءُ: تڪڙ نه ڪر! توکي هاڻي انهن رستن جي سنگل ٻتين جي ڳالهه به سمجهه ۾ اچي ويندي. هو سامهون ڏس! ڳاڙهي ٻتي ٻرندي ئي چونڪ وٽ گاڏيون ۽ موٽرون بيهي رهيون آهن.

رحيم: (خوش ٿيندي) ۽ بابا ڏسو ته سهي، انهيءَ پاسي گاڏيون بيهي رهيون آهن، پر رستي جي ٻئي پاسي واريون گاڏيون هلي رهيون آهن!

پيءُ: چڱو، تو اهو به جاچيو آهي ته جنهن پاسي موٽرون ۽ گاڏيون وڃي رهيون آهن، انهيءَ پاسي ڪهڙي رنگ واري بتي ٻري رهي آهي؟

رحيم: (وڌيڪ خوش ٿيندي) بابا، بابا! اهو ته مون ڏٺوئي ڪو نه هو. بس، هاڻي آءٌ سڄي ڳالهه سمجهي ويو آهيان. اهي ڳاڙهيون ساويون بتيون به ريلوائي سگنل وانگر اشارا ٿيون ڏين. ساوي بتي ٻرندي ته رستو کليل سمجهو ۽ جي ڳاڙهي بتي ٻرندي ته رستو بند ٿي ويندو. پر بابا، انهيءَ مان فائدو ڪهڙو؟

پيءُ: پٽ! ان مان فائدو ته پڌرو پيو ڏسجي. هتي رستن تي تمام گهڻيون موٽرون ۽ گاڏيون ٿيون هلن...

رحيم: ۽ بابا! ان کان سواءِ پيا ٽانگا ۽ ماڻهن جي به ته اچ وڃ گهڻي آهي!

پيءُ: انهيءَ ڪري ته اهي ڳاڙهيون ساويون بتيون اشارن ڪرڻ لاءِ لڳايون ويون آهن، نه ته هوند هتي هرهر پيا حادثا ٿين!

رحيم: برابر، بابا برابر! نه ته هوند موٽرون به هڪٻئي سان ٽڪرجي پون.

پيءُ: ۽ هر وقت ماڻهن جي حياتي خطري ۾ هجي ها.

رحيم: پوءِ ته بابا! اهي ڳاڙهيون سايون بتيون اسان جي لاءِ ڏاڍيون فائدي واريون آهن؟

پيءُ: پٽ! اهي بيشڪ فائدي واريون آهن! پر انهن مان فائدو رڳو انهيءَ حالت ۾ وٺي سگهبو، جڏهن اسين سنڌن اشارن جي پابندي ڪنداسين.

رحيم: هائو، بابا، هائو! اها ڳالهه ته بلڪل ٺيڪ آهي.

استعمالي سوال

هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. اسٽيشن تي لڳل سگنل ۾ ڳاڙهي رنگ وارو شيشو ڇا جي ڪري لڳايو ويندو آهي؟
2. رستي تي ڳاڙهي ۽ سائي رنگ وارين بتين لڳائڻ مان ڪهڙو فائدو آهي؟
3. رستي تي روشنيءَ جي اشارن جي پابندي ڪرڻ ڇو ضروري آهي؟
4. "روشن" لفظ مان پيو لفظ "روشني" ٺهيو آهي. انهن هيٺ ڄاڻايل لفظن مان ٻيا لفظ ٺاهي ڏيکاريو: "روشن، روشني" - سياهه - سرخ - سبز - خراب.
5. هيٺين لفظن مان جيڪي واحد آهن، تن جا جمع لکو، ۽ جيڪي جمع آهن تن جا واحد لکو: حادثو - خطرا - فائدو - صورت - موٽر - رستو.

سبق سورهون

مومل راڻو (بيت)

تڏهن سوڍو اٿيو سنهري، ڪُوپو ساهي ڪر،
سنڀاليو سبحان کي، تو پاڪ ملڳي پاڪر،
ته "مهت ڏيارج مون ڏٽي، آهيان تو آڌر،
هاٿي هڪجيڏن ۾، منهنجي پت رکج پرور!"
ناميو نيري تي چڙهيو، ڪري الله توڪل،
لکئي نينهن نصيب جي، آهي ڪاڻ ڪنهين کي ڪر،
سورهيه گهڙيو سرنگهه ۾، آهر الاهر،
پر لکيا هئا "حفيظ" چئي، آڳي انگ اکر،
سو عاشق امارو ڪري، اٿلي پاس اتر،
هليو حشمت سان وڃي، تڪڙو ڏانهن تجر،
آخر اتي رسيو، جت پؤ سندي پلڪر،
ڪَل ڇُري ڪڙڪو ٿيو، متا ڌم ڌڇر،
ڪرڳل ڪن ڪڍي وڌا، ٽيا ڇهڇڻا چوڌر،
ڪل ڪنهين جي ڪاڻ پئي، ڪڙڪي ڪان خبر،
ناميءَ نظر نه اچي، وسئو ڪا ويجهر،
شينهن، شهه گوشن جي، ٿي دور پوي ڌڌڪر،
چين، چيتن، چراخن جي، پئي ڪوهه متي ڪوڪر،

راڙيون رچن جون ٽيون، هاٻا هـل حشر،
ڪيهر، ٻلائي ڪيترا، ڪن گروڙيون گينور،
ممون، ڳوهون، ڳورپٽ، ٻيا ٻنون ٻيٽي ٻر،
گرگ، گدڙ، ڀـولـڙا، ويڙهي ويس ولـر،
ڦوڪون ڏين فراق مان، ڪنيو ڪاريهر ڪر،
ٻـيـا ٻاڪارن ٻاهرون، جـرَ جـا جـنـاور،
بـحـر بـلائـون ٻچڙيون، آفتون آجگـر،
مڇ مانگر، سوريون، گهٽيون، پيئي پکين جي پڪـر،
ٻـهـون گهـمن ٻلهڙيون، ساڻ تنهين سيسر،
ڪـميون، ڪچون، لـڏڙا، ڏاڪ ڏين ڏيڏر،
واڳن وات وڏا پٽيا، ڪـڍيـا واسينگن ور،
وات وچڻ جي نہ ليي، پيا پکڙي ڪوڙ ڪپر،
ڳڻ ڳاٽيني نہ اچن، لـيـڪـي منجھ لشڪر،
تڏهن ڀهڳڻ ٻانهيءَ ڪي، ڪيو سني سڳن ٻر،
پر ٻانڪو ڪـريو ٻاهڙي، ان هاسي ۾ هيڪر،
ءُ گولي ويس گـم ٿـي، نڪري ڪان نظر،
پيئـن سٽ پيرن پـر، اٿي خان ڪـڙو ٿيو.

استعمالي سوال

1. سودي ڪيڏانهن ڪاهہ ڪئي؟
2. ڪهڙا ڪهڙا جانور ڪـلـن جا ٿهيل هئا؟

3. راڻي سان گڏ سرنگهه ۾ ٻيو ڪير هو؟

4. هيٺين لفظن جي معنيٰ سمجهايو:
ڪُوپو- ڪرَ- ٻُلڪر- وسٽُو- ٻحر- ور- ڀهڳڻ.


5. هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ سمجهايو:
ڪرَ ساهڻ- پت رکڻ.

6. هيٺين مٿ ۾ صفتون ٻڌايو:
ڏُچر گهوڙو- سُچر زال، ٻيئي ٻَنِ پيا.

سبق سترهون

هوا، گئس ۽ ٻاڦ

هوا هرهنڌ آهي. هيءُ شيشي جو گلاس، جو توهان جي ليکي سکڻو آهي، سو آءٌ اونڌو ڪري، پاڻيءَ سان ڀريل ٿانءَ ۾ ٿو وجهان. ڏسو پاڻي گلاس ۾ اندر



نٿو وڃي. وري گلاس ٿورو پاسيرو ٿو ڪريان. ڏسو هينئر ٻُڙ ٻُڙ ڪري پاڻي اندر گلاس ۾ وڃي ٿو. گلاس پاسيرو ڪيم، تڏهن هوا منجهانئس ٻڙ ٻڙ ڪري نڪتي ۽ پاڻيءَ کي اندر گهڙڻ جي جاءِ ملي.

هن تجربي مان اها خبر پيئي، ته هوا به پاڻيءَ وانگر جسم واري شيءِ آهي. جنهنڪري ڇٻو ته پين شين وانگر هوا کي به ضرور وزن هوندو.

جيڪڏهن ڪنهن ٻانڊيءَ کي توري، پوءِ ڪنهن هوا-ڪش (پمپ) جي وسيلي ان مان هوا ڪڍي ان کي وري توربو، ته ٻانڊيءَ جي تور گهٽ ٿيندي. تنهن مان

ثابت ٿيو، ته هوا کي برابر وزن آهي. حقيقتاً هوا جا تيرهن ڪعب فوٽ اڌ سير پاڻيءَ جي برابر آهن.

ڌرتيءَ تي جيڪا هوا آهي، سا اوچائيءَ ۾ ڪيترائي ميل آهي. اسين انهيءَ سموريءَ هوا جي تري ۾ رهون ٿا. سائنسدانن چڪاس ڪري ڏٺو ته هر هڪ ماڻهوءَ تي اٽڪل 450 من هوا جا آهن.

هاڻي سوال ٿو اٿي ته ايتري هوا هيٺان اسين چيپاٽجي چو نٿا پئون؟ اهو انهيءَ ڪري جو هوا اسان تي سمورو زور هڪڙي هنڌ نٿي لڳائي، پر سڀني هنڌن تي ۽ سڀني طرفن کان، اها اندران توڙي ٻاهران، برابر ورهيل آهي. هاڻ اسان کي ڏسڻو آهي ته هوا ڇا آهي ۽ ڪهڙي ڇاجي آهي؟ هوا نه آهي نهري ۽ نه آهي پاڻي. هوا گئس آهي. گئس کي نهريءَ شيءِ وانگر پنهنجي ڪا صورت ۽ ڪو مقدار ڪونه ٿئي. تنهن ڪان سواءِ گئس، جي بند نه ٿيندي ته ويندي پکڙندي.

هوا ٻن مکيه گئسن جي ٺهيل آهي:

هڪڙي آهي آڪسيجن ۽ ٻي نائٽروجن:

آڪسيجن شين کي ٻرڻ ۾ مدد ٿي ڏئي. اسين جو ساهه کڻون ٿا، سو به انهيءَ گئس جي آڌار تي. نائٽروجن ۾ وري هيءَ خاصيت آهي، جو اها ٻرندڙ شيءِ کي تڪڙو ٻرڻ نٿي ڏئي. تنهن کان سواءِ جانورن ۽ وڻن لاءِ ڏاڍي ڪمائتي آهي.

گئس ڪاورلي ڏسي سگهبي آهي. باقي ٻوءِ مان معلوم ڪبي آهي. ڪا گئس اهڙي ٿيندي آهي، جا ٻارجي ته ٻري پوي، جيئن ڪول گئس (ڪوئلن مان نڪتل گئس). ڪي گئسون زهردار به ٿينديون آهن. پاڻيءَ جي ٻاڦ به سچ پچ گئس آهي. پاڻيءَ جي سچي ٻاڦ ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي آهي ۽ ان ۾ ٻوءِ به ڪانه ٿئي.

جيڪڏهن پاڻيءَ جو ديڳڙو باهه تي گرم ڪرڻ لاءِ رکبو، ته ٿورڙي وقت ۾ ديڳڙي جي منهن تي ڇهن يا پنجن آڱرين تائين ڪي ڪين ڏسڻ ۾ ايندو، پر مٿي هڪ ڪڪر هوندو. انهيءَ ڪڪر ۽ ديڳڙي جي منهن



جي وچ ۾ جيڪي اسين نٿا ڏسون، سا ئي ٻاڦ آهي. ڪڪر وري ٻاڦ کي ٿڌو ٿيڻ لڳڻ ڪري ٿي پوي ٿو، جنهن کي پاڻيءَ جو دونهون يا پاڻيءَ جي ڪوڙي

ٻاڦ سڌ بو آهي. ٻاڦ اسان کي گهڻي ڪم اچي ٿي.
آگگاڏيءَ جون انجڻيون، آگبوٽ ۽ ٻيون ڪيترن
نمونن جون ڪلون ٻاڦ جي وسيلي هلن ٿيون.

استعمالي سوال

1. ڪيئن ثابت ڪندا ته هوا کي به جسم آهي؟
2. هوا ۽ پاڻيءَ جي وزن جي هڪجهڙائي ڏيکاريو.
3. هرهڪ ماڻهوءَ تي اٽڪل ڪيتري هوا آهي؟
4. هوا ڪهڙين گئسن جي ٺهيل آهي؟
5. ٻاڦ ڇا آهي؟
6. ٻاڦ مان ڪهڙا فائدا آهن؟

سبق ارڙهون

فضول خرچي

جيڪي ضروري ۽ واجبي خرچ ڪرڻ گهرجن، تنهن کان وڌيڪ ۽ اڻنگيءَ طرح خرچڻ، ان کي فضول خرچي چئجي ٿو.

انسان کي هميشه پنهنجيءَ طاقت ۽ هوند تي نگاهه رکڻ گهرجي. جيڪي سياڻا ۽ سمجهُو آهن، سي هميشه دورانديشي ڪري، پنهنجيءَ آپت مان ڪجهه پاڇي ٿا وجهن، جنهنڪري پاڻ به حياتيءَ جا چار ڏينهن عزت آبروءَ سان ٿا گذارين ۽ پٺيان سندن پويان به سکي ٿا رهن. پر ڪي ماڻهو جيڪي ڪمائين ٿا، سو اجائيءَ طرح پير ڏگها ڪري، لُٽي ڦُر ڪري ٿا ڇڏين، سي پاڻ ته آخر ڏکيا ٿا ٿين، پر پنهنجي پوين کي به ڏولائي ۾ وجهيو وڃن. ماڻهوءَ کي ڪڏهن به هٿ ٽانڊ تيڻ نه گهرجي، پرڻي خواهه مرڻي جا خرچ سر تي اچيو پون، ته به ماڻهو پنهنجي هوند ۾ وت سارو ڪري، ۽ هروڀرو ٻين سان ريس نه ڪري يا پرائي ماڙي ڏسي، پنهنجو ڀونگو نه ڊاهي.

اجاين رونشن ۾ پئسو وڃائڻ ته هيڪاري ناداني آهي. اهڙا اجايا خرچ گهٽو ڪري ڀورڙا ۽ مت جا

سوڙهل ماڻهو ڪندا آهن. اهڙن ماڻهن کي اتفاق
سان پنهنجن وڏن جو ميڙيل ڏن ملي، ته پاڻئيندا ته
اسان جهڙو ڪو آهي ئي ڪو نه. خوشامدڙيا اچي اهڙن
ماڻهن جا سلامي ٿين ۽ هنن جي چاپلوسي ڪن، ته
هو انهيءَ ۾ خوش، پوءِ اها خبر ئي ڪانه پوندين ته
هي جي اسان کي ڳجهن ۽ پرمارن وانگر وڪوڙي
ويا آهن، تنهن ۾ هنن جو ڪهڙو مطلب آهي؟ سچ
چيو اٿن ته "سنگ تاري ڪسنگ ٻوڙي." اهي آخر
ڪسنگين جي سنگ ۾ رهي، جلدئي پنهنجو گهر اُجڙ
ڪيو ڇڏين. اهڙي مت جي سوڙهن جو پوءِ جيڪو
حال ٿئي ٿو، سو شل ڏٺي ڪنهن کي نه ڏيکاري!
جن اڳي ڪنهن کي پاڻ جهڙو ڪري نٿي سمجهيو،
سي پوءِ ماني ٽڪر لاءِ محتاج. ڪي شريڪن جي
اڳيان وڃيو هٿ ٽنگين، ڪن جي پٺيان لهڻيدار پيا
ڊڙن ۽ ڪي ٻچڙا ڪم ڪيو وڃيو سزائون کائين.

اهڙا به اتفاق ٿيا آهن، جو مفلسيءَ جي مصيبتن کان
ماڻهن خودڪشي يا آپگهات ڪيو آهي. چوندا آهن
ته "اڳياڙي تن جي سرهي، جن جي پڇاڙي سرهي."

ٿورو وقت مزا ماڻي، پوءِ سڄي عمر مفلس ٿي
گذارجي ۽ ٿولاڪا سهجن، تنهن کان شروع کان ئي
سوڙ آهر پير ڊگهيرڻ وڌيڪ سياڻپ آهي. ماڻهو
جيڪڏهن دورانديشي ڪري، ڪجهه ڪي ٿاڙيندو ۽ پنهنجي
هٿيءَ سارو هوڪو ڏيندو ته ڪڏهن به پڇتائڻو نه پوندس.

استعمالي سوال

1. هيٺيان اصطلاح جملن ۾ ڪم آڻيو ۽ سندن معنيٰ ٻڌايو: هاڃي وجهڻ - پير ڊگها ڪرڻ - هٿ ڦاڙ ٽيڻ - پرائي ماڙي ڏسي، پنهنجو پونگو ڊاهڻ - هٿ ٽنگڻ - سَوڙ آهر پير ڊگهيرڻ - ڪَچي ڦاڙڻ - هٿيءَ سارو هوڪو ڏيڻ.

2. هن سبق ۾ جيڪي پهاڪا ڪم آيل آهن، اهي سمجهايو.

3. فضول خرچيءَ مان ڪهڙا ڪهڙا نقصان ٿين ٿا؟

4. اهڙا لفظ ٻُڌايو، جي اسم جا مقدار ڏيکارين.

سبق اوڻيهون

استاد

(ننڍڙو ناٽڪ)

[ويس ڌاري: ماستر، سڄڻ (شاگرد)، بهادر ۽ سياڻي (سڄڻ جو پيءُ - ماءُ)، ٻه ننڍڙا ٻيمار ٻار. جاءِ - سڄڻ شاگرد جو گهر.]

(سڄڻ ڪيترن ڏينهن کان اسڪول ڪونه ٿو وڃي. هڪ ڏينهن ماستر، سڄڻ کي وٺڻ لاءِ سندس گهر وڃي ٿو.

ماستر: سڄڻ! او سڄڻ! (گهر جي لوڙهي کان ويهه - پنجويهه قدم پرڀرو بيهي، سڏ ڪري ٿو.)

سياڻي: ادا ڪهڙو آهين؟ (مٽي تي رکيل ٻار جي چولي سان، گهر جي ڪَرڙهه وٽ اچي، سامهون اچڻ ڪپڙن سان هڪ ماڻهوءَ تي نگاهه پوندي، هڪدم پوئتي هٽي، مڙس کي اچي ٻڌائي ٿي. بهادر لٺ جي ٽيڪ سان رڙهندو، ڪنگهندو ٻاهر اچي ٿو.)

بهادر: (ادب سان هٿ ڏيئي) سائين، تو وڏي تڪليف ڪئي آهي. معاف ڪجئين؟ منهنجا هي حال آهن، لاچار ڪان سڄڻ کي روڪيو اٿم.

ماستر: ڇوڪرو ڪيترن ڏينهن کان اسڪول ڪونه ٿو اچي. ڏهين - پندرهين ڏينهن امتحان ٿيڻو آهي.

اڄ انهيءَ ڪري پنڌ پيو آهيان ته ڇوڪري جو سال اجايو ويندو، هينئر ئي سڌي وڃينس ته وڃيو وڃانس.

بهادر: چڱو، ڇوڪري کي ته ٻچي ٿا پئون، پر اوهان جو هيتري تڪليف ڪئي آهي، گهڙي ساعت ويهي ڪا لسيءَ لپ ته پيئو (ائين چئي، ماستر کي ٻانهن کان جهلي ٿو.)

ماستر: ڀائو، تنهنجي مهرباني! حجاب ڪونهي. اسڪول ۾ ڇوڪرا واندا ويٺا هوندا، انهن جو خيال ڪرڻو آهي. پنهنجا ٻچا آهن -- غريبن جا، چئن اڪرن وارا ٿي پيا ته منهنجي، تنهنجي، اسان سڀني غريبن جي ڀور هيٺن جي ڀلائي آهي. (ائين چئي، بهادر کان پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر بهادر حجت ڪري، ماستر کي ٻانهن کان ڇڪي گهر وٺي اچي ٿو. گهر جي آڳر ۾ چنل ڪنولو ۽ هڪ گابي ڪيلي سان ٻڌي بيٺي آهي. ڪنڌائين ڇپر واري گهر ۾ ٽي ڪنولا جن مان هڪ تي پنج-ست رليون ۽ هڪ-اڌ سوڙ پيل ۽ ڪنولي جي هيٺان ڪاٺ جي ننڍي پيتي، ٻ-ٽي ٺڪر جا ٻيلهڙا ۽ ٿانوَن جو ننڍو ڪارو رکيل آهي. هڪ ڪنولي تي ٻه ٻار تپ ۾ ورتل ۽ مٿانئن هڪ آڏوراٽي ميري رلي پيل آهي. ٽئين ڪنولي تي چنل رلي ۽ گپ جهڙو وهاڻو رکيل آهي. ماستر کي گهر ڏانهن ايندي ڏسي، سياڻي، ماستر کي: ”ادا، ڀلي ڪري آئين!“ چئي، کيڪاري ٿي.)

ماستر: (ٻارن تي نگاھ پوندي) ڪيترن ڏينهن کان بيمار آهن؟

بهادر: انهن جو ٻہ ٽن ڏهن ڏينهن کان اهو حال آهي.

ماستر: دوا ڪونہ ٿو ڪرائين؟

بهادر: ماستر صاحب! ڪهڙو حال ڪجي!

ماستر: ادا، مان بہ تہ هڪ هاريءَ جو پٽ آهيان. ٻاڙ غريبن جو هڪئي کان ڪهڙو پيٽ ڳجهو آهي. آٽيون ۽ چاڙهيون. ٻارهوئي ورهہ لاءِ چادر ڪلهي تي ۽ وڏيري جي در تي.

بهادر: تہ پوءِ باقي ڇا ٻڌايان. ٽن مهينن کان ڦٽين جي هڪ پائي بہ نہ ملي آهي. جڏهن وڃ اهوئي جواب، تہ "اڄ نہ، سڀاڻي، ڪارخاني وارن اڃا اڳهہ ئي نہ ڀاڙيو آهي."

ماستر: سڀني سان اهوئي ويل آهي، ڀهرين تہ پورو حق نہ ملي، وري جيڪي ملي سو بہ مهل تي ڪم نہ اچي. پر ڀائي، اهو اسان جو ڏوھ آهي. اسان ۾ جيڪڏهن سجاڳي هجي تہ ڇا وس آهي ڪنهن جو، جيڪو اسان جو حق ماري سگهي!

بهادر: سچ ٿا چئو، ماستر صاحب! اسان پورهيتن ۾ الائي ڪڏهن سجاڳي ايندي؟ (اوڏيءَ مهل سياڳي، مانيءَ تي مڪڻ ذرو ۽ لسيءَ جو وٽو کڻي آئي.

ماستر بہ-چار گرنهن کائي، لسي پيي اٿي تي هو تہ سامهون ڪڙھ وٽان سڄڻ مٽي تي گاھ جي موڙيءَ

سان اچي نڪتو. گابيءَ کي گاهه جي مُٺ وجهي، استاد کي وڏي ادب سان مليو.)

ماستر: سچو بابا! هاڻي هڪ ڏينهن به نه گسائيندين، رڳو ڏهاڙي به ڪلاس ۾ اسڪول ۾ آئين ته مان نه ويندو.

سچو: سائين، آءٌ ته بابا کي ڏهاڙي اهوئي عرض ڪندو آهيان. هاڻي جيئن اوهان حڪم ڪريو؟

بهادر: (ماستر کي) بس، هاڻي اوهان کي تڪليف نه ڏبي. سڀاڻي سچو اسڪول ۾ ڏسندؤ، يقين ڪيو.

ماستر: اسان استاد پاڻ غريب، پورهيتن جو اولاد! پنهنجن ٻچن کي پڙهائڻ ۾ تڪليف سمجهون يا ڪنهن تي پنهنجي مهرباني سمجهون، ته پوءِ استادن جي انهيءَ ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي بدنصيبي چئبي؟ مزورن ۽ هارين جي اولاد کي پڙهائڻ، اسان جي پنهنجو پاڻ سان ڀلائي آهي. اها حقيقت به اسان استادن ته چاتي، ته پوءِ اسان جو علم ڪهڙي ڪم جو؟ (ائين چئي، ماستر موڪلائي، روانو ٿئي ٿو.)

استعمالي سوال

1. هن ناٽڪ ڪرڻ لاءِ جيڪي شيون گهرجن، انهن جي لسٽ ٺاهيو:

2. گهربل سامان مان ڪهڙيون ڪهڙيون شيون اوهان هٿ ڪري ڏيندؤ؟

3. هيٺيان جملا ڪنهن جا ڪنهن جا چيل آهن، اوهان پاڻ به چئي ٻڌايو:

(الف) چادر ڪلهي تي ۽ وڏيري جي در تي.

(ب) اسان پورهيتن ۾ الائي ڪڏهن سجاڳي ايندي؟

(ج) ته پوءِ اسان جو علم ڪهڙي ڪم جو؟

سبق ويھون

ڪيتي سرسيتي (نظم)

هڪڙو لڪ جو ٻول ٻڌائين، ڪيتي آ سرسيتي سائين!

اوڙ سڌي چڻ سينڌ سچڻ جي، آن ۾ موتي ٻج ڇٽي ٿو،
همت سان ۽ محنت سان ئي، هاري هرڪا راند کٽي ٿو،
هڪڙو لڪ جو ٻول ٻڌائين، ڪيتي آ سرسيتي سائين!

هاريءَ جي همت سان سائين، ڏک لهن ٿا، سک ملن ٿا،
پيشانيءَ تان بوند پگهر جي، ڪِري ته کِل کِل کيت کِلن ٿا،
هڪڙو لڪ جو ٻول ٻڌائين، ڪيتي آ سرسيتي سائين!

ملڪ مٽي جا ماڻهو پيارا، همت وارا، حشمت وارا،
ڪاهي هليا قرب منجهاران، ٻگا، ساوا، ڏاند متارا،
هڪڙو لڪ جو ٻول ٻڌائين، ڪيتي آ سرسيتي سائين!

— امداد حسيني

استعمالي سوال

1. همت ۽ محنت سان هاري ڪهڙيءَ طرح ڏکن کي سکن ۾ بدلائي ڇڏي ٿو؟

2. "ڪيتي سرسيتي" ڪهڙيءَ طرح؟ دليل ڏيئي سمجهايو.
3. "ملڪ مٺي جا ماڻهو پيارا!" هن سٽ تي هڪ ليک لکو.
4. هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:
ٻول - ڪيت - حشمت.

سبق ايڪيهون

ونئڻن جي پوک



(ونئڻن جي پوک جو نظارو ۽ ڪپهه جي ڦٽي)

سنڌ هڪ زرعي پرڳڻو آهي. هتي جي ماڻهن جو مکيه ڌنڌو آهي پوک ڪرڻ. هتي جي زمين به تمام ڀلي آهي. خاص طرح وچولي ڀاڱي جي زمين پوک لاءِ نهايت ڪارائتي آهي. وچولي ۾ خريف جي مکيه پيدائش ونئڻن جي آهي. سکر بئراج کان اڳ پاڻي گهٽ هوندو هو، انهيءَ ڪري ونئڻن جي پوک گهٽ هوندي هئي. پر سال 1932ع کان پوءِ جڏهن کان بئراج جو پاڻي چالو ٿيو آهي، تڏهن کان هن پوک

ڪي وارو ملِيو آهي. هزارين ماڻهو انهن وڻن
کيا ستابا ڪري چڙيا آهن.

وڻن جي پوک لاءِ اول زمين کي سُڪيءَ جا
هر ڏنا آهن. وڏن آزمودگار هارين جو چوڻ آهي
ته "جيترو هر، تيترو ڦر." انهيءَ ڪري محنتي هاري
ڇهه-ڇهه، ست-ست هر به ڪڏي ويندا آهن. انهيءَ
کان پوءِ ان زمين ۾ پاڻ وڌو ويندو آهي. پاڻ
لاءِ عام چوڻي آهي ته 'پاڻ آهي جواڻ.' يعني پاڻوٽي
ٻني هميشه جوان رهندي، ڪڏهن به ٿڪبي ڪانه.
هر سال پئي پوکبي، ته هر سال هڪجهڙي هوندي.
پاڻ لاءِ هيئن به چوندا آهن، ته "پاڻون وڃي، پاڻون
ته وڃي." يعني جيڪڏهن ڪنهن جو بخت ڦٽل هوندو،
ته به پاڻ واري ٻني ورِلهي نه ٿيندي.

پاڻ ۾ ٻاڪري پاڻ کي اول نمبر مليل آهي.
ان کان پوءِ ٻئي نمبر تي ڳائو، ماهيو، وغيره، پاڻ
ليکبو آهي.

پاڻ وجهڻ کان پوءِ، هاري انهيءَ کي زمين ۾
پکيڙيندا آهن. پوءِ موسم تي، پوکٽيءَ جو پاڻي
ڏيندا آهن. وڻن پوکڻ لاءِ اپريل ۽ مئي مهينا
پوري مند آهي. ان کان پوءِ جا پوکيل وڻ پاڇاٽا
ليکبا آهن. سياڻا چوندا آهن ته "پاڇاٽي پٽ کان
آڳاٽي ڌيءَ ڀلي آهي."

سو منڊائتي وڻن سان لڳي ئي ڪونه، سڄاڻ هاري
ٻه روڏيون ڪندا آهن، يعني اول هڪ پاڻي ڪچيءَ

جو ڏيندا آهن ۽ ٻيو ڀڪيءَ جو. جڏهن زمين هرڻ ايندي آهي، تڏهن انهيءَ ڪي ٻه هر ڏيئي، مٿان تر ڇٽائيندا آهن. ٻئي ڏينهن ناڙي ڪندا آهن.

ڪي وري ڇٽ ڪيرڻ ڪندا آهن. يعني ڪڪڙ ڇٽي، مٿان هر ڏيئي ڇڏيندا آهن. پر انهيءَ کان ناڙي وڌيڪ آهي. ناڙيءَ مان هيٺيان فائدا آهن:

(1) ٻج تمام ٿورو کپندو آهي.

(2) زمين ٽڪي ڪانهي.

(3) گُڏ جي هرڻ ڪيڻ ۾ سهوليت ٿيندي آهي.

(4) ونئڻ چونڊڻ ۾ سولا ٿيندا آهن.

ونئڻ پوکڻ بعد پنجوءَ جي گُڏ ڪڍائڻ ضروري آهي. جڏهن گُڏ نڪري وڃي، تڏهن پهريون پاڻي ڏجي. ڪي هوشيار هاري گُڏ جي عيوض ونئڻ کي هر ڏيندا آهن، ان مان نه رڳو گُڏ جو گاهه پٽجي ويندو آهي، پر زمين جي آڏاڻ ڪري ونئڻ کي وڏو فائدو پهچندو آهي.

ونئڻ چار مهينا بيهندا آهن. ان بعد منجهن پهرين پاڻي ٿيندي آهي، جنهن ۾ گل ٿيندا آهن. انهن گلن مان پوءِ گوگڙا ٿيندا آهن. اهي گوگڙا ڪجهه ڏينهن بعد ڦٽندا آهن، ته منجهانئن ڦٽيون پيدا ٿي پونديون آهن.

استعمالي سوال

1. سنڌ جي ماڻهن جو مکيه ڌندو ڪهڙو آهي؟
2. ونئڻ جي پوک ڪڏهن کان زور ورتو آهي؟

3. ڇت ڪيڙ ڇا ڪي ڇوندا آهن؟
4. ناڙي ڪيئن ڪبي آهي؟
5. ونڌڻ جي پوک لاءِ ڪهڙا مهينا ڪارائتا آهن؟
6. هيٺيان پهاڪا سمجهايو:
جيترو هر اوترو ڦر- ڀاڳون وڃي ته ڀاڙون نه وڃي.
7. اوهان ونڌڻ ڇونڊبا ڏٺا هجن، ته اهو بيان ڪريو.
3. ضمير ڇا ڪي چئجي؟

سبق ٻاويهون

سونپيل ڪم تي سچو رهڻ

بلوچستان جي پوين جنگين ۾ هڪ عجيب مثال ٿي گذريو آهي، جنهن مان ڏسبو ته ماڻهو، جي پنهنجي مڙسيءَ تي ٿو اچي، همت جو سندرو ٿو ٻڌي، پنهنجن فرض تي ثابت قدم ٿي ٿو بيهي ۽ ايمان نٿو ڇڏي، ته الاجي ڇا ڇا ٿو ڪري سگهي.

انهيءَ پاسي ڪن ٻن ڌرين جي اچي پاڻ ۾ لڙائي لڳي. هڪڙيءَ ڌر ٽيهه پهلوان سپاهي چونڊي خزاني جي حفاظت لاءِ رکيا. خزاني جي جاءِ جنگ جي ميدان کان ٻه ميل پري هئي. سپاهين نوبت ڪٽي ٻڌي. ڏهن ڇڻ ڏينهن جو پهرو ٿي ڏنو ۽ ويهن ڇڻ رات جو. آخر ڇئن ڏينهن جي جنگ بعد خزاني جي مالڪن جي هار ٿي ۽ اُٿي ڀڳا. دشمن ڪاهي پٺيان پين ۽ خزاني لٽڻ لاءِ ڏيڍ سؤ کن ماڻهن جو چڙهائي ڪري آيو. پهريوارا سرويچ هئا، مٺي مارائي ٻنا رهڻ وارا نه هئا. هشيار پنوهار وٽن به موجود هئا، سو مڙس ٿي بيٺا رکو ايترو خوف ٿي ٿين، ته مٿان ڪو آلو اڏامي تنبن ۾ نه اچي پوي، جو اتي خزانو رکيل هو.

هاڻ دشمن حملو ڪيو ۽ هنن ٻه ساڻن منهن ڏنو. ٻه ڪلاڪ ڏاڍي جوش سان لڙائي هلي. دشمن جا پنجاهه ڪن همراهه مئا ۽ ڦريوارن جو فقط ڏهاڪو ڪن نقصان ٿيو. ساعت ڪن رکي دشمن وري جنگ شروع ڪئي ۽ هڪ ٻئي پٺيان ٽي دفعا حملو ڪيائون، پر ڦريوارن ٽيئي دفعا هٽائي ڪڍين، تان جو هنن ويچارن جا باقي اچي ست مڙس رهيا ۽ هوڏانهن سڄي پنجاهي ڄڻن جي هجي. انهيءَ هوندي ٻه هي ڪٽي وڙهي ڇڏين، سو اصل نه، چون ته "جتي اسان جي پين سنگتين سر ڏنو، اسين ٻه اتي! جيسين بدن ۾ ساهه اٿون، تيسين دشمن خزاني کي هٿ لائي، سا آنٽيٺي آهي."

پوءِ ته تراريون اگهاڙيون ڪري دروازن تي ٽي بيٺا. جيڪو اچي، تنهن کي ٽڪاءُ ڪن ترار- يا ترار ٻه ٽڪر يا ان جي سري ٻه اڌ. تان جو باقي سندن ٽي جوان اچي بچيا، ۽ هوڏانهن اچا ويهارو ڄڻا هئا. اچي پاڻ ۾ سوڙها پيا. هڪڙي مڙس ته پنج-ڇهه ڄڻا ماري وڌا، ٻيو ٻه مست ٽي بيٺو ۽ ڀڪي سر چار- پنج ماڻهو ڪيرائي وڌائين. پر نيٺ ٻئي ڄڻا اڄ ۾ ماندا ٿي ڪري پيا. ٽئين ڄڻي ٻه پاڻ چڱو موڪيو، آخر اهو ٻه ساٿو ٿي ڪري پيو، پر دشمن مان ٻه سڄين لڳين ڪو نه بچيو.

ڏسو هنن پهلوانن جي سورهيائي، جي مرندي مري ويا، پر پنهنجو سونپيل ڪم نه ڇڏيائون.

استعمالي سوال

1. خزاني جي ٽيهن پهريدارن تي دشمن جا ڪيترا سپاهي چڙهائي ڪري آيا؟
2. دشمن جا ايترا ماڻهو ڏسي، پهريدار ڇو نه ڀڳا؟
3. پهريدارن جا جڏهن ست سپاهي بچيا، تڏهن انهن ڇا ڪيو؟
4. هن سبق مان ڪهڙي نصيحت ٿي ملي؟
5. هيءَ ڳالهه پنهنجن لفظن ۾ ڇهين پڙهيو ۽ لکي ڏيکاريو.
6. سبق جي پهرين ٽن سٽن ۾ جيڪي اسم ۽ فعل آهن، سي ڳولهيو.

سبق ٽيويهون

بهار (نظم)

1- آئي مند ملهار! پکين ڪئي للڪار!
رُتيون مڙيئي ڀليون، ڪانهي تُل بهار،
انگوريون ۽ ڪيتڪيون، ڪڙيا ڪنٺهار،
ڪليو گل گلاب جو، هنڌ هنڌ ٿي مهڪار،
ڪيلي ڪا ڪيدي ڪئي، لات مٺي للڪار-
سڻ ڪوئل جي ڪونجار!

2- آئي رُت بسنت جي، ٽلي سهڪا ٽار،
موتيو، مگرو، زعفران، چنبيلي چوڌار،
ڪستوري خوشبوءِ ٿي، ڀريا ڀؤنر هزار،
باتيون ڪن بستان ۾، بلبلن جا دئار-
سڻ ڀوريءَ جي ڦڪار!

3- آئي رُت بسنت جي، پکين سَرهائي،
سينو ڪڍيو، چهنبون پٽيو، ڏين وڻ وڻ واڌائي،
چونير ٽيڙي چوٽي، لات مٺي لائي،
انبن مٿان آسري، طوطي ڪئي تنوار-
سڻ چَتونءَ جي چونڪار!

4. پٽن کي پهراڻ پيو، ڏس قادر جو ڪم!
ڇيهو ڇل ڇگو ٿيو، سائون ڳنڍير ڳم،
پاريهل خوشيءَ مان، دم دم ڀري دم،
ڀتل مٿان ڀٽندي، آگن ڪيا آچار.
سڻ هريءَ جي هونگار!

5. ڪائي ويٺي ڪيٽ کي، ڏس ٻوڙيءَ جا پار،
ڪنيون ڪانياٽي هٽ ۾، ٻنيرن جا ٻار؛
هٽن گليلاهن کي هڪل ڪيو هاڪار،
مٿان لنگهندي موسڙي، عجب ڪيا اظهار.
سڻ جهرڙ جي جهونگار!

6. وڻن مٿان مور ٿي، جهڪڻ لڳو جهنگ،
سونهي ٿو سبزيءَ ڪان، سيڪو دڙو دنگ،
واڪاٽيو واحد کي، ڇيهن ڇوري ڇنگ،
ٽپندي ڪنهن ٽاريءَ تي، ڪئي ڳاڏيرن گفتار!
سڻ ٽڪليءَ جي ٽونڪار!
سڻ پکين جي للڪار!

استعمالي سوال

1. ڪهڙيءَ موسم ۾ خوش ڏسبا آهن؟
2. بهار ۾ وڻن جي ڪهڙي حالت ٿيندي آهي؟
3. هن بيت ۾ جيڪي پکين جا نالا آهن، سي لکو.
4. اهڙا لفظ ڳوليو، جن مان ناڪار جي معنيٰ نڪري.


سبق چويهون

علاج ۽ بچاءُ

ڏهه - ٻارهن ڏينهن ٿيندا، جو منهنجي ننڍڙي ڀاءُ کي تپ ٿي پيو. ادا بيمار ٿي پيو، ته سڄو سارو گهر پريشان ٿي پيو. سڀني کان وڌيڪ پريشان هُئي اسان جي امي. هن سڄي رات جاڳندي اکين ۾ ڪاٽي. اڃا مس صبح ٿيو ته مون کي چوڻ لڳي، "ٻاڦهين کي ڊاڪٽر وٽ وٺي وڃ!" آءٌ ٽانگو وٺي آيس، ۽ ادا کي ساڻ ڪري، اسپتال پهتس. ڊاڪٽر جي ڪمري ۾، اندر توڙي ٻاهر، چوڌاري بيمار موجود هئا. ڪو ڪنجهي رهيو هو، ته ڪو ٻنهي تي پئجي هاءِ هاءِ ڪري رهيو هو، ته ڪيترا وري ٻت کي ٽيڪ ڏيو ويٺا هئا ۽ بيٺا هئا.

ڊاڪٽر صاحب واري وٺيءَ سان هرهڪ کي ڏسي به رهيو هو، ته کين دلجاءِ به ڏيئي رهيو هو. چي: "ڪو به ڊپ ڊاءُ نه ڪريو! مليريا آهي، ٻه - ٽي ڏينهن پرهيز ڪندا، ۽ دوا وٺندا، ته لهي ويندي!" جڏهن منهنجو وارو آيو ته آءٌ اڳتي وڌي ويس. ڊاڪٽر کي سلام ڪيم. ڊاڪٽر مشڪندي سلام ورايو. پوءِ ادي کي ڏسي، حال احوال وٺي، دوا لکي ڏنائين. مون دوا ورتي ۽ پوءِ موٽي گهر آياسين.

ڊاڪٽر صاحب ڪو بابي سائينءَ جو دوست هو. اسپتال مان واندو ٿي، هو سڌو اسان جي گهر آيو.



خوش خير عافيت ڪري، اَدي جي خبرچار پڇيائين، امان ڪي پريشان ڏسي ڪيس آٿت ڏنائين، ۽ چوڻ لڳو، "پيڻ! ڳڻتيءَ جي ڳالهه ڪانهي، هن وقت تپ جي موسم آهي. هرهنڌ مليريا پکڙيل آهي." امڙ ڊاڪٽر جي ڳالهه ٻڌي، پڇڻ لڳي، "ڊاڪٽر صاحب، ڀلا هن مليريا جو ڪو علاج به آهي يا نه؟" ڊاڪٽر ڪِلي چوڻ لڳو، "ڀيڻ! اِنهيءَ جو علاج آهي دوا ۽ پرهيز، پر سچي ڳالهه اها آهي ته انهيءَ جو وڏو علاج آهي اڳواٽ بچاءُ!" بابو سائين، ڊاڪٽر جي ڳالهه

پڇڻ لڳو، "ڊاڪٽر صاحب! اڳوات بچاءُ مان اوهان جو مطلب ڀلا ڪهڙو آهي؟" هن ورندي ڏني، "ادا سائين! ڳالهه اها آهي، جو اسين ماڻهو بيمار ٿيڻ کان پوءِ دوا درمل ته ڪريون ٿا، پر بيماريءَ کان اڳ ان جي روڪڻ لاءِ ڪجهه به ڪين ٿا ڪريون. اڄڪلهه جيڪو ماڻهن کي تپ آهي، سو آهي مليريا جو. اوهان کي به خبر آهي ته مليريا جو ڪارڻ جيوڙا آهن. اهي جيوڙا هڪ خاص قسم جي مڇر جي چڪ پائڻ ڪري انسان جي رت ۾ هليا ٿا وڃن. اهي مڇر بيٺل پاڻيءَ ۾ پيدا ٿا ٿين. مليريا کان بچاءُ جو طريقو هيءُ آهي، جو پنهنجن گهرن ۾ يا انهن جي آسپاس پاڻي گڏ ٿيڻ نه ڏجي. جيڪڏهن ڪٿي پاڻي بيهي رهي، ته ان جي مٿان گاسليٽ ڇٽڪاري ڇڏجي. اُن سان مڇر آنن مان ڦٽڻ بعد مري ويندا. پوءِ نڪي هوندا مڇر نڪا ٿيندي مليريا. ان کان سواءِ هن وقت اسان جي ملڪ ۾ مليريا جي خلاف هڪ وڏي ڪوشش جاري آهي. جيڪڏهن اوهان جي پاڙي ۾ ڊي. ڊي. ٽيءَ جي ڇٽڪار وارا اچن، ته پنهنجي گهر جي اندرين ڀتين ۽ ڇتين تي ڇٽڪار ڪرائي ڇڏيو. بس اڳوات بچاءُ انهيءَ کي ٿو سڏجي."

بابي سائينءَ ڊاڪٽر صاحب جن جا ٿورا مڃيندي چيو، "آءٌ اڄ ئي ٿو پنهنجي آسپاس جي پاڻيءَ جي کڏن کوٻن ۾ ڪسين ۾ گاسليٽ هارايان." ڊاڪٽر اهو ٻڌندي، وري چوڻ لڳو، "باقي هڪڙي ڳالهه

پئي ٻه ڪرڻي پوندو. ڪلورو ڪئنين جون گوريون جيڪي ٻار تندرست آهن، انهن کي ٻه هفتي ۾ هڪڙو ڀيرو هڪڙي گوري ڪارائي ڇڏيندا. انشاءالله انهن کي تپ ڏيندوئي ڪو نه."

مٿين ڳالهين ڪرڻ کان پوءِ ڊاڪٽر پنهنجو دوائن وارو ٿيلهو کڻي اٿيو ۽ سلام ورائيندي، هليو ويو.

استعمالي سوال

هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. ڊاڪٽر صاحب مليريا جي بهترين علاج لاءِ ڪهڙو ڏس ڏنو؟
2. مليريا ڇو ٿئي؟
3. ڊاڪٽر صاحب ڪلورو ڪئنين جون گوريون ڇا جي لاءِ ڏنيون؟

هيٺيان لفظ جملن ۾ ڪتب آڻيو:
علاج - ٽيڪ - ڇڻڪار - بچاءُ.

هيٺيان خال ڀري جملا پورا ڪريو:
(i) مون ڊاڪٽر صاحب کي اڳي وڌي ......
(ii) ڊاڪٽرصاحب ڪين ڏسي ٻه رهيو هو، ته ڪين......
(iii) ڪيترا وري پيٽ کي ٽيڪ ......
(iV) ڊاڪٽر صاحب دوا ......
(V) اڄ پنهنجي ڪم مان واندو ٿي ......

سبق پنجويهون

محترمه فاطمه جناح

محترمه فاطمه جناح اسان جي قائداعظم جي ننڍي ڀيڻ هئي. هوءَ مرحوم قائداعظم کان عمر ۾ سترهن سال ننڍي هئي. هوءَ انهيءَ ساڳيءَ جاءِ ۾ ڄائي هئي، جتي ڪراچيءَ ۾ قائداعظم ڄائو هو.

محترمه فاطمه جناح اڃا ٻن سالن جي مس ٿي هئي، جو سندن ماءُ وفات ڪري ويئي. اٺن سالن جي عمر ۾ هوءَ پنهنجي پيءُ جي سرپرستيءَ کان به محروم ٿي ويئي. قائداعظم ٿي پوءِ هن کي سنڀالڻ لڳو.

هوءَ پيءُ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ، بمبئيءَ وڃي قائداعظم سان گڏ رهڻ لڳي. قائداعظم کيس اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏني. هن اتي ڏهين جماعت جو امتحان پاس ڪري ورتو. انهيءَ امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ هوءَ پڙهائي ڇڏي، سڄو وقت گهر ۾ گذارڻ لڳي.

سن 1926ع ڌاري، هوءَ ڏندن جي ڊاڪٽريءَ جي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪلڪتي رواني ٿي. هوءَ پنهنجي آهل، سکيا پوري ڪري، وري بمبئيءَ ۾ موٽي آئي. بمبئيءَ ۾ موٽي اچڻ کان پوءِ، هن ڏندن جي ڊاڪٽريءَ جو ڪم شروع ڪيو. اڃا انهيءَ



محترمه فاطمه جناح

ڳالهہ ڪي گهٽو وقت بہ ڪونہ لڳو هو، تہ سن 1929ع ۾ قائداعظم جي بيگم وفات ڪري ويئي، ۽ هنن جو گهر ڇڻ خالي ٿي ويو. اهوئي سبب هو، جو محترمہ فاطمہ جناح پوءِ ڊاڪٽريءَ جو ڌنڌو ڇڏي دل ۾ اهو پڪو پهہ ڪيو تہ باقي سڄي عمر پنهنجي ڀاءُ جي خدمت ڪنديس.

سن 1930ع ۾ جڏهن قائداعظم انگلنڊ ويو، تڏهن محترمہ فاطمہ جناح بہ ساڻس گڏجي، اوڏانهن رواني ٿي ۽ سن 1935ع تائين اتي ئي رهي. سن 1935ع ۾ قائداعظم هندستان واپس موٽي آيو ۽ مسلم ليگ جي صدارت جو عهدو قبول ڪيائين. انهيءَ کان پوءِ جيسين هو جيئرو رهيو، تيسين پنهنجي قوم جي خدمت ڪندو رهيو، ۽ محترمہ فاطمہ جناح ساڻس ڀانهن ڀيلياڻي ٿي رهي.

قائداعظم کي قومي خدمت جي ڪري ڏينهن رات ڪم ڪرڻو پوندو هو. کيس آرام ڪرڻ لاءِ بہ وقت ڪونہ ملندو هو. انهيءَ ڪري اهو تمام ضروري هو تہ ڪو نہ ڪو سندس آرام ۽ آسائش جو خيال ۽ اونو رکي. محترمہ فاطمہ جناح اها خدمت پوريءَ طرح، دل و جان سان بجا آندي.

قائداعظم کي قومي ڪمن ڪارين جي سلسلي ۾ اڪثر ٻاهر گشت تي وڃڻو پوندو هو، تہ محترمہ فاطمہ جناح ساڻس هميشہ گڏ هوندي هئي. اتفاق سان هوءَ جيڪڏهن

پويان رهجي وينديون هيون، ته خط پٽ، ٽيليفون ۽ تار رستي هر روز ڀاءُ جي خيريت جو حال احوال وٺنديون هيون.

محترمه فاطمه جناح قائداعظم جي کاڌي پيتي جو ڏاڍو ڌيان رکنديون هيون. سندس کاڌو پنهنجي نظرداريءَ ۾ سنڀال هيٺ تيار ڪرائينديون هيون، ۽ ساڻس گڏ جي کائينديون هيون. جيستائين قائداعظم جاڳندو رهندو هو، تيستائين هوءَ به ڪين سمهنديون هيون. انهن ڳالهين ڪري قائداعظم بي اونو ٿي ڪم ڪارين ۾ مصروف رهندو هو.

قائداعظم کي خبر هئي ته جيڪو ڪم هو پنهنجي قوم لاءِ ڪري رهيو هو، انهيءَ ۾ محترمه فاطمه جناح جي خدمت، محبت ۽ خلوص جو پڻ وڏو حصو هو. هڪڙي ڀيري ته قائداعظم پاڻ فرمايو هو ته "آخر مسلم ليگ ڇا آهي"؟ "اهو آهي، "آءٌ ۽ منهنجي ڀيڻ."

قائداعظم جن جي قابليت ۽ محنت جي ڪري ئي سن 1947ع ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪيس اڳي کان به وڌيڪ محنت ڪرڻي پيئي. سندس تندرستي خراب ٿيڻ لڳي، نيٺ 11- سيپٽمبر سن 1948ع ۾ پاڻ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيائين. وفات کان اڳ، ناچاقائي ۽ بيماريءَ ۾ ڀيڻ، ڀاءُ جي ٽهل ٽڪور ۾ راتين جون راتيون اوجاڳا ڪيا، پر هوءَ پنهنجي پياري ڀاءُ کي موت جي ظالم چنبي مان ڇڏائي ڪين سگهي.

محترمه فاطمه جناح جو پاڪستان جي ٺهڻ ۾ پڻ وڏو هٿ هو. پاڪستان تحريڪ لاءِ هُن مسلمان عورتن ۾ ڪافي زندگي ۽ سجاڳي پيدا ڪئي.

آخر هيءَ بزرگ هستي، جنهن پنهنجي سڄي حياتي پنهنجي عظيم ڀاءُ ۽ قوم لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي، 9- جولاءِ 1967ع تي پنهنجي اباڻي شهر ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي. هن کي وڏيءَ عزت ۽ احترام سان پنهنجي ڀاءُ جي پرسان دفن ڪيو ويو.

پاڪستانين جي دل ۾ محترمه فاطمه جناح جي لاءِ جيڪا محبت ۽ جيڪو احترام موجود آهي، انهيءَ جو اندازو ان مان ظاهر ٿو ٿئي، جو سڄي قوم کيس "مادرِ ملت" ۽ "خاتونِ پاڪستان" جي نالن سان ياد ڪري ٿي.

استعمالي سوال

1. هيٺيان جملا پورا ڪري، وري لکو:

(1) محترمه فاطمه جناح جي انهيءَ وقت عمر ڪي ٻه سال هئي، جڏهن...

(2) ان سالن جي عمر ۾ هن جو پيءُ...

(3) انهيءَ کان پوءِ هن جي... هن جي سنڀال...

(4) محترمه فاطمه جناح ڏندن جي ڊاڪٽريءَ جي تربيت لاءِ...

(5) هن اهو فيصلو ڪيو ته سڄي حياتي...

2. هيٺيان لفظ استعمال ڪريو:

صرف ٿيڻ - ڏنڊو - سرانجام ڪرڻ - ذميداري - آسائش - خيريت - سنڀال - شريڪ ٿيڻ - وقف ڪرڻ.

3. هن سبق جي پڇاڙيءَ وارو فقرو سهڻن اکرن ۾ وري پنهنجي نوٽبڪ ۾ لکي ڏيکاريو.

سبق چوٿون

قرب ۽ همدردي

قسمت سانگي ڪالهه جهنگ جو شيل پئي ڪيو. ڪنهن وقت هڪ قبر اڳيان ٻه ٻار ويٺل ڏسي حيران ٿي ويس. دل ۾ چيم ته هتي هنن جي رهڻ جو سبب ڇا هوندو؟ ويجهو وڃي ڏسان، ته هڪ ماني اٿن، جا هڪٻئي کي پيا آڇين، پر منجهانئن ڪائي ڪوئي کون نٿو. هي حال ڏسي، مون ڇوڪر کان اُن ڳالهه جو سبب پڇيو. ڇوڪر اکين ۾ پاڻي آڻي چيو ته ”هيءَ منهنجي ڀيڻ، ۽ آءٌ شهر ۾ پنڻ ويا هئاسين. ڪنهن شخص ٻاجهه آڻي، هن کي سڏ ڪري هڪ ماني ڏني، پر مون کي سو پنيو ٽڪر به ڪٿان ڪونه مليو. هيءَ هاڻي چوي ٿي ته، ”هيءَ ماني تون کاءُ!“ آءٌ چوان ٿو ته ”جا ماني هن کي ملي، سا آءٌ ڪيئن کاوان؟“

ڇوڪر اِها ڳالهه ڪري بس ڪئي، ته ڇوڪري زار زار روئي چوڻ لڳي، ته ”ادو ڪالهونڪر بکن بيحال ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ ڇو جيسين هي نه کائيندو، تيسين مون کان گرنهه ڪيئن اُڪلندو؟“

هنن جو پاڻ ۾ ايڏو پيار ڏسي، آءٌ حيران ٿي ويس. ڪيس ڳراهنڙيون پائي جهنگ ۾ رهڻ جو سبب پڇيم.

بس اتي ڇوڪر وري اچي روئڻ ۾ ڇٽڪيو ۽ هوڏانهن پيٽس به هنجون هارڻ لڳي. هنن کي هيئن جهڄندو ڏسي، منهنجي اکين مان بي اختيار ڳوڙها ڳڙي پيا. آخر جڏهن پٽي ڦريمان، تڏهن ڇوڪر آيسا ساهه کڻي چوڻ لڳو، ته "هيءَ قبر ۾ اسان جي امڙ پوريل آهي. سڪرات مهل هن اسان کي سڏي چيو ته آءٌ هاڻي ڏڻيءَ وٽ ٿي وڃان، پر توهين دلگير نه ٿجو. ڌڻي سڳورو توهان جو رکوال آهي، سو پاڻهي توهان کي سنڀاليندو. ائين چئي امڙ هلندي رهي.

"اسان کي پنهنجي ماءُ جي وڃڻ جو ڏاڍو ڏک ٿيو، پر وري به آسرو هوسين ته ڌڻي اسان جي سار سنڀال لهڻ وارو ويٺو آهي.

"اسين پوءِ ڌڻيءَ جي تلاش ۾ نڪتاسين، پر ڌڻيءَ اسان کان نه لڌو. پيو حيلو وسيلو نه ڏسي، وري پنهنجي ماءُ وٽ آيا آهيون، پر اڄ امڙ به اسان جي پڪار نٿي ٻڌي، رويو ويٺا روئون.

"اسان جي امڙ جڏهن اسان وٽ هئي، تڏهن هڪ ويلو به اسان کڏهن لنگهڻ نه ڪيو. هاڻي الاجي ڇو اسان کي وساري ڇڏيو اٿس؟"

هنن جي اهڙي ڏک ڀري ڳالهه ٻڌي، منهنجي اندر ۾ الائي ڇا ٿي گذريو! ڳالهايان، ڳالهه نه آڪلي. آخر اکين جو آب جهلي، انهن کي چيم ته "ڌڻيءَ

مون کي هتي موڪليو آهي، انهيءَ لاءِ ته آءٌ توهان کي پنهنجي گهر وٺي هلان ۽ پيءُ بجاءِ توهان جي سار لهان. منهنجي گهر ۾ توهان جي هر طرح خاطري ڏيندي ۽ توهين خوش گذاريندا."

ائين پريائي هنن کي گهر وٺي آيس. اڄ هُو ڏاڍا سرها ٿا ڏسڻ ۾ اچن! هنن کي ڪلندو کيڏندو ڏسي، منهنجي دل پيئي بهار ٿئي!

استعمالي سوال

1. هن ڳالهه جي لکندڙ قبر اڳيان ڪنهن کي ويٺل ڏٺو؟
2. آنهن ٻن ٻارن ڇا پئي ڪيو؟
3. ڇوڪر ڪهڙي ڳالهه ڪئي؟
4. مرڻ مهل سندن ماءُ ڇا چيو هون؟
5. هن سبق مان اوهان ڪهڙي نصيحت پرائي؟
6. حرف جر ڇا کي چئجي؟

سبق ستاويھون

ھدايت جي راھ

دنيا ۾ عزت واريون جيڪي ٻه شيون آھن، انھن مان پورھئي جو رتبو مٿانھون آھي. پورھيت کي ھميشه عزت ٿيندي آھي. پورھيت تي الله سائين به خوش ته رسول الله به راضي ٿيندو آھي.

ھڪ ڀيري ھڪڙو شخص رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪرڻ لڳو، ته "يا رسول الله! آءٌ بکيو آھيان، ڪاڏي لاءِ ڪجھه ڪين اٿم، منھنجي مدد ڪريو." رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن ڪانئس پڇيو، "تو وٽ گھر ۾ ڇا ڇا آھي؟" ھن شخص ورندي ڏني، ته "يا رسول الله، مون وٽ ھڪڙو ڪٿو آھي، جنھن جو اڌ ھيٺ وڇائي ۽ ٻيو اڌ پنھنجي مٿان اوڍيندو آھيان. انھيءَ کانسواءِ مون وٽ ٻيو رڳو ھڪڙو پيالو آھي، جنھن ۾ پاڻي پيئندو آھيان". پاڻ اھا ڳالھه ٻڌي، کيس فرمايائون ته "اھي ٻئي شيون مون وٽ آڻ." آن ماڻھوءَ اھي ٻئي شيون گھران کڻي آئي، سندن خدمت ۾ پيش ڪيون. پاڻ آھي ٻئي شيون پنھنجي ھٿن ۾ کڻي، اتي ٻين ويٺل ماڻھن کان پڇڻ

لڳا ته "اوهان مان ڪو اهڙو آهي، جو هي شيون خريد ڪري؟" هڪڙي ماڻهوءَ چيو، "يا رسول الله اهي ٻئي شيون آءٌ هڪڙي درهم ۾ وٺان ٿو." پاڻ وري فرمايائون، ته "چا، توهان مان ڪو انهن شين لاءِ هڪڙي درهم کان وڌيڪ ڏيئي سگهندو؟"

اتي ٻئي ماڻهوءَ چيو، "هائو سائين، آءٌ انهن ٻنهي شين لاءِ ٻه درهم ڏيڻ لاءِ تيار آهيان." پاڻ پوءِ اهو ڪٽو ۽ پيالو ڪڍي، ان ماڻهوءَ کي ڏنائون ۽ کانئس ٻه درهم وٺي، انهن شين جي مالڪ کي ڏنائون ۽ کيس فرمايائون، ته "هاڻي، هنن پئسن مان وڃي هڪڙي ڪهاڙي ۽ هڪ رسي خريد ڪري، مون وٽ موٽي اچ!"

اهو شخص درهم وٺي ٻاهر نڪتو ۽ جلد ئي ٻڌايل شيون خريد ڪري، وري حضور جن وٽ اچي حاضر ٿيو. پاڻ ڪريم جن هن کان ڪهاڙي وٺي ان ۾ پنهنجي مبارڪ هٿن سان پاڻ ڳن وجهي، ڏاهي ٺوڪي، کيس هٿ ۾ ڏنائون ۽ کيس هدايت ڪيائون، ته "هاڻي وڃي جهنگ مان ڪاٺيون ڪري، شهر ۾ وڪڻ، ۽ پندرهن ڏينهن کان پوءِ وري اچي، مون سان ملج!"

اهو شخص رسول الله صلي الله عليه و آله، وسلم جن وٽان ڪهاڙي ۽ رسي ڪڍي هليو ويو، ۽ انهيءَ ڏينهن کان وٺي هن ڪاٺيون وڍي وڪڻڻ شروع ڪيون. آخر پندرهن ڏينهن لاڳيتو کان پوءِ، جڏهن هو

حضور جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته، پاڻ ڪائنس پڇيائون، "خير چار ڏي، هاڻي تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟" ان شخص ورندي ڏيندي، عرض ڪيو، "يا رسول الله! آءٌ توهان جي فرمان موجب ڪاٺيون وڍي پيو وڪڻان، ڏاڍو خوش آهيان؛ هن وقت تائين مون ڏهه درهم بچايا به آهن!"

رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن هن جي اها ڳالهه ٻڌي، ڏاڍا خوش ٿيا، ۽ وڏيڪ فرمايائون، "ڏاڍو سٺو ٿيو تنهنجي لاءِ، هاڻي جڏهن تون قيامت جي ڏينهن تي ايندين ته تنهنجو منهن پنڻ جي ڪارنهن کان پاڪ هوندو."

استعمالي سوال

1. هيٺ ڏنل اڻپورا جملا سچا ڪري، وري لکو:
   (i) ... جي هميشه عزت ٿيندي آهي.
   (ii) انهيءَ ساٿيءَ اهي پيئي شيون گهران ڪڍي، آڻي رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن جي ...... پيش ڪيون.
   (iii) اهو شخص سندن هدايت موجب جهنگ ... شهر ۾ وڪڻڻ لڳو.
2. رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن انهيءَ شخص کي ٻه درهم ڏيئي ڪهڙي هدايت ڪئي هئي؟
3. جڏهن ان شخص اهو ٻڌايو ته، مون هن وقت تائين ڏهه درهم بچايا آهن؛ ته رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن ڇا فرمايو؟

سبق اڻاويهون

اي پيارا وطن! (نظم)

اي وطن، تنهنجي سچن سهڻن سنگهارن جو قسم!
تن مٿن مارن پنهوارن جيءَ جيارن جو قسم!

تنهنجا گل ڇا، خار تنهنجا ڀي گلن کان وڌ عزيز،
تنهنجي گلڙن جو ۽ آهي تنهنجي خارن جو قسم!

چاهه مان چَرندا وتن ٿا، جت مٿن مارن جا مال،
تن ڪنڊن، ڪرڙن ۽ تن ڪبڙن ليارن جو قسم!

پنهنجي پاڻيءَ سان ڪري ٿو سبز جو تنهنجي زمين،
تنهن سنڌوءَ جي ڇلڪندڙ آهي ڪنارن جو قسم!

"بيدل ۽ بيڪس" جي ڪافين، جن ۾ آهي سوز و ساز،
"شاهه" جي بيتن، "سچل" جي شاهڪارن جو قسم!

واهه راڻي جي ڏسي، مومل تڪيا آپ ۾ ٿي جي،
تن نڪت، ٽيڙو، ڪتين ۽ چنڊ تارن جو قسم!

ساز تي سردار، سِر ڏيئي ٿيا جي سرخرو،
سڻن سر جي جن هڻئي، تن ساز وارن جو قسم!

تنهنجي نالي جي مٿان، هوشوءَ ۽ دودي سر ڏنو،
تن دليرن ڏڳ دريا خان پارن جو قسم!

زنده آهيان جيستائين، آهه منهنجي جان ۾ جان،
عهد آهي "ختم پنهنجي ڪين ٿيڻ ڏيندس زبان."
—"اياز" قادري

استعمالي سوال

1. شاعر هن نظم ۾ ڪهڙين شين جو قسم کنيو آهي ۽ ڇو؟
2. پنهنجي وطن سان ماڻهوءَ کي ايتري بيپناه محبت ڇو ٿي ٿئي؟
3. "قوم ٿي زنده رهي، پر جي زبان زنده رهي"، اها چوڻي ڪيتريقدر صحيح آهي؟ دليلن سان کولي سمجهايو.
4. هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:
آرزوئن - سوز و ساز - شاهڪارن - سرخرو - سئن.

سبق اوڻيهون

روشنيءَ جي آکاڻي

پراڻي زماني ۾، انسان وحشي جانورن وانگر جهنگ ۾ رهندا هئا. ڏينهن جو سج جي روشنيءَ ۾ رات جو چانڊوڪيءَ ۾ وقت گذاريندا هئا. آهستي آهستي انسانن پنهنجي رهڻ لاءِ گهر ٺاهي ورتا. ڏينهن ته سج جي روشنيءَ ڪري سولائيءَ سان گذري ويندو هو، پر رات جو غارن ۾ جتي هو رهندا هئا، ڏاڍي اونده ٿيندي هئي. ان ڪري انسانن روشنيءَ جي ڳولا شروع ڪئي. نيٺ هو باه ٻارڻ سکيا ۽ اهڙيءَ طرح هنن اونده کي پڃائي پاڻ وٽ روشني آڻڻ جو رستو لهي ورتو.

هو باه تي کاڌو به تيار ڪندا هئا، ته ساڳئي وقت ان سان گهر کي روشن به رکندا هئا. وٽن اهو سلسلو گهڻو وقت هلندو رهيو. شروعات ۾ ته هو جانورن جو شڪار ڪري، انهيءَ جو گوشت کائيندا هئا. ڪافي وقت گذرڻ کان پوءِ هنن پوک ۽ آباديءَ جهڙو ڪم سکي ورتو. هو پنهنجي ٻنين ۾ اَنُ ۽ ڀاڄيون پوکي، پنهنجو کاڌو تيار ڪرڻ لڳا. اڳتي هلي، هنن وڏيڪ سياڻپ کان ڪم وٺي، وٽن ۽


S.T.B

ٻوٽن جي ٻجن مان تيل ڪڍيو، ۽ مٽيءَ مان ڏيا ٺاهيائون.

هنن انهن ڏين ۾ تيل وڌو، انهن ۾ ڪپهه جي وٽ رکي، ۽ ڪپهه جي وٽ جو هڪڙو پاسو مٿي ڪري، ان کي ٻاريو. اهڙيءَ ريت وٽ ٻري، ته ڏيو روشن ٿيو. ڪافي زماني تائين آهي مٽيءَ وارا ڏيا وٽن ٻرندا رهيا. نيٺ ماڻهن ماکيءَ جي مانارن مان ميڻ حاصل ڪري، انهيءَ مان ميڻ بتي يا شمع تيار ڪري ورتي. پوءِ ته اهي ميڻ بتيون ۽ ڏيا عام جام رواج ۾ اچي ويا. جنهن گهر ۾ روشنائيءَ جي وڌيڪ ضرورت ٿيندي هئي، اتي وڌيڪ ڏيا يا گهڻيون ميڻ بتيون ٻاريندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن تيز هوا ۾ آهي ڏيا وسامي ويندا هئا. انهيءَ ڪري ماڻهو بانس جي تيلين مان گول يا ٽڪنڊا ڍڪ ۽ پوش ٺاهي، مٿن سهڻو ڪاغذ يا سنهو ڪپڙو لڳائي، انهن ۾ اندر ڏيا رکندا هئا. اهڙيءَ طرح تيار ٿيل بتيءَ کي فانوس چوڻ لڳا. ائين اهي وسامندا به ڪين هئا، ته روشني به وڌيڪ ڏيندا هئا.

ڪافي زماني کان پوءِ ماڻهن هڪ تيل ڳولي ورتو. اهو تيل زمين ۾ ٿو ٿئي، ۽ ڪن ملڪن ۾ تمام گهڻي مقدار ۾ ٿو ملي. آنهيءَ کي مٽيءَ جو تيل يا گاسليٽ ڪري سڏيندا آهن. آهو تيل بدبودار آهي، پر ساڳئي وقت تي سهانگو به آهي. انهيءَ جي روشني

وڏيڪ تيز آهي. انهيءَ تيل کي ڪم آڻڻ لاءِ ماڻهن لالٽين ٺاهيا. اهي بتيون سيٽيءَ جي ڏيئن کان وڌيڪ خوبصورت ۽ گهڻو مضبوط پڻ هيون. انهن بتين ۾ مٿان چمنيون ۽ شيشي جا گولا يا گلوب رکيا ويا، ۽ هئي هر نموني انهن کي سولو ۽ سهڻو بڻايو ويو.

پوءِ ته بجليءَ جي ايجاد ٿي. بجلي پيدا ٿيڻ ڪري ڏاڍي آساني ٿي پيئي. هاڻي بجليءَ جو هڪڙو ڪارخانو سڄي شهر کي روشني پهچائي ٿو سگهي. بجليءَ جي روشني تيز، سفيد ۽ صاف پڻ آهي. ڏيئن، ميڻ بتين ۽ لالٽينن جي ڪري ڪوٺين ۾ بدبوءِ ۽ دونهون پکڙجي ويندو هو. انهيءَ ڪري ماڻهن جي تندرستي به خراب ٿي پوندي هئي. خاص ڪري سياري جي موسم ۾ جڏهن ماڻهو ڪوٺين جا در دريون بند ڪندا هئا، ته اندر سمهڻ ۾ سندن ساهه پيو گهٽبو هو.

بجليءَ جي روشني پيدا ٿي، ته اها تڪليف ازخود ختم ٿي ويئي، بجليءَ جي روشنيءَ ۾ هڪڙو فائدو اهو آهي ته اها نهايت سستي آهي. ڏيئن، ميڻ بتين، شمعدانن ۽ لالٽينن تي ڪافي خرچ ٿيندو هو. انهن جي ٻارڻ ۽ وسائڻ يا وسائي وري ٻارڻ ۾ به تڪليف ٿيندي هئي. هاڻي ته اوهين پنهنجي ڪمرن يا ڪوٺين ۾ ڪٿي به، ڏاڪڻ تي، اڱڻ ۾، ڇتين تي يا ڇت تي به، مطلب ته جتي گهرج ٿئي، اتي آسانيءَ سان بلب

لڳائي سگهو ٿا، ۽ پوءِ جنهن مهل ضرورت ٿئي ته انهيءَ مهل بٽڻ هيٺ ڪري يا مٿي ڪري، بلب ٻاري ۽ وسائي سگهو ٿا!

ماڻهو بلبن جي مٿان ڪيترن ئي قسمن جا خوبصورت ۽ خوشنما گلوب يا ڍڪ چاڙهي، ڪمرن کي سينگاريندا آهن. ميز تي رکڻ واريءَ بتيءَ مٿان اهڙو پوش ۽ ڍڪ چاڙهيندا آهن، جو ڪتاب پڙهڻ وقت اکين تي روشنيءَ جو گهڻو بار نه پوي، ۽ نظر ڪمزور ٿيڻ کان بچيل رهي.

استعمالي سوال

هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1- انسان ڇا جي لاءِ روشنيءَ جي کوجنا ڪئي؟
2- ميڻ بتي ڪڏهن استعمال ٿيڻ لڳي؟
3- فانوس ڇا کي چوندا آهن؟
4- گاسليٽ کي ڇا جي ڪري مٽيءَ جو تيل ڪري ڪوٺيندا آهن؟
5- ڏيئن ۽ بتين ۾ ڪهڙي خرابي هئي؟
6- هيٺ ڄاڻايل لفظن ۾ "جو" يا "جي" جا لفظ ڇڏيل آهن، خالي جاين ۾ "جو" يا "جي" لفظ جو درست استعمال ڪريو:

(١) ڪمري ... سينگار. (٢) روشنيءَ ... کوجنا. (٣) مٽيءَ ... ڏيو. (٤) ڏيئي ... وٽ. (٥) تيل ... بدبوءِ.

سبق ڏهون

نماز

اسلم- استاد صاحب، ڀلائي ڪري ٻڌايو ته اسين نماز ڇو پڙهندا آهيون؟

استاد- ابا، مسلمان اسلامي سپاهي آهي، ڪيس هر وقت چُست ۽ ڪڙو تڙو رهڻو آهي. سو اِها چستي ۽ چالاڪي منجهس تڏهن پيدا ٿيندي، جڏهن نماز پڙهندو. انهيءَ ڪري نماز اسان تي فرض آهي.

اسلم- استاد صاحب، ڀلا اُن مان پيا ٻيا ڪي فائدا آهن؟

استاد- ها، تمام گهڻا. ٻڌ ته ٻڌايانءِ:

(1) نماز پڙهندڙ ماڻهوءَ کي سوير اٿڻ جي عادت پوي ٿي. ڇو ته فجر جي نماز لاءِ حڪم آهي ته سج اڀرڻ کان اڳ پڙهو. انهيءَ ڪري ڪيس پرهه جو اٿڻو پوي ٿو ۽ نماز پڙهي هڪدم وڃي پنهنجي ڌنڌي سان لڳي ٿو. پر جيڪي ماڻهو نماز نٿا پڙهن، سي سدائين ٽوٽي ۾ آهن. انهن کي شيطان انهيءَ وقت اهڙي ته مٺي لولي ڏيندو آهي، جو هنن کي ننڊ کان هٿيو پيا هوندا آهن. انهيءَ سبب ڪري ڪين گهڻا نقصان پهچندا آهن.

مثلاً: هڪ ماڻهوءَ کي ريل گاڏيءَ ۾ ٻاهر وڃڻو آهي. ان جو ٽائيم صبح جو سوير آهي. هاڻي جيڪڏهن نماز پڙهندڙ نه آهي ۽ سستين جو آبو آهي، ته يقين ڄاڻي ته ڪانئس گاڏي ڇٽي ويندي ۽ سندس رٿيل ڪم رهجي ويندو. اهڙيءَ طرح هاري هجي يا واپاري، ڌنڌي وارو هجي يا نوڪريءَ وارو، معلم هجي يا متعلم، پر دير سان اٿندڙ هميشه پٺتي منجهه هوندو.

(2) نماز پڙهڻ کان اڳ وضو ڪبو آهي. وضوءَ سبب انسان نهايت چست ۽ تيز ٿيو وڃي ۽ بدن ۾ جيڪو آلس آهي، سو نڪريو وڃي.

(3) نمازواري ماڻهوءَ کي پاڪ رهڻو آهي. ڪيس بدن ۽ ڪپڙن کي هميشه صاف رکڻو آهي. انهيءَ ڪري هڪ طرف هو سٺو ۽ وڻندڙ لڳي ٿو، ۽ ٻئي طرف بيمارين کان بچي ٿو.

(4) نماز، وقت جي پابندي سيکاري ٿي. درحقيقت دنيا ۾ وقت جي پابنديءَ جي عادت ئي انسان کي ترقيءَ جي آسمان تي پهچائي ٿي. اڄڪلهه جيڪي قومون اوهان کي بلنديءَ تي نظر اچن ٿيون، سي انهيءَ خاصيت سبب ايترو وڏي ويون آهن.

(5) نماز، نياز ۽ نئڙت سيکاري ٿي. مسجد ۾ وڃي ڏسجي ته شاهه هجي يا گدا، امير هجي يا غريب سڀ هڪٻئي سان ڪلهوڪلهي ۾ ڏيو بيٺا هوندا آهن.

اتي ائين نہ آهي تہ وڏو ماڻهو چوي تہ ”مون کي مٿي جاءِ ڏاهي ڏيو، تہ اتي بيهي نماز پڙهان.“

(6) نماز سيکاري ٿي تہ سڀ مسلمان پاڻ ۾ برابر آهيو. اوهان ۾ ننڍ-وڏائي آهيئي ڪانہ. سڀ هڪجهڙا آهيو. غريب ۽ امير ۾ ڪوبہ فرق نہ آهي.

(7) نماز اوهان کي محبت ۽ اتفاق جو سبق ڏئي ٿي. هر مسلمان کي حڪم آهي تہ ”تون ٻئي مسلمان سان ڪلهو ملائي بيهہ“ يعني هر ڪم ۾ يا هر ڳالهہ ۾ هڪٻئي سان ساٿ ڏيو. هر مشڪل ۾ اوهان ڪلهوڪلهي سان ملايو. سچ پچ اهو هڪ بهترين گڻ آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ سان انسان دنيا جا سڀ ڪم سنواري سگهي ٿو. انهيءَ ڪري ئي سياڻن چيو آهي تہ ”ٻہ تہ ٻارهن.“

(8) نماز پڙهڻ جي ڪري انسان جي اندر ۾ خدا جو خوف پيدا ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري هن کان ڪوبہ بڇڙو ڪم نٿو ٿئي. مطلب تہ اسلامي سپاهيءَ لاءِ نماز ضروري شيءِ آهي.

اسلم- سائين، اوهان تہ منهنجا طاق ڪولي ڇڏيا آهن. مون کي اوهان اوندهہ مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آندو آهي. مون تي اوهان دائمي ٿورو ڪري ڇڏيو، انشاءالله، اڄ کان وٺي آءٌ روزانو پنج ئي وقت نماز پڙهندو رهندس ۽ ڪڏهن بہ گهاري نہ وجهندس.

استعمالي سوال

1. اسلام جو سپاهي ڪير آهي؟
2. نماز وارو ماڻهو چُست ڇو ٿو رهي؟
3. نماز مان انسان کي ڪهڙا فائدا ٿا پهچن؟
4. "نماز وقت جي پابندي سيکاري ٿي." اهو ڪولي سمجهايو.
5. دوست کي خط لکو. ان ۾ نماز جا فائدا مختصر طرح لکي موڪليوس.
6. اهڙا ظرف ڳوليو، جن مان وقت جي معنيٰ نڪري؟

سبق ايڪٽيهون

زڪوات

محرم - استاد، ڪالهه مولوي صاحب جمعي نماز تي چيو تہ ”اسان ۾ جيڪي شاهوڪار آهن، تن کي زڪوات ڏيڻي آهي.“ سو آءٌ اها ڳالهه پوري ڪانہ سمجهي. مهرباني ڪري زڪوات بابت کولي سمجهائي ڏيو.

استاد - ابا، اسلام جو هر حڪم انسانذات جي ڀلائيءَ لاءِ آهي، پر افسوس آهي، جو ماڻهو ان تي عمل نٿا ڪن. جيڪڏهن انهن تي پوريءَ طرح عمل ڪن، تہ هو دنيا توڙي آخرت ۾ سوڀارا ٿين.

اوهان ڏسو تہ دنيا ۾ ڪي امير آهن تہ ڪي فقير، ڪي شاهوڪار آهن تہ ڪي غريب؛ هاڻ پنهنجي جي زندگي سٺي نموني ڪيئن گذري، تنهن لاءِ مذهبي پابنديون رکيون ويون آهن، ۽ زڪوات انهن مان هڪ آهي. يعني سڀني شاهوڪار ماڻهوءَ تي فرض آهي تہ هو پنهنجي ملڪيت مان سال بسال چاليهون حصو خيرات ڪري. اهو فقط انهيءَ لاءِ حڪم ٿيو تہ غريب بہ سکي زندگي گذارين ۽ ڪين تڪليف جو منهن نہ ڏسڻو پوي.

محرم - استاد، زڪوات ڪهڙن ماڻهن تي لازمي آهي؟

استاد - ابا اهو ماڻهو، جو قرضي نه آهي ۽ ڪيس ٻارهن مهينن جي عيال جي قوت کان زياده پئسو رکيل آهي، انهيءَ کي زڪوات ڏيڻي آهي.

محرم - ڀلا سائين رڳو پئسن جي زڪوات ڏيڻي آهي، يا ٻيءَ به ڪنهن شيءَ جي؟

استاد - ابا، مالدار کي پنهنجي مال جي زڪوات ڏيڻي آهي. يعني چاليهن وهٽن مان هڪ وهٽ خيرات ڪرڻو آهي يا جيترا وهٽ هجن، انهن جي قيمت مقرر ڪري ان جو چاليهون حصو ڏيڻو آهي.

اهڙيءَ طرح سون ۽ چانديءَ جي گهڻن تي به، زڪوات ڏيڻي آهي. انهن جي به قيمت ڪٿي، پوءِ چاليهون حصو ڏبو آهي.

محرم - سائين، ڀلا زڪوات ڏيڻ مان ڪهڙو فائدو پهچندو؟

اُستاد - ابا، جيڪڏهن شاهوڪار ساري سنڀالي صحيح نموني زڪوات ڏين، ته جيڪر ڪو به نادار دنيا ۾ نه رهي. هر هڪ مسلمان تمام خوشحال ٿي وڃي.

زڪوات مال جي مَرُ آهي، جيڪو اها ڪڍي ٿو، تنهن جو مال پاڪ ٿي وڃي ٿو. ان کي الله پاڪ هر آفت کان بچائي ٿو. زڪوات ڏيندڙ جي ڪڏهن به پائي ميري ٿيڻي نه آهي. سندس مال ۾ نه ڪڏهن موڙو پوي ٿو نه بيماري ٿئي ٿي. مطلب ته هن کي مولا سائين هر خطري کان محفوظ رکي ٿو.

محرم - سائين، ڪي شاهوڪار فقيرن کي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري پاڻ در تي بيهي رهندا آهن. پوءِ هر هڪ کي رپيو-رپيو ڏيندا ٻاهر ڪڍندا ويندا آهن. ڇا، زڪوات ڏيڻ جو اهو طريقو صحيح آهي؟

استاد - ابا، نه، بلڪل نه. اهو ٻڇڙي ۾ ٻڇڙو طريقو آهي. انهيءَ مان قوم کي فائدي بجاءِ ڇيهو پهچي ٿو. اهي ماڻهو ڏيکاءُ واري خيرات ڪندا آهن، جنهن تي خود خدا پاڪ ناراض ٿئي ٿو. هو ائين ڪرڻ سان قوم ۾ وڏيڪ پينو پيدا ڪن ٿا. ائين ڪرڻ اصل نه جڳائي. زڪوات ڏيندڙ کي گهرجي ته هو پنهنجا پئسا گڏي هڪ يا ٻن غريب گهرن کي ڏئي. انهيءَ مان اهو فائدو ٿيندو ته اهي ٻه گهر سڄو سال خوشحال زندگي گذاري سگهندا ۽ ڪين وري ڪنهن جي به محتاجي ڪڍڻي ڪانه پوندي.

استعمالي سوال

1. زڪوات ڇا کي چئجي؟
2. زڪوات ڪهڙن ماڻهن تي فرض آهي؟
3. زڪوات ڪهڙين شين تي ڏيڻي آهي؟
4. زڪوات ڏيڻ جو صحيح طريقو ٻڌايو.
5. زڪوات ڏيڻ مان ڪهڙا فائدا آهن؟
6. اهڙا لفظ ٻڌايو، جن مان ريت ۽ قدر جي معنيٰ نڪري.

سبق پنجھون

حضرت عمر بن عبدالعزيز رضه

حضرت عمر بن عبدالعزيز رضه بنواميه خاندان جو هڪ نامور خليفو هو. هن جي حڪومت پري پري تائين پکڙيل هئي. سوين حاڪم هن جي حڪم ۽ اشاري تي هلندا هئا. هن جي شاهي دربار مان جيڪو به حڪم ڪنهن حاڪم وٽ پهچندو هو، ته ان جي هڪدم پوئواري ڪئي ويندي هئي. پر هو پاڻ بنهه رواجي ماڻهن وانگر زندگي گذاريندو هو. سندس لباس توڙي کاڌو بلڪل سادو سودو هوندو هو. سرڪاري خزاني مان پنهنجي ذاتي خرچ لاءِ هو تمام ٿورا پئسا کڻندو هو.

سندس هڪڙي اها به عادت هوندي هئي ته جيتريقدر ٿي سگهندو هو، پنهنجي ذاتي ڪم ڪار لاءِ ٻين کي تڪليف ڪين ڏيندو هو. سچ پچ ته هو پنهنجو ڪم پاڻ پورو ڪري ڏاڍو خوش ٿيندو هو.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪڙيءَ رات هن ڪجهه ويٺي لکيو. ڪم ڪندي، اڌ رات ٿي ويس، ۽ بتيءَ جو تيل ختم ٿي ويو. هوڏانهن سندس ڪم اجا پورو ڪونه ٿيو هو. حضرت عمر بن عبدالعزيز رضه بتيءَ ۾ تيل وجهڻ جي ارادي سان اٿي بيٺو. اتفاق سان

انهيءَ وقت وٽن هڪ مهمان ويٺو هو، تنهن ڪيس اَنڌي ڏسي چيو، ”يا اميرالمؤمنين اوهين اُٿي نہ ترسو، آءٌ پاڻهي ٿو بتيءَ ۾ تيل وجهي اچان!“

حضرت عمر بن عبدالعزيز رض جن کين جواب ڏنو، ”توهين منهنجا مهمان آهيو، مهمانن کي تڪليف ڏيڻ مناسب ڪانهي.“ مهمان عرض ڪيو، ”اميرالمؤمنين! اوهين جيڪڏهن مون کي مهمان سمجهي، مون کي ڪم ڪرڻ جي موڪل نٿا ڏيو تہ ڀلا اها اجازت ڏيو تہ ڪنهن ٻانهي يا غلام کي سڏ ڪيان، تہ اهوئي بتيءَ ۾ تيل وجهي اچي!“

اميرالمؤمنين فرمائڻ لڳو، ”غلامن ۽ ٻانهين سڄو ڏينهن ڪم ڪيو آهي. هن بيگاهہ وقت ۾ هو آرامي هوندا. هن ٿورڙي ڪم لاءِ کين ڇو اجائي تڪليف ڏيان ۽ سندن ننڊ ڀڃائيان!“

مهمان اها ڳالهہ ٻڌي، ڪٺي مات ڪئي. حضرت عمر بن عبدالعزيز پوءِ پنهنجي جاءِ تان اٿي، بتيءَ سوڌو اوڏانهن ويو، جتي تيل رکيو هو، پنهنجي هٿن سان بتيءَ ۾ تيل وجهي، موٽي اچي مهمان کي چيائين، ”آءٌ اٿڻ وقت بہ عمر بن عبدالعزيز هوس ۽ هاڻي ويهڻ وقت بہ ساڳيو عمر بن عبدالعزيز آهيان. ٿورڙي ڪم ڪرڻ جي ڪري لٿي ڪونہ ويس ۽ نہ وري ٻدلجي ٻيو ٿي پيو آهيان.“

استعمالي سوال

1. هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. حضرت عمر بن عبدالعزيز ڪير هو؟
2. حضرت عمر بن عبدالعزيز پنهنجي زندگي ڪيئن گذاريندو هو؟
3. حضرت عمر بن عبدالعزيز جي خاص عبادت ڪهڙي هئي؟
4. جڏهن مهمان حضرت عمر بن عبدالعزيز کي اٿندي ڏٺو، ته ڪين ڇا چيائين؟
5. اميرالمؤمنين مهمان کي ڪهڙو جواب ڏنو؟
6. هن سبق مان اوهان کي ڪهڙو سبق ٿو ملي؟

2. اوهان هيٺيان لفظ مٿين سبق ۾ پڙهي آيا آهيو: انتظار- پوئواري- اتفاق- ترسو- اجازت. اهي لفظ هيٺين جملن ۾ مناسب هنڌن تي ڪم آڻيو.

(i) آءٌ پنهنجي پيءُ جي ......کان سواءِ ڪو به ڪم ڪونه ڪريان.

(ii) نوڪر مالڪ جي حڪم جو... پيا ڪن.

(iii) پاڻ کان وڏي جي حڪم جي...ڪرڻ گهرجي.

(iv) آءٌ بازار مان وڃي رهيو هوس ته هو... مان مون کي رستي ۾ گڏجي ويو.

(v) اوهين ڪراچيءَ مان آيا آهيو ته ٿورو... حال احوال ڏيو.


سبق ٽيٽيهون

جهنگن جو سيلاني

اسڪاٽلينڊ جي هڪڙي ڳوٺڙي ۾ هڪڙو ڇوڪرو رهندو هو، جنهن جو نالو لوِنگ اسٽون هو. هن ڇوڪري جا ماءُ ۽ پيءُ ڏاڍا غريب هئا، انهيءَ ڪري هن کي ننڍيءَ وهيءَ ۾ نوڪري ڪرڻي پيئي. هو جيڪي ڪمائيندو هو، سو آڻي پنهنجي ماءُ کي ڏيندو هو.

لوِنگ اسٽون سڄو ڏينهن ڪم ۾ رڌل رهندو هو. ڪم تان سونهندي شام جو پڙهڻ ويندو هو، ۽ رات جو ڏهين بجي ڌاري گهر موٽي ايندو هو. اسڪول ۾ هو جيترا به ڪم پڙهندو هو تن سڀني مان هو، جاگرافيءَ کي وڌيڪ پسند ڪندو هو. جدا جدا ملڪن جو حال احوال پڙهي، هو دل ئي دل ۾ ائين چاهيندو هو ته انهن ملڪن جي سير سفر تي نڪري پوان.

انهيءَ زماني ۾ آمريڪا جي گهاٽن ٻيلن جا قصا ۽ ڪهاڻيون هرهنڌ مشهور هيون. ماڻهو اتي جي جانورن، ارڙ نانگن، گينڊن ۽ گرڙ پکين جا عجيب غريب داستان ٻڌائيندا هئا. لونگ اسٽون پوءِ دل ۾ ائين چاهيندو هو ته ڪي پَرَ لڳي پوونم ته پري پري



لوِنگ اسٽون

اڏامي وڃي انهن پيلن ۽ جهنگن ۾ پهچان، ۽ اتي
جي شيدين کي ڏسان، جن جو رنگ ڪوئلن جهڙو
ڪارو ٿئي ٿو ۽ جن جا وار گهنڊيدار ٿين ٿا، ۽
انهن سان گڏجي رهان ۽ سندن خدمت ڪريان.

لونگ اسٽون ڏاڍيءَ محنت سان پڙهيو ۽ نيٺ
ڊاڪٽريءَ جو امتحان پاس ڪيائين. ڊاڪٽر بڻجي وڃڻ
کان پوءِ، سن 1841ع ڌاري، هو جهاز ۾ سوار ٿي،
آفريڪا ڏانهن روانو ٿيو. مهينن جي مسافريءَ کان پوءِ
سندس جهاز ڪيپ ٽائون جي بندرگاهه تي پهتو.

ڪيپ ٽائون ۾ ان وقت ڪيترائي انگريز سوداگر
رهندا هئا. انهن کي جڏهن اها خبر پيئي ته
لونگ اسٽون آفريڪا جي جهنگلن ۾ اندر وڃڻ ٿو
چاهي، ته هنن سڀني کيس روڪيو، ۽ کيس ڊيڄاريائون
ته جيڪو به انهيءَ پاسي جهنگن ڏي هيڪر ويو آهي،
سو وري سلامت نه موٽيو آهي! پر لونگ اسٽون
سندن ڳالهه تي ڪان نه ڏني، ۽ هڪڙي ڏينهن ماٺ ميٺ
۾ جهنگ ڏانهن هليو ويو.

انهيءَ زماني ۾ اڄوڪي دور وانگر سواريءَ جو ڪو
بندوبست ڪونه هوندو هو، ۽ نه وري ڪا ٻي سفر
جي سهوليت ئي موجود هئي. لونگ اسٽون کي ان
بيحد اٽانگي ۽ اَڏي سفر تي، انهيءَ ڪري، پيرين پنڌ
نڪرڻو پيو. هو ڪيترائي ڏينهن پنڌ ڪندو رهيو،
نيٺ گهڻن ڏينهن کان پوءِ هو شيدين جي هڪڙي
ڳوٺڙي ۾ وڃي پهتو. جهنگ جا اهي ماڻهو هن سان

گهڻيءَ محبت سان پيش آيا، ۽ هنن ڪيس مهمان ڪري پاڻ وٽ ٽڪايو.

لوِنگ اسٽون ٿورن ئي ڏينهن ۾ هنن جي ٻولي سکي ورتي. هُن انهن ماڻهن کي رهڻيءَ ڪرڻيءَ، کاڌي پيتي ۽ چوڙڻ ماڻهوءَ بابت ڏاڍيون سٺيون ڳالهيون ٻڌايون. هن کين ٻنيءَ ٻاري بابت به سمجهاڻيون ڏنيون.

ائين آهستي آهستي، لوِنگ اسٽون، آفريڪا جي وڏن وڏن گهاٽن جهنگلن ۾ پهچي ويو. اتي جي ماڻهن جي هن ڏاڍي خدمت ڪئي، آفريڪا جي جهنگن مان اتان جو مشهور معروف درياءُ، زمبيزي، وهي نڪري ٿو. لوِنگ اسٽون ٻيڙين تي چڙهي، انهيءَ درياءَ جو سفر ڪيو، ۽ دنيا جو سڀ کان وڏو آبشار "وڪٽوريا" پڻ ڳولي وچي ڏٺائين. اڳي هيءَ آبشار سڌريل دنيا جي ڪنهن به ماڻهوءَ ڪونه ڏٺو هو.

لوِنگ اسٽون ٽي ڀيرا موٽي پنهنجي وطن آيو، پر هن کي آفريڪا جي جهنگن ۽ اتي جي رهاڪن سان ايتري ته محبت ٿي ويئي هئي، جو هو ٽيئي ڀيرا موٽي وري اوڏانهن ويو. هو پورا ٽيهه سال ٻيلائي علائقن ۾ رهيو. هو پهرين مئي 1873ع ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

لوِنگ اسٽون پاڻ ته گذاري ويو، پر آفريڪا جي جهنگن ۾ هن نئين علم جي جيڪا جوت ٻاري

هئي، سا اڄا به اتي جرڪي رهي آهي ۽ ان جي سوجهري تي آفريڪا جا ڪهاڻا اونداها پيلا جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ روشن ٿيندا ۽ جرڪندا ٿا رهن.

استعمالي سوال

1. هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(1) لوِنگ اسٽون ڪهي ڇا جي ڪري نڪري وهيو ۽ نوڪري ڪرڻي پيئي؟

(2) جدا جدا ملڪن جو احوال پڙهي، هن جي دل ۾ ڪهڙو خيال آيو؟

(3) لوِنگ اسٽون جهنگ ۾ رهندڙ ماڻهن جي ڪهڙي خدمت ڪئي؟

2. هيٺين، جملن جا خال ڀريو:

(1) هن ماڻهن کي ٻئي ٻارو ڪرڻ...

(2) هن جي مرضي هئي ته آءٌ جهنگ جي ماڻهن جي...ڪريان.


(3) مهينن جي...ڪان پوءِ مو ڪيپ ٽائون پهتو.

(4) لوِنگ اسٽون هنن جي... به ڪانه ڏي.

سبق چوٽيهون

پيٽ جو سور

هڪڙي ڳوٺاڻي جي ڳالهه ڪندا آهن ته هڪڙيءَ رات، اچي هن کي پيٽ ۾ سور پيو. ساري رات هو سور کان ٿڙڪندو رهيو ۽ ننڊ به ڪانه آيس. جيئن تيئن جڏهن صبح ٿيو، ته آٿي ڳوٺ جي حڪيم صاحب ٽ ويو ۽ ساڻس حال ڪيائين. حڪيم صاحب پڇيس "ميان، رات جو ڇا کاڌو هيئي؟ ڳوٺاڻي وڏي ويچار کان پوءِ ورندي ڏني، "حڪيم صاحب جيڪا ماني



ڪائيندو آهيان، اهائي ڪاڏي هيم، ٻي ڪا نئين شيءِ چکيم به ڪانه." حڪيم صاحب کِلندي وري چيس، "آءٌ سمجهان ٿو پوڙ ضرور مزي وارو ٿيو هوندو، تنهنڪري هڪ-ٻه ماني شايد وڌيڪ کائي ويو هوندين؟" ڀوڳاٽي جواب ڏنو، "ائين ته ڪونه هو، البت مانيون جيڪي مون کاڌيون هيون، سي تئي تي لڳي ڪجهه سڙي پيون هيون." مريض جو اهو جواب ٻڌي، حڪيم صاحب اندر ويو ۽ جلدئي سرمو ۽ سرائي کڻي موٽي آيو. هن پوءِ سرمي ۾ سرائي ڦيرائي، سرائي کڻي مريض کي ڏني ۽ چوڻ لڳس "ميان صاحب، هي سرمو اکين ۾ وجهه!" ڀوڳاٽي حيران ٿيندي پڇيو، "حڪيم صاحب، سور ته پيٽ ۾ اٿم، سو سرمي مان ڇا ورندو؟" حڪيم صاحب مشڪندي جواب ڏنس، "ميان صاحب، جيڪڏهن تنهنجون اکيون ٺيڪ هجن ها، ته هوند سڙيل مانيون ڪڏهن به ڪين کائين ها. سڙيل مانيءَ ته تنهنجي پيٽ ۾ سور پيدا ڪيو آهي!"

ڀوڳاٽي مريض ۽ حڪيم صاحب جي هن قصي مان اسان کي اهوئي سبق ٿو ملي ته کاڌو هميشه ڏسي وائسي کائجي.

کاڌو اسان جي لاءِ نهايت ضروري آهي. خوراڪ مان ئي اسان جي جسم ۾ طاقت پيدا ٿي ٿئي. پر اها حقيقت وسارڻ نه گهرجي ته کاڌي پيتي جو فائدو تڏهن حاصل ٿي سگهندو، جڏهن اسين ان کي هضم

ڪري سگهون. اهوئي سبب آهي، جو اسان کي تاڪيد ڪيو ويندو آهي ته اسين تازيون، صاف ۽ پاڪ، پر پوريءَ طرح رڌل شيون واپرايون. اڌ ڪچي پڪي ۽ سڙيل کاڌي مان فائدي جي بدران نقصان ئي رسندو.

ڪيترا ٻار گهورڙين جي خومچي واريون شيون وٺي کائيندا آهن. انهن شين تي هڪڙو ته مٽي پيئي ڪرندي آهي، تنهن کان سواءِ ان تي اڪثر مکيون به پيون لامارا ڏينديون آهن. جيڪي ٻار اهڙيون شيون کائيندا آهن، اهي بيمار ٿي پوندا آهن.

تندرستيءَ لاءِ اهو به ضروري آهي ته کاڌو پوري وقت تي کائڻ گهرجي. ڏينهن ۾ وڌ ۾ وڌ چار پيرا کائڻ گهرجي، ساڳئي وقت اهو به ڌيان رکڻ گهرجي ته کاڌي کان پوءِ ٽي-چار ڪلاڪ ترسڻ گهرجي، ته جيئن کاڌو پوريءَ ريت هضم ٿي سگهي.

کائڻ بابت ڪن ٻين ڳالهين جي به پابندي ضروري آهي. کاڌي کائڻ کان اڳ ۾ هٿن کي ڌوئي صاف ڪرڻ گهرجي، ته جيئن هٿن واري گندگي کاڌي سان گڏجي پيٽ ۾ نه هلي وڃي. گرنه گهڻو ڪري ننڍا ڪٽڻ گهرجن، ۽ هرهڪ گرنه چڱيءَ ريت چٻاڙي کائڻ گهرجي. کاڌي جي وچ ۾ گهڻو پاڻي نه پيئجي. کاڌي کائڻ کان پوءِ هٿن کي اٽي يا صابڻ سان صاف ڪرڻ گهرجي. وات ۽ ڏند پڻ چڱيءَ طرح صاف ڪرڻ گهرجن. خراب ڏندن جي ڪري پيٽ

جون بيماريون پيدا ٿين ٿيون ۽ پيٽ جي ناچاقيءَ مان وري پيون به گهڻيون بيماريون پيدا ٿينديون آهن.

استعمالي سوال

1. هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(1) حڪيم صاحب ڀوتاڻي جي ڪهڙيءَ ڳالهه تي ڪِليو؟

(2) حڪيم صاحب مريض کي ائين ڇو چيو ته "ميان صاحب، اهو سرمو اکين ۾ وجهه."

(3) ڀوتاڻي مريض ۽ حڪيم صاحب واري قصي مان اسان کي ڪهڙو سبق ٿو ملي؟

2. هيٺيان جملا پورا ڪري وري لکو:

(i) ڪاڏي پيتي جو فائدو تڏهن ئي ٿيندو، جڏهن اسين......

(ii) سڙيل ڪاڏي مان فائدي جي بدران......

(iii) خراب ڏندن جي ڪري پيٽ جون......

سبق پنجنهون

ڏڌي منهنجا (نظم)

ڏڌي منهنجا، ڪر مون مان پنهنجو ڪرم،
ته رهجي تنهنجي لطف سان سڀ ڀرم.
عيبن آهه مون ڪي اگهاڙو ڪيو،
ڍڪين تون، ته ڍڪجي اگهاڙن شرم.
وڃايم مڙئي حال احوال سڦت،
پنهنجو ڇام ڇاٽي ٻجهي ڇم ڇرم.
عمر ويئي ڏوهن ۽ پاپن ۾ سڀ،
رهيو ڪو نه پاڇي، ڏڌيءَ ري درم.
موليٰ! مهر سان معاف ڪر سڀ گناهه،
مداين جو مون کي ٿو ماري مرم.
هٿي ”گل“ انهيءَ شرم ڪيو شرمندو،
وهائي اکين مان ٿو پاڻي گرم.

استعمالي سوال

1. شاعر ڏڌيءَ کان ڪهڙي مهرباني ٿو گهري؟
2. هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ سمجهايو:
عيبن کان اگهاڙو ٿيڻ - اگهاڙن جو شرم ڍڪڻ -
اکين مان گرم پاڻي وهائڻ.
3. هيٺينءَ سٽ جي ترڪيب ڪريو:
عيبن آهه مون کي اگهاڙو ڪيو.

سبق ڇنهون

گرمي

گرميءَ جي معنيٰ ڇا آهي؟ هوڏانهن هوءَ ٻتي پيئي ٻري، هيڏانهن ڪمل تتسو رکيو آهي. آگر وجهبي، ته جلي ويندي، ڏرتيءَ جو پيرين اگهاڙو نڪربو ته پير سڙندا. ٿڌيءَ ريت کهڙي ٻه گرم شيءِ کي هٿ لائبو، ته ڏڦ ايندو. گرمي انهيءَ "اثر" کي ٿو چئجي.

ڏسو هي پيتلي چڏو آهي. توري وجهونس ٿا ٻاهر ۾ پوءِ وري ٿا توريونس، ته اوتري جو اوترو. ڪنهن ٻه شيءِ کي گرم ڪرڻ سان نڪي ان جو وزن وڌي ٿو، نڪي گهٽجي ٿو، ٻاقي ايترو سو ٿئي ٿو، جو گرمي ڏيڻ سان يا شيءِ وڌي ٿي يا سندس حالت بدلجيو وڃيو ٿي ٿئي. اجها هيءَ پتل جي گولي هن ڇلي مان لنگهيو وڃي. پر ٻاهر ۾ تپايو اٿمانس، ته لنگهي ئي نٿي، وري هيءَ رٻڙ جي ٿيلهي ڏسو. منجهس ٿوري هوا وجهي منهن بند ڪري سيڪ ٿو ڏيانس، ته وڃي ڦوڪبي. سو ڪيئن؟ ٿيلهيءَ واري هوا ٻاهر جي تتو ٿي وڌي ٿي، تنهنڪري ٿيلهي وڃي سڄندي.

تتل گولي ڇلي مان نٿي نڪري، سو ٻه ساڳئي سبب. تنهن مان ثابت ٿيو ته نهريون، پٽڙيون، توڙي

هوا جهڙيون شيون گرميءَ جي زور تي وڌن ٿيون. برف هٿ ۾ جهلبي، ته پاڻي ٿي ويندي. جميل گيهه کي لوڏبو ته رجي پڻرو تي پوندو. قلعي، شيهو، سون، چاندي ۽ ٻيا ڌاتو ٿوريءَ يا گهڻيءَ باهه تي رجيو پون. برف کي گرمي ڏبي ته پاڻي ٿي پوندي، پاڻيءَ کي ٽهڪائبو ته شڪل مٽائي ٻاڦ ٿيندو. انهيءَ مان ثابت ٿيو ته گرميءَ جي زور تي شيون هڪڙيءَ حالت مان ٻيءَ ۾ ٿيون اچن، يعني نهريون شيون پڻريون ٿيو پون ۽ پڻريون بدلجو ٻاڦ يا هوا ٿيو پون.

استعمالي سوال

1. گرميءَ جو نهرين، پڻرين ۽ هوا جهڙين شين تي ڪهڙو اثر ٿو ٿئي؟
2. برف کي گرمي ڏبي، ته ڇا ٿيندو؟
3. گرميءَ جي زور تي شين جي حالت ڪيئن ٿي پوندي آهي؟

سبق سٺيھون

تندرستي

سياڻا چوندا آهن ته ”هڪ تندرستي هزار نعمت.“ سچ پچ آهي به ائين جيڪڏهن ڪنهن به انسان کي دنيا جون ڀيون سڀ نعمتون موجود آهن، پر هو تندرست نه آهي، ته آهي سڀ هن لاءِ بيڪار آهن. هن لاءِ هرهڪ نعمت، زحمت آهي. تندرستيءَ کان سواءِ سڀ ڪوڙ آهي.

بيمار ماڻهوءَ کي ڪابه شيءِ نه وڻندي آهي. مال ملڪيت ۽ اولاد سڀ ۾ سٺيون شيون آهن، پر بيماريءَ ۾ اهي به ڪڙيون آهن. بيمار ماڻهو، گهڻو وقت ناچاق رهندو آهي، ته خود حياتيءَ مان ئي بيزار ٿي پوندو آهي. انهيءَ ڪري ڪوشش ڪجي، جيئن بيماري ويجهي ئي نه اچي ۽ ماڻهو هميشه تندرست رهي. انهيءَ تندرستيءَ کي قائم رکڻ لاءِ ٻه مکيه اصول آهن:

(1) ٿورو کائڻ، ۽ (2) ورزش ڪرڻ.

حڪيمن جو قول آهي ته ”گهڻو کائو، ٿورو جيئو!“
”ٿورو کائو، گهڻو جيئو!“

يعني پيٽ کي پوريءَ وانگر ڀريو نه، پر ايترو کائو، جيترو جڳائي. سچ پچ ڪيترن مرضن جو علاج ئي آهي بک ڪاٽڻ.

حضور پاڪ ﷺ جن جي حديث آهي ته ”جڏهن ڪائڻ تي ويهو، تڏهن ڪاڏي مان اوڏيءَ مهل هٿ ڪڍو، جڏهن ڏسو ته اڃا اوهان کي چئن پنجن گرنهن جي ضرورت آهي.“ حقيقت ۾ جيڪڏهن اسين انهيءَ حديث تي عمل ڪريون، ته اسان کي بيماري ويجهي ئي ڪانه اچي.

ڳالهه ڪندا آهن ته نجاشي بادشاهه، حضور ﷺ جن ڏانهن هڪ زبردست حڪيم ڏياري موڪليو. هو مديني شريف ۾ ڪافي عرصو رهيو، مگر ڪو به ماڻهو هن وٽ علاج لاءِ ڪونه آيو. ڪجهه وقت رهڻ بعد هو حضور ﷺ جن وٽ آيو ۽ شڪايت ڪيائين ته: ”حضور! مون کي هت رهندي گهڻو عرصو ٿي ويو آهي، پر اڄ ڏينهن تائين هڪ به ماڻهو علاج لاءِ مون وٽ نه آيو آهي.“ حضور ﷺ جن جواب ڏنس ته ”هتي ڪو ماڻهو بيمار ئي ڪونهي. باقي دوا لاءِ ڪير اچي؟“ حڪيم حيران ٿي ويو ۽ چيائين ته: ”حضور، هنن جي تندرست رهڻ جو سبب ڪهڙو آهي؟“ حضور ﷺ جن چيس ته ”هتي جا ماڻهو ڏڌ ڪري کائين ئي ڪونه. ڏسندا ته اڃا چئن-پنجن گرنهن جي ضرورت آهي، ته ڪاڏي مان هٿ ڪڍي ڇڏيندا.“ حڪيم چيو ته ”بيشڪ، اهو اهڙو طريقو آهي، جو بيماري هرو ڀرو ويجهي ڪانه ايندي.“

تندرستي قائم رکڻ لاءِ ٻيو اصول آهي ورزش ڪرڻ. ورزش هر انسان لاءِ ضروري آهي، ان ۾

هڏ هڏ چُري ٿو ۽ رت جو دَورو تڪڙو ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري رت جون غلاظتون پگهر رستي ٻاهر نڪرن ٿيون.

ورزش واري ماڻهوءَ جو هاضمو تمام سٺو ٿيندو آهي. کاڌو به گهڻو کائيندو، ته به هڪدم هضم ٿي ويندو.

ڪسرت ڪري انسان طاقت وارو ٿئي ٿو. جيڪو ماڻهو ورزش نه ڪندو، تنهن جو بدن ڍلو رهندو. اوهان ڏٺو هوندو ته هاري ماڻهو اڪثر ڪري طاقتوارو ٿيندا آهن. انهيءَ جو سبب اهو آهي، جو هو ٻنيءَ ۾ رات ڏينهن پورهيو ڪن ٿا. انهيءَ ڪري سندن بدن کي ڪافي ورزش ملي ٿي ۽ اهو مضبوط ٿئي ٿو.

ورزش جا ڪيترا نمونا آهن مثلاً: ڪُشتي يا ملهه وڙهڻ، ترڻ، ڊوڙڻ، راند ڪرڻ، ٻنيءَ جو ڪم ڪرڻ، سواري ڪرڻ، وغيره. جيڪڏهن انهن ڳالهين مان ڪا به ڳالهه انسان نٿو ڪري سگهي، ته پوءِ ڪيس جڳائي ته گهٽ ۾ گهٽ صبح ۽ شام مهل پنڌ ڪري. جيڪي ماڻهو ويٺي ويٺا کائيندا آهن ۽ ڪو به پورهيو ڪارهيو نه ڪندا آهن، سي جوجهر ٿي پوندا آهن، هميشه سست ۽ نست هوندا آهن.


انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي ته ڪسرت ڪريون ۽ عيوض ۾ تندرستيءَ جهڙو سٺو انعام حاصل ڪريون.

استعمالي سوال

1. بيمار ماڻھوءَ کي ڇا وڻندو آھي؟
2. ”تندرستي ھزار نعمت“ ڇو چيو اٿن؟
3. تندرستي قائم رکڻ جا ڪھڙا مکيه اصول آھن؟
4. کاڌي متعلق حضور صه جن جي ڪھڙي حديث آھي؟
5. يمن جي بادشاھه مديني ۾ ڪنھن کي موڪليو ھو؟
6. اتي حڪيم ڪان ڪوبه ماڻھو دوا وٺڻ نه آيو، سو ڇو؟
7. ڀاءُ کي خط لکو، جنھن ۾ تندرستيءَ جي باري ۾ سمجھاڻي ڏيو.

سبق اڻيهون

ٻاڦ جون ڪلون



عيسوي سترهين صديءَ ۾ يورپ جي ماڻهن کي اوچتو اچي خيال ٿيو ته ”پاڻيءَ مان ٻاڦ ٿي نڪري تنهن ۾ ڏاڍي طاقت آهي! ڇو نه اسين اهڙي ڪا ڪل ٺاهيون، جا انهيءَ جي زور تي هلي؟“ انهيءَ ارادي کي پورين پورين هڪ يوناني ماڻهوءَ عملي جامو پهرايو. هن ڪوشش ڪري نيٺ هڪ ڪل تيار ڪئي. مگر ان مان ڪو به ڪارج ڪو نه سريو، فقط رانديڪي طور ڪم اچڻ لڳي. ان کان پوءِ ڪو وقت ته چپ چاپ ٿي ويئي ۽ ڪنهن به ڪا ڪل ڪانه ٺهي.

وري ارڙهين صديءَ جي شروع ۾ ڊيلپن نالي فرانس جي هڪ مشهور ماڻهوءَ هڪ آگبوٽ ٺاهيو، جو پاڻيءَ ۾ هلڻ لڳو. ناڪئن ڏٺو ته جي هيءَ هلندو رهيو، ته اسان جي روزگار کي وڏو ڌڪ لڳندو، سو هڪ ڏينهن وجهه وٺي ان کي ڀڃي ڀورا ڪري ڇڏيائون.

ان بعد ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري جيمس واٽ نالي اسڪاٽلينڊ جي هڪ ماڻهوءَ انهيءَ ڏس ۾ ڪوشش شروع ڪئي. چون ٿا ته هن باغ جو سير پئي ڪيو ته ڪيس اوچتو ئي اوچتو اچي خيال پيدا ٿيو. سو سٽ ڏيئي سڌو ويو گهر، ۽ وڃي ڪم ۾ هٿ ڳنڍيائين. تيستين آرام نه آيس، جيسين هڪ ڪل ٺاهي راس نه ڪيائين. اها ڪل ڏاڍي سهڻي ٺهي ۽ رفتار به چڱيءَ سان ٿي هلي، پر منجهس هڪڙو نقص رهجي ويو. يعني هُل ايترو ٿي ڪيائين جو ڪَنَ ٿي ٽاڙيون چڙهي ٿي ويون.

انهيءَ زماني ۾ فلٽن نالي آمريڪا جي هڪ ماڻهوءَ آگبوٽ ٺاهيو، جو ڪلاڪ ۾ پنج ميل رفتار سان هلڻ لڳو. ماڻهو ان کي ڏسي حيران ٿي ويا، چي: "هيءَ الاجي ڪهڙو راڪاس آهي، جو واٽ سان آلا ۽ دونهان ڪيندو ڪنّ ڪپيندو وڃي!"

سن 1808ع ۾ هڪ انگريز لنڊن ۾ هڪ باغ جي ڪل ٺاهي، ۽ ريل جو رستو تيار ڪري ان تي هلائي،

پر اتفاق سان هڪ ڏينهن ريل جو پنو پڇي پيو ۽ اها اونڌي ٿي پيئي. سندس پرزو نہ مليو پرزي ڪري، بلڪل زبون ٿي ويئي.

ان بعد وري **جارج اسٽيفن** هڪ انجڻ تيار ڪئي جا آٽ گاڏا گهلي ٿي سگهي ۽ سندس رفتار بہ چار ميل ڪلاڪ ۾ هئي، پوءِ تہ انگريز رفتي رفتي ويا وڌندا. نيٺ ٻاڦ جي ڪلن ڪ اهڙو تہ زور وٺايائون، جو اڄ سڄي دنيا انهن مان فائدو وٺي رهي آهي. هي ريل گاڏيون ۽ سامونڊي جهاز وغيره ٻاڦ جون ڪلون آهن، جن سوين سهنج ڪري ڇڏيا آهن.

استعمالي سوال

1. ٻاڦ جي ڪلن جي شروعات ڪهڙيءَ صديءَ ۾ ٿي؟
2. پهرين جو آگبوٽ ڪيئن تباهہ ٿيو؟
3. جيمس واٽ ڇا ڏٺو هو؟
4. ان ۾ ڪهڙو نقص هو؟
5. آمريڪا ۾ پهرين ڪهڙي ٻاڦ جي ڪل تيار ٿي؟
6. ٻاڦ جي ڪلن کي آخر ۾ ڪهڙن ماڻهن زور وٺايو؟
7. هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ ٻڌايو:

ڪارج سرڻ - ڌڪ لڳڻ - هٿ ڳنڍڻ - ڪنن تي تاڙيون ڇڙهڻ - ڪَن ڪپڻ.

8. ظرف ڇا سان لڳندو آهي؟ اهو ٻڌايو.

سبق اوڻيتاليھون

هاري

(نظم)

هاري پيارا، جوان سگهارا!
ديس منهي جا جيءَ جيارا.
جاڳ ته ڀاڳ لڳئي او يار!
ظالم سامهون ٽيءَ ديوار.
ڪير چوي تون آهين هيٺو؟
تون ڏاڍن کان ڏاڍو ڀيٽو.
مٿهل ملي ٿئي پاڻ ملهائج!
محنت جا ڪي مينهن وسائج.
جوڳ ڀليءَ کي ساجهُر جوڙ،
کيتَ سان نينهُن نيائج توڙ.
تنهنجي محنت لائي رنگ،
ڏک وڃن، ٿئي سک جو سنگ.
سلي سلي جي ڪر سنڀار،
ڪٽي منجهان ٽين ڪيچ خرار.

بک بيماري ڪيڏ پڄائي،
تنهنجا ڳڻ زمانو ڳائي.

تنهنجي محنت ملڪ جو مانُ،
شال جئين تون هاري جوان!

-”ٻردو“ سنڌي

استعمالي سوال

1. شاعر هن نظم ۾ هاريءَ کي ڇانو چوي؟
2. هاري ڪهڙيءَ طرح بک ۽ بيماريءَ کي پڄائي سگهي ٿو!
3. هن سٽن جو مطلب ڇا آهي؟

جاڳ ته ڀاڳ لڳئي او يار!
ظالم سامهون ٿيءُ ديوار!

4. ”هاريءَ جي محنت ملڪ جو مانُ آهي.“ انهيءَ چوٽيءَ جي آڌار تي هڪ ليک لکو.
5. هيٺيان اصطلاح سمجهايو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:
پاڻ ملهائڻ - محنت جا سينهن وسائڻ - نينهن نيائڻ - رنگ لائڻ - ڳڻ ڳائڻ.

سبق چاليهون

خندق جي جنگ

رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن جي زندگيءَ ۾ مسلمانن ڪفارن سان جيڪي جنگيون ڪيون، انهن مان هڪڙيءَ جو نالو "خندق" واري جنگ آهي. اهو نالو انهيءَ لڙائيءَ تي انهيءَ ڪري پيو، جو مسلمانن کي انهيءَ موقعي تي هڪڙي خندق يعني کاهي کوٽڻي پيئي هئي. اها لڙائي انهيءَ ڪري به وڏيڪ اهم سمجهي وڃي ٿي جو انهيءَ ۾ تمام ٿورڙن مسلمانن 24000 ڪافرن کي شڪست ڏيئي، فتح حاصل ڪئي.

لڙائيءَ جو اصلي سبب اهو هو ته يهودين حضورجن کي دوکي ۽ فريب سان قتل ڪرڻ ٿي چاهيو. حضورجن کي جڏهن انهيءَ سازش جي خبر پيئي، ته پاڻ ڪين مديني جو شهر ڇڏي وڃڻ جو حڪم ڏنائون. يهودي مديني کان نڪري، خيبر جي جاءِ تي وڃي آباد ٿيا.

يهودي مسلمانن جا ته اڳ ۾ئي دشمن هئا. مٿين واقعي کان پوءِ، انهن جي دشمني ويتر وڌي ويئي. هُنن ائين سوچيو ته عربستان جي سڀني قبيلن کي ملائي، مسلمانن کي نيست نابود ڪريون. ان لاءِ

يهودين جا وڏا وڏا سردار مڪّي جي ڪافرن وٽ لنگهي ويا، ۽ انهن کي چيائون ته ”جيڪڏهن توهين اسان جي مدد ڪريو، ته سڀئي گڏجي دنيا مان اسلام جو نالو نشان مٽائي ڇڏيون!“ مڪّي جي ڪافرن جي به مرضي اهائي هئي ته مسلمانن کي ڪنهن به ريت ختم ڪيو وڃي. تنهنڪري هو هڪدم يهودين کي مدد ڏيڻ لاءِ تيار ٿيا.

ڪافرن چوويهه هزار ماڻهن جو لشڪر تيار ڪري ابوسفيان کي انهيءَ لشڪر جو سپهه سالار مقرر ڪيو. فوج جي رواني ٿيڻ کان اڳ ۾ سڀني قبيلن جي سردارن قسم کنيو ته جيسين اسين هرهڪ مسلمان کي ختم نه ڪنداسين، تيسين آرام سان نه ويهنداسين.

ڪافرن جي هن زبردست تياريءَ جي خبر جڏهن رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن کي پيئي، ته هنن پاڻ انهيءَ وقت ئي سڀني مسلمانن کي گڏ ڪري، ساڻن صلاح مشورو ڪيو. آخر اهو فيصلو ٿيو ته کليل ميدان ۾ ٿورا مسلمان ايڏي وڏي لشڪر جو مقابلو ڪري نه سگهندا. بهتر ائين ٿيندو ته لشڪر هڪڙيءَ محفوظ جاءِ تي گڏ ڪجي ۽ ان جي چوڌاري خندق کوٽي وڃي. پوءِ پندرهن-سورهن ڏينهن ۾ هڪ چڱي خاصي خندق کوٽي ويئي. خندق تيار ٿيڻ کان پوءِ مسلمانن پنهنجون عورتون هڪڙي محفوظ قلعي ڏانهن موڪلي ڏنيون، ۽ پاڻ دشمن جي مقابلي لاءِ خندق جي ڀرسان پاسي مورچا ٺاهي ويهي رهيا.

ڪجھہ ڏينهن تائين تہ ڪافرن خندق جي پرئين پاسي کان تير ۽ پٿر پئي وسايا. پر جڏهن انهيءَ مان ڪوبہ نتيجو ڪونہ نڪتو، تہ سندن نامور بهادر ضرار، جبيرہ، نوفل ۽ عمرو بن عبدود، هڪڙي هنڌان، جتان خندق ڪجھہ سوڙهي هئي، گهوڙن کي اڙيون هڻي، ٻئي پاسي ٽپي آيا. خندق ٽپي اچڻ کان پوءِ عمرو بن عبدود مقابلي لاءِ للڪاريو. حضرت عليءَ اڳتي وڌي هڪ ئي وار سان ختم ڪري ڇڏيس. انهيءَ کان پوءِ ضرار ۽ جبيرہ همت ڪري اڳتي وڌيا، پر ڊپ جي ڪري پوئتي هٽي ويا. نوفل تہ خندق ۾ ڪري پيو ۽ حضرت عليءَ ٽپو ڏيئي وڃي، ان کي ماري وڌو.

يهودين هوڏانهن انهيءَ قلعي تي حملو ڪري ڏنو، جتي عورتون گڏ ٿيل هيون. هڪ يهودي سردار قلعي جي دروازي تي پهچي ويو. هن کي سڀ کان پهريائين رسول الله صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي پڦيءَ، حضرت صفيہ، ڏٺو، جنهن تنبوءَ جي ڪاٺي کڻي اهڙي تہ زور سان هن جي مٿي تي هنئين، جو هو بيهوش ٿي، ڪري پيو. پوءِ تہ ٻيءَ خنجر سان هن جي سِسي لاهي، کڻي قلعي کان ٻاهر اڇلائي. آتي ڪيترائي ڪافر، جيڪي حملي جي انتظار ۾ ويٺا هئا، تن جي سردار جو، سامهون ڪٽيل سِر جڏهن اچي ڪِريو، تہ هنن کي يقين ٿي ويو تہ قلعي ۾ عورتن کان سواءِ ڪي مڙس ماڻهو بہ ضرور موجود آهن. اهو ويچاري، هو اچي ٻنا ۽ پويان پير ڪري وٺي ڀڳا.

دشمن مديني تي ستاويهہ ڏينهن گهيرو ڪريو ويٺا هئا. هنن جي ڪاڏي پيتي جو سامان کٽڻ تي اچي بيٺو. اتفاق سان انهيءَ ڏينهن هڪ خوفناڪ طوفان پڻ لڳو ۽ چوڌاري اونده انڌوڪار ٿي ويئي. آها هڪ طرح جي غيبي امداد هئي. ڪافر اڳيئي ڊنل هئا، ويتر جو طوفان لڳو، سو هو وڏيڪ هيسجي ويا، ۽ رات وچ ۾ جنگ جو ميدان ڇڏي وٺي ڀڳا. ائين الله تعاليٰ جي غيبي مدد سان مسلمانن کي ايڏي وڏي دشمن جي فوج تي فتح حاصل ٿي.

استعمالي سوال

هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. جنگ خندق کي انهيءَ نالي سان ڇو سڏيو وڃي ٿو؟
2. هن لڙائيءَ جو سبب ڪهڙو هو؟
3. ڪافر ڇاجي ڪري لڙائيءَ جي ميدان مان ڀڄي ويا؟

هيٺيان خال ڀريو:

(1) آنحضرت جن کي يهودين ......جي خبر پهچائي ويئي هئي.

(2) ڪافرن جي مرضي هئي ته، دنيا مان اسلام جو......مٽائي ڇڏيون.

(3) مسلمان عورتن کي هڪ......جاءِ تي موڪليو ويو.

(4) دشمن......وٺي ڀڳا.

(5) طوفان ڪافرن کي وڏيڪ......ڇڏيو.

(6) طوفان بہ هڪ نموني......امداد هئي.

سبق ايڪيتاليھون

ايماندار ڇوڪري

سڀني ٻارن کي خبر هوندي ته اسان جي ٻئي خليفي جو نالو حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه هو. ڪن ٻارن کي اهو به معلوم هوندو ته حضرت عمر رضہ پنهنجي خلافت واري زماني ۾ هر رات شهر جو گشت ڪندو هو. هن جي اهائي مرضي هوندي هئي ته، سندس خلافت واري دؤر ۾ ڪوبه تڪليف ۾ نه گذاري.

هڪڙيءَ رات، دستور موجب حضرت عمر رضہ شهر جي گشت تي نڪتو. هن سان پنهنجو هڪڙو نوڪر به ساڻ هو. گهمندي گهمندي، هو شهر جي هڪڙي گهٽيءَ ۾ پهتو. اتي هڪڙي گهر مان ڪن ٻن زالن جي ڳالهائڻ جو آواز پئي آيو. اهي ڪنهن ڳالهه تان پاڻ ۾ وڙهي رهيون هيون.

حضرت عمر جن ڏٺو ته هڪڙي زال اڱڻ ۾ ويٺي هئي ۽ هن جي ڀرسان هڪ ڇوڪري بيٺل هئي. زال جي هٿن ۾ پاڻيءَ جو ڀريل پيالو جهليل هو. هن جي سامهون کير جو ڀريل هڪ ٽانو به رکيل هو. زال جي موضي

هئي ته پيالي وارو پاڻي کير ۾ ملايان. ڇوڪري هن کي چئي رهي هئي ته ”نه، امان نه، آءٌ توکي ائين ڪرڻ ڪين ڏيندس.“

حضرت عمر رضه سمجهي ويو ته زال ڇوڪريءَ جي ماءُ آهي. ماءُ کير گهڻي ڪرڻ لاءِ ان ۾ پاڻي ملائڻ ٿي چاهيو، ۽ ڌيءُ ماءُ کي ائين ڪرڻ کان روڪي رهي هئي.

ماءُ ڏٺو ته ڇوڪري ضد تان نٿي لهي، تڏهن کيس سمجهائڻ لڳي ته ”رابعه! توکي ته اها خبر آهي ته پاڻ وٽ رڳو هڪڙي آڳ آهي. پاڻ ان جو کير وڪڻي پيٽ پيا پاليون. اُن هن وقت تمام ٿورو کير ٿي ڏئي. ان جي آمدنيءَ مان پنهنجي پورت ڪانه ٿي ٿئي. کير ۾ جيترو پاڻي ملائينداسون، اوترائي اسان کي وڌيڪ پئسا ملندا، ۽ پنهنجي گذر ۾ سهوليت ٿي پوندي!“

ڇوڪري اها ڳالهه ٻڌي، ماءُ کي چوڻ لڳي، ”امان! ڇا اوهان کي خبر ڪانهي ته کير ۾ پاڻي ملائڻ گناهه آهي؛ تنهن کان سواءِ پنهنجو اميرالمؤمنين اهو اعلان ڪري چڪو آهي ته ڪوبه ماڻهو ڪنهن به حلال شيءِ ۾ ملاوٽ نه ڪري.“

ماڻس ورندي ڏنسي، ”مون کي خبر آهي ته اميرالمؤمنين اهڙي حڪم جو برابر اعلان ڪيو آهي. پر اسان ڪٿي جي کير ۾ ٿورو پاڻي ملايو، ته اميرالمؤمنين کي ٿوروئي ڪا خبر پئجي سگهندي.“

اها ڳالھ ٻڌي، ڇوڪري ڪاوڙجي ويئي. ھوءَ چوڻ لڳي ”امان! سمجھو ڪٿي تہ اميرالمؤمنين کي انھيءَ ڳالھ جي خبرئي ڪانہ ٿي پوي پر الله سائين تہ اسان سڀني کي ڏسي سگھي ٿو! ان کي آسانيءَ سان خبر پئجي ويندي، تہ اسان گناھ ڪيو آھي. اھوئي سبب آھي، جو آءٌ اوھان کي روڪيان پيئي تہ کير ۾ پاڻي نہ ملايو. آءٌ توھان کي ائين اصل ڪين ڪرڻ ڏينديس!“

ائين ڳالھائيندي ڇوڪريءَ ڪٿي ماءُ جو ھٿ جھليو. ماءُ وڏي ويچار ۾ پئجي ويئي. نيٺ ھن پاڻيءَ جو ڀريل پيالو ڪٿي پاسي تي رکيو، ۽ پنھنجي ڌيءُ کي چوڻ لڳي، ”ڌيءَ تون سچ ٿي چوين، الله سائينءَ کي برابر ھر ڪنھن ڳالھ جي خبر آھي. ھن ڪان کي بہ ڪجھو ڪينھي. منھنجي دل ۾ گناھ جو خيال پيدا ٿيو ھو. شل الله سائين مون کي معاف ڪري ۽ تو کي پنھنجي نيڪيءَ جو اجورو ڏئي! تو تہ مون کي گنھگار ٿيڻ کان بچائي ورتو آھي!“ ائين چوندي ھن پيالي ۾ ڀيل پاڻي زمين تي ھاري ڇڏيو.

حضرت عمر رضہ اھي سڀ ڳالھيون ٻڌي ورتيون. ھو ڏاڍو خوش ٿيو. صبح ٿينديئي ھن رابعہ کي پاڻ وٽ گھرايو، ۽ پوءِ گھڻي پيار ۽ محبت سان ھن جي مٿي تي ھٿ ڦيرائيندي چوڻ لڳو، ”رابعہ! اسين تو تي ڏاڍا خوش ٿيا آھيون. رات جيڪي تنھنجي ماءُ ۽ تو پئي ڳالھيون ڪيون، سي سڀئي اسان ٻڌي،

ورتيون آهن. تو ڏيهه تي ڪري پنهنجي ماءُ کي هڪڙي وڏي گناهه کان بچائي ڇڏيو آهي. مسلمان جي هر ڪنهن ٻار کي اهڙوئي تون گهرجي."

حضرت عمر جن رابعه جي ماءُ جي گهڻي مدد ڪئي ۽ هو پوءِ سکيا گذارڻ لڳا.

استعمالي سوال

هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. حضرت عمر جن ڪير هئا؟
2. سندن خاص عادت ڪهڙي هئي؟
3. رابعه جي ماءُ ڪير ۾ پاڻي ڇو ٿي ملايو؟
4. رابعه هن کي ڇا جي ڪري ۽ ڇو روڪي رهي هئي؟
5. رابعه جي ماءُ تي ڪهڙيءَ ڳالهه جو اثر ٿيو؟

سبق ٻائيتاليهون

هلندا ئي هلو يار! (نظم)

هلندا ئي هلو يار، هلندا ئي هلو يار!

هي ٻہ اسان جو هو ٻہ اسان جو،
هر ڪو ٻار آ يار اسان جو،
ٻار اسان جا جڳ جا ٻار،
هلندا ئي هلو هلندا يار!

پيار اسان جو پريت اسان جي،
ونڊڻ ورڇڻ ريت اسان جي،
پاڻ ۾ ڪريون قرب اپار،
هلندا ئي هلو هلندا يار!

ڪوڙ ڪپٽ کي ڪين گھرون سڀ،
سچ سپت سان شال هيرون سڀ،
يار اسان جا سڀ سچار،
هلندا ئي هلو هلندا يار!

سنڌي آهي پنهنجي ٻولي،
ماءُ ڏني آ جنهن ۾ لولي،
ڪيئن وسري سا منهنجا يار؟
هلندا ئي هلو هلندا يار!

ڏور نہ آھي پنھنجي منزل،
چاڻ پڳاسين، اڃھو پڳاسين؛
نچندا ٽپندا ڪلندا يار،
ھلندا ئي ھلو ھلندا يار!

— عبدالحق "عظيم"

استعمالي سوال

1ـ شاعر ھن نظم ۾ ٻارن کي ڪھڙي نصيحت ٿو ڪري؟
2ـ اوھان کي پنھنجي ماءُ ننڍي ھوندي ڪھڙي لولي ٻڌائي ھئي؟
3ـ "ياراسان جا جڳ جا ٻار" ھن سٽ تي پنھنجيءَ ڄاڻ آھر ھڪ ليک لکو.
4ـ ھيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:
وندڻ ـ ڪپت ـ سپت.

سبق ٽيتاليهون

هوائي حملي کان بچاءُ

ماما سائين گهر ۾ اندر آيو، ته خالد ڊوڙي وٽس وڃي پهتو. مامي سائينءَ جي عادت هوندي هئي ته هو جڏهن به آفيس مان موٽندو هو ته خالد لاءِ ڪا نه ڪا شيءِ وٺي ايندو هو. ڪڏهن ڪتاب، ڪڏهن ميوو ۽ ڪڏهن پينسل ۽ سليٽ، ٻي يا تصويرون يا آکاڻين جا ڪتاب، هن جي هٿن ۾ هوندا هئا. خالد ڊوڙي اچي، اهي شيون کانئس وٺندو هو. اڄ به هو ڊوڙي ماما سائينءَ وٽ پهتو، ته هن کيس پيار ڪندي چيو، ”پٽ، اڄ ته تو لاءِ ڪابه شيءِ آڻي نه سگهيو آهيان!“

خالد چوڻ لڳو، ”ماما سائين، ڪا پرواهه ڪانهي، اڄ ته مون کي ڪنهن به شيءِ جي ضرورت ڪانهي. مون ته اڄ اهڙو تماشو ڏٺو آهي، جو توهان کي پڙهائي به نه سگهان!“ خالد ائين چئي، زور زور سان تاڙيون وڄايون، ۽ چوڻ لڳو، ”ماما سائين، سچ ٿو چوان! ڏاڍو سٺو تماشو هو!“

مامي ڪڏهن به خالد کي ايترو خوش ڪونه ڏٺو هو. هن کيس هنج ۾ کنيو ۽ کانئس پيار مان پڇڻ لڳو: ”پيارا! تو ڪهڙو تماشو ڏٺو هو؟

مون کي به ته ٻڌاءِ!“ خالد ماميءَ جي هنج مان لهي، ٽڪرو ٽڪرو وڃي اڱڻ ۾ بيٺو ۽ آسمان ڏانهن اکر کڻي، چوڻ لڳو، ”ماما سائين، ڏسو اهو تماشو، آتي ٿيو هو!“ ماميءَ پڇيو ته، ”ڪٿي ٿيو هو؟ آسمان تي!“ خالد جلدي جواب ڏنو ته ”هائو، آسمان تي. اڄ آسمان تي هوائي جهازن جي لڙائي لڳي هئي نه!“ ماميءَ سڄي ڳالهه سمجهي ويئي. هن کي خبر هئي ته اڄ ڪي هوائي جهاز ڪراچيءَ تي حملو ڪري آيا هئا، ۽ اسان جي جهازن انهن کي ڀڄائي ڪڍيو هو. هن جلدي چيو ته خالد بابا! ته ڇا تو هوائي جهازن جي لڙائي اڱڻ مان بيهي ڏٺي هئي؟“

خالد جلدي جواب ڏنو، ”نه، ماما سائين، نه! هوائي جهازن کي اڏامندو ڏسي، آءٌ ۽ امان ڪُڏ تي چڙهي وياسين، ۽ اتان بيٺي بيٺي هوائي جهازن جي لڙائي ڏٺيسين. هوائي جهاز مداريءَ وانگر قلابازيون ڏيئي رهيا هئا. ماما سائين، سچ پچ ته ڏاڍو مزو آيو. اوهين هجو ها، ته اوهان کي به مزو اچي ها!“ ائين چئي، خالد وري تاڙيون وڄائڻ شروع ڪري ڏنيون. پر هڪدم هو حيران ٿي ويو ته ماميءَ اها ڳالهه ٻڌي، خوش ڪين ٿيو هو. هو ماميءَ کان پڇڻ لڳو، ”ماما سائين، ڇو اوهين ماٺ ٿي ويا آهيو؟ ڪهڙي ڳالهه تي ويٺي!“ ماميءَ ڪرسيءَ تي ويهندي، چيو، ”خالد بابا،

تو ۽ تنهنجي ماءُ ڏاڍي وڏي بيوقوفيءَ جي ڳالهه ڪئي آهي."

خالد: ماما سائين، ڇا ٿا چئو؟

ماما: ڳالهه هيءَ آهي ته توهان پنهنجي گڏجي، ڪُنڊ تي چڙهي، هوائي جهازن جي لڙائي ڏٺي. اهائي ته وڏي خطري جي ڳالهه آهي! ڇا توکي خبر نه آهي ته تنهنجي شهر تي ڪو هوائي حملو ٿئي ته توکي ڇا ڪرڻ کپي؟

خالد: هائو، مون کي خبر ڇو ڪانهي؟ مون اهي سڀئي ڳالهيون ڪاپيءَ ۾ لکي رکيون آهن. چئو ته توهان کي آهي ڪٿي آڻي ڏيکاريان؟

ماما: اهي ڪاپيءَ ۾ لکيل ڳالهيون ڪهڙي ڪم جون، جن مان ڪو فائدو ڪونهي!

خالد: ماما سائين! جيڪي ڳالهيون مون ڪاپيءَ ۾ لکيون آهن، آهي مون کي برزبان ياد به آهن، چئو ته توهان کي ٻڌايان!

ماما: هوائي حملي وقت جيڪي ڪجهه ڪرڻ گهرجي، اهو تو ڪاپيءَ ۾ لکي رکيو آهي، ۽ آهي سڀ ڳالهيون توکي ياد به آهن، اڄ تو انهن ڳالهين تي ڌيان ڪونه ڏنو، ۽ جنهن کي تون هوائي جهازن جي لڙائيءَ جو تماشو ٿو چئين، اهو ته سچ پچ هوائي حملو هو. توکي خبر آهي ته اهڙي وقت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

خالد: توهان ٺيڪ ٿا چئو، ماما سائين! انهيءَ وقت ته اسان کي ان ڪاهيءَ ۾ وڃڻ گهرجي ها، جيڪا اوهان ٻاهر کوٽائي ڇڏي آهي.

ماما: يا توهان کي انهيءَ حفاظتي ڪمري ۾ وڃڻ گهربو هو، جيڪو پاڻ هوائي حملي جي بچاءَ خاطر ٺاهيو آهي.

خالد: ماما سائين! توهان ٺيڪ ٿا چئو. انهيءَ وقت نه ته اسان کي اڱڻ ۾ بيهڻ گهرجي ها، ۽ نه وري ڇت تي وڃي، مٿي ڏسڻ گهرجي ها.

ماما: ڪراچيءَ جي ماڻهن اڄ ڏاڍي بيوقوفي ڪئي، جڏهن دشمن جا جهاز حملي لاءِ آيا، ۽ اسان جي جهازن انهن جو مقابلو ڪيو ته ڪيترائي ننڍا وڏا هزارين ماڻهو رستن ۽ ميدانن تي ٻاهر نڪري آيا ۽ ڪي وري ڪُڏن تي چڙهي ويا. اهي ۽ توهان وانگر انهيءَ لڙائيءَ جو تماشو ڏسي رهيا هئا، جيڪو سچ پچ هڪڙو هوائي حملو هو.

خالد: هائو، ماما سائين! هاڻ مون کي خيال ٿو اچي ته انهيءَ وقت ۾ خطري جو گهگهو به وڳو هو.

ماما: هائي تو بلڪل ٺيڪ ڳالهه ڪئي آهي. ماڻهن کي ته هر وقت اها ڳالهه ٻڌائي ويندي آهي ته خطري جو آواز ٻڌي، ڪين ويجهي ۾ ويجهيءَ پناهگاهه ۾ وڃڻ گهرجي.

خالد: ۽ جيڪڏهن ڪا پناهه نه هجي، ته ڪنهن ميدان ۾ پيٽ ڀر ليٽي، هٿ جي ترين سان ڪَن بند ڪرڻ گهرجن، ۽ پنهنجي ڇاتي ٽونٽين تي ٽوري مٿي رکجي، ۽ رومال ويڙهي ڏندن ۾ جهلجي.

ماما: شاباس! شاباس! توکي ته سڀئي ڳالهيون ياد آهن.

خالد: ۽ ماما سائين، مون کي اها به خبر آهي ته حملي جي وقت آپو ٻيهي رهڻ خطرناڪ آهي، ٻيهڻ جي بدران ويهي رهڻ ۽ ويهڻ جي بدران ليٽي پئجي، ته وڌيڪ چڱو آهي.

ماما: هڪ ٻي ضروري ڳالهه اها آهي ته هوائي حملي جو گهٻراهٽ وچ ۾، ته ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ جي ڪوشش نه ڪري. ائين ڪرڻ سان پاڻ کي ۽ ٻين کي به پريشاني ٿيندي.

خالد: ماما سائين، اچا ٻيون به گهڻيون ڳالهيون آهن، پر اهي ٿوريون ضروري ڳالهيون ته هر ڪنهن کي ياد رکڻ گهرجن.

استعمالي سوال

هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. جڏهن ماسي خالد کي چيو ته "اڄ مون تولاءِ ڪا به شيءِ ڪانه آندي آهي" ته هن ڪهڙو جواب ڏنو؟
2. خالد آسمان تي ڪهڙو تماشو ڏٺو هو؟

3. خالد هوائي جهازن جي لڙائي ڪٿي ويهي ڏٺي هئي؟
4. مامو خالد جي ڳالهه ٻڌي خوش ڇو نہ ٿيو؟
5. خالد کي هوائي حملي وقت ڇا ڪرڻ گهرجي ها؟
6. هيٺين لفظن جا جملا ٺاهيو:

قلابازي - هرج - بيوقوفي - عمل ڪرڻ - حفاظتي ڪمرو - پناهگاهہ - پريشاني.

سبق چوئيتاليھون

پاڪستان ڪيئن قائم ٿيو

ڏکڻ ايشيا کنڊ تي مسلمانن جي اٽڪل هزار سال کن حڪومت رهي آهي. سن 1707ع ڌاري اورنگزيب عالمگير جي وفات کان پوءِ، مغل شهزادن جي پاڻ ۾ اٽڪٽ ۽ گهرو جهيڙن ڪري سندن سلطنت ويئي پوئتي پوندي. انگريز جيڪي هن ملڪ ۾ تجارت جي ارادي سان آيل هئا، سي ويا زور وٺندا. اهي آهستي آهستي ويا ملڪ جي علائقن تي قبضو ڪندا.

سن 1857ع واري آزاديءَ جي لڙائيءَ کان پوءِ مغل سلطنت جو ڏيئو جيڪو ڪافي عرصي کان ڦڙڪي رهيو هو، سو هميشه لاءِ اجهامي ويو. ساڳئي وقت انگريز پوريءَ ريت هن ملڪ جا حاڪم بڻجي ويا.

انگريزن جو مسلمانن کان حڪومت جون واڳون کسيون هيون، انهيءَ ڪري هو ڇرڪندا هئا ته متان ڪٿي مسلمان وري پنهنجي وڃايل حڪومت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن! سن 1857ع واريءَ آزاديءَ جي جنگ بابت به هنن کي خاطري ٿي ويئي هئي ته اها مسلمانن جي ڪوشش ڪري ئي ٿي هئي. اهوئي سبب هو، جو انگريز مسلمانن جي پٺيان

هٿ ڌوئي لڳا، ايتريقدر جو جتي به ڪو وڏ- ٺهرائي جو ماڻهو هٿ تي چڙهين، ته ان کي تباهه ۽ برباد ڪري ٿي ڇڏيائون. ساڳئي وقت هو هندن جي سرپرستي ڪرڻ لڳا. نتيجو اهو نڪتو جو مسلمان ويا پٺتي پوندا، ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ زندگيءَ جي هر ڪنهن ميدان ۾، پين قومن کان بلڪل پوئتي رهجي ويا.

اها ماجرا ڏسي، ڪن هڏڏوکي مسلمان رهنمائن کي پنهنجي قوم جي مدد ڪرڻ جو حوصلو پيدا ٿيو. سر سيد احمد خان جو نالو اهڙن رهنمائن جي صف ۾ پهريون ليکيو وڃي ٿو. هيءُ پهريون ئي شخص هو جنهن قوم کي سجاڳ ڪري ترقيءَ جي راهه تي هلڻ لاءِ عملي ڪوشش ڪئي. نيٺ هن سُتل قوم آرس ڀڃي، اکيون کوليون، ۽ پنهنجي ڏتڙيل حالت جو جائزو وٺي، خدا کي ياد ڪري، هو پنهنجي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ اٿي کڙي ٿي.


قوم ائين پاسو ورايو ته هڪ طرف هندن کين شڪي نظرن سان ڏٺو، ته ٻئي طرف انگريزن کي پنهنجو خطرو محسوس ٿيو. انهن ٻنهي گڏجي مسلمانن جي سجاڳيءَ واريءَ تحريڪ کي نيست نابود ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر مخلص رهنمائن جي ثابت قدميءَ ڪري اها تحريڪ نه رڳو زنده رهي، پر ساڳئي وقت مسلمان پنهنجيءَ منزل مقصود ڏانهن برابر وڌندا رهيا.

مسلمانن جي مرضي اها هئي ته کين به ڪري پهرين پنهنجي ملڪ کي انگريزن جي چنبي کان آزاد

ڪرايو وڃي. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هنن پنهنجي هموطنين سان گڏجي ڪوششون ڪيون. پر هندو قوم جون دليون مسلمانن سان ڪڏهن به ڪين گڏجي سگهيون. هنن هميشه ائين چاهيو ته مسلمانن جا مفاد پورا نه ٿين ۽ رڳو سندن ئي مَنَ جون مرادون پوريون ٿين.

مسلمان رهنمائن کي نيت اها خاطري ٿي ويئي، ته هندو مسلمانن کي ڪڏهن به ترقي ڪرڻ ڪين ڏيندا. هو پنهنجي گهٽائيءَ جي آڪڙ ۾ مسلمانن کي رواجي رعايتون ڏيڻ لاءِ تيار نه هئا. ان حالت ۾ مسلمانن لاءِ انهيءَ کان سواءِ ٻيو چارو ئي ڪو نه هو ته پنهنجي هڪ جدا حڪومت ٺاهڻ جي ڪوشش شروع ڪن.

اهڙي قسم جي آزاد ۽ اسلامي مملڪت جو تصور سڀني کان پهرين حضرت علامه اقبال رحمة الله عليه جن سن 1930ع ۾ پيش ڪيو. انهيءَ سال الهه آباد ۾ مسلم ليگ جو اجلاس گڏ ٿيو هو، ۽ علامه اقبال انهيءَ جي صدارت ڪئي هئي. هن پنهنجي صدارتي تقرير ۾ فرمايو ته "منهنجي خيال ۾ هندن ۽ مسلمانن جي ڇڪتاڻ گهٽائڻ جو رڳو هڪڙوئي حل آهي، ۽ اهو هيءَ ته هندستان جي جن صوبن ۾ جتي مسلمان گهڻائيءَ ۾ آهن، ته اهڙن صوبن کي گڏيل انگريزن جي ماتحت يا بلڪل هڪ آزاد حڪومت قائم ڪئي وڃي.




قائد اعظم محمد علي جناح

انهيءَ کان پوءِ ئي مسلمان، پنهنجي مذهب، روايتن ۽ تهذيب تمدن مطابق آزاد زندگي گذاري سگهندا.
انهيءَ مقصد کي ڌيان ۾ رکندي، حضرت قائداعظم محمد علي جناح رحمة الله عليه جن پنهنجي سياسي جماعت مسلم ليگ جي نئين تنظيم شروع ڪئي. پهريائين هندن کان سواءِ انگريز حڪومت هن تحريڪ جي ڏاڍي مخالفت ڪئي. هن مسلم ليگ لاءِ ڏاڍيون رنڊڪون ۽ رڪاوٽون پيدا ڪيون. قائداعظم جي ڏاڍت قدميءَ ڪري هنن جو ڪوبه حيلو وسيلو ڪارگر ڪين ٿيو. مسلمانن قائداعظم جي اڳواڻيءَ هيٺ گڏجي پنهنجي حقن جي مطالبي جو آواز بلند ڪيو. هن 1940ع ڌاري آزاد اسلامي مملڪت قائم ڪرڻ جي مطالبي جو باقاعدي اعلان ڪيو ويو. انهيءَ مطالبي جو ٺهراءُ مسلم ليگ جي 23-مارچ 1940ع لاهور واري اجلاس ۾ متفق طور منظور ٿيو هو. هن غير معمولي واقعي جي يادگيريءَ ۾ اسين هر سال 23-مارچ تي پاڪستان جو ڏينهن ملهائيندا آهيون. انهيءَ کان سواءِ انهيءَ ٺهراءَ جي يادگيري قائم رکڻ لاءِ لاهور ۾ ساڳئي هنڌ تي، جتي مسلم ليگ وارو اهو تاريخي اجلاس ٿيو هو، هڪڙو عاليشان منارو اڏايو ويو آهي، جنهن کي "پاڪستان جو منارو" سڏيو وڃي ٿو.
مٿئين ٺهراءَ پيش ڪرڻ کان پوءِ، پاڪستان حاصل ڪرڻ جي گهُرَ وڌي زور ورتندي. ستن سالن تائين

مسلمانن پنهنجون ڪوششون جاري رکيون. انهن هر طرح مصيبتون سٺيون، قيدن ۽ جيلن جو سختيون ڀوڳيائون، پنهنجون جانيون ۽ مال قربان ڪيائون، پر پنهنجي مقصد تان ذرو به نه هٽيا. انهيءَ وقت جي آزمائشن جي ڪهاڻي جيتري ڏکوئيندڙ آهي، اوتري ئي فخر جي قابل آهي.

مسلمان قائداعظم جي حڪم تي محڪم ٿي بيٺا، هر ڪنهن مصيبت کي مرڙس ٿي منهن ڏنائون ۽



پاڪستان جو منارو

ثابت قدميءَ جو سينو ساهي اڳتي وڌيا. هنن پنهنجي قافلي جي سردار جي فرمانبرداريءَ جو اهڙو مثال قائم ڪري ڏيکاريو، جو مسلمانن جي شروعاتي زماني کان پوءِ هن آسمان هيٺ شايد ئي ڪو ڏسي سگهيو هجي.

الله سائينءَ مسلمانن جي قرباني، جانبازي ۽ حق پرستي قبول ڪري ورتي. مسلمانن جي بيپناهه جوش ۽ جذبي کي هندو توڙي انگريز ٽڪو ڪري ڪونه سگهيا. انهن پنهنجا هزارين حيلا هلائي ڏٺا، سندن ڪابه اٽڪل ڪامياب ڪانه ٿي سگهي. تڏهن کين محسوس ٿيو ته هي ماڻهو جيڪي چون ٿا، سو ڪري ڏيکاريندا. اهوئي سبب آهي، جو انگريز حڪومت جي طاقت هوندي ۽ هندو پنهنجي گهٽائيءَ جي مغروريءَ هوندي به، مسلمانن جي مطالبي اڳيان جهڪيا. 14- آگسٽ 1947ع جي رات جو دنيا جي نقشي تي هڪ نئون ملڪ نمودار ٿيو. انهيءَ ملڪ جو نالو "پاڪستان" آهي. دنيا جي نقشي تي هڪ نئين پر آزاد ملڪ جا ليڪا نکري نروار ٿيا. هيءُ اهوئي ملڪ آهي، جتي اڄ اسين آزاديءَ سان الله جو نالو وٺي سگهون ٿا ۽ عزت ۽ آبروءَ واري زندگي گذاري رهيا آهيون. هن پياري پاڪستان لاءِ اسان جي وڏن هر ڪا قرباني ڪئي. اسين پاڻ ان جي حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ هر ممڪن قرباني ڏينداسين.

"پاڪستان پائنده باد!"

استعمالي سوال

1- هيٺين سوالن جا جواب پنهنجي نوٽبڪ تي لکي ڏيکاريو:

(i) ڏکڻ ايشيا کنڊ تي مسلمانن ڪيترو وقت حڪومت هلائي؟

(ii) مسلمانن جي اها حڪومت ڇاجي ڪري کسجي ويئي؟

(iii) انگريز مسلمانن کان ڇاجي ڪري ڇر ڪندا هئا؟

2- هيٺيان خال ڀريو:

(i) پاڪستان ... ۾ قائم ٿيو.

(ii) پاڪستان جو باني ... هو.

(iii) پاڪستان جو تصور سڀني کان اڳواٽ ... ظاهر ڪيو هو.

سبق پنجيتاليهون

وطن (نظم)

وطن جا وڻن وڻ، وڻي ٽاري ٽاري،
خزان ۾ وطن ۾ به آهي بهاري،
ٿي چڻ روز روشن سنديس رات ڪاري،
سنجهس مثل جنت ٿيون نهرون جاري،
وطن منهنجو هڪ جنت آباد آهي،
وطن سان ئي بس منهنجي دل شاد آهي.

هوا جنهن جي سرهي، مٺو جنهن جو پاڻي،
ندي جنهن جي سيني ندين جي ٿي راڻي،
ڪڏهن شمع روشن نه جنهن جي وساڻي،
ٿئي سک ۾ ساٿي، ٿئي ڏک ۾ ساٿي،
جي دنيا ۾ ڪو ديس مثل چمن ٿيو،
ته منهنجو مٺو ۽ پيارو وطن ٿيو.

وطن منهنجو جڳ جو مددگار آهي،
غريبن جو غمخوار غمخوار آهي،
اجهو عاجزن جو ۽ آڌار آهي،
نڌڪن يتيمن سندو يار آهي،
نه منهنجي وطن جو ڪو دنيا ۾ ثاني،
نه جهڙس ڪو سنسار ۾ جوڙ جاني.

وطن آهه منهنجو وڏي شان وارو،
وطن منهنجو داتا سدا دان وارو،
جو ڏئي مانُ ان کي، سو ٿئي مان وارو،
وساري وطن کي نه ايمان وارو،
ٿيو حب وطن آهه ايمان منهنجو،
آٿي ماني منهنجي، آٿي مانُ منهنجو.

وطن جي محبت جي آهي نشاني،
ته ڪنهن کي نه سمجهون سنڌ مٿ ۽ ثاني،
پنهنجي لاءِ سمجهونس جانب ۽ جاني،
مٿس جان صدقي ڪريون ۽ جواني،
پنهنجي ديس جو ويس پوشاڪ پهريون،
نه ديسي ٿين جهڙيون پانئيون ڪي پهريون.

منهنجي ديس جي ملڪ ۾ هاڪ آهي،
سنڌ حسن جي جابجا هاڪ آهي،
وطن جهڙي خوش ڪٿ نه خوراڪ آهي،
وطن جي ڇا پياري نه پوشاڪ آهه،
وطن جي ڪٿيءَ سان نه مٽ، پٽ کي ڇاٽان،
وطن کان سواءِ آءٌ نه ڪنهن کي سڃاڻان.

وطن جوئي چوڙيون، وطن جوئي ماٽيون،
وطن جو هنڊايون، وطن جو ڪم آڻيون،
ڪپهه کي ڪتيون ۽ ڦٽيون آڻيون ٽاٽيون،
ٿيون بسڪٽ کان بهتر پنهنجي گهرجون ڏاٽيون،
پنهنجي ملڪ جي ٿي وٺي خشڪ روٽي،
وٺي ٿي وطن جي به ڦاٽل لنگوٽي.

خدا رک تون آباد منهنجي وطن کي،
۽ شفقت سان ڪر شاد، منهنجي وطن کي،
نہ ڦاسائي صياد، منهنجي وطن کي،
خدا يا رکہ آزاد منهنجي وطن کي،
بنائيج گلستان سنڌوستان کي،
سدا سبز رک سائين، هن بوستان کي.

— حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

استعمالي سوال

1. شاعر هن نظم ۾ پنهنجي وطن جو ڪهڙو ذڪر ڪيو آهي؟
2. شاعر ديسي شين کي ٻاهرين شين کان وڌيڪ ڇو ٿو ڀانئي؟ ڇا اوهان انهيءَ ڳالهہ سان متفق آهيو؟
3. "ٿيو حب وطن آهہ ايمان منهنجو" انهيءَ چوڻيءَ کي سامهون رکي هڪ ليک لکو.
4. وطن ڪهڙي طرح سک ۾ سائي ۽ ڏک ۾ ساٿي آهي؟
5. هن نظم ۾ شاعر پنهنجي وطن سان ڪهڙين شين جي ڀيٽ ڪئي آهي، انهن شين جا نالا ٻڌايو.
6. هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:

خزان - مثل - چمن - عاجزن - ثاني.

سبق چائيتاليهون

ڦنڪي

هڪڙي ڏينهن جعفر پنهنجي ماڙيءَ جي ڏاڪڻ تان، تڙتڪڙ ۾ جهڙو لٿو ٿي، تهڙو پير کسڪي ويس ۽ ڌُو اچي منهن ڀر هيٺ پيو. وات مان ڏاڍو رت وهڻ لڳس، هڪڙي ڏند کي به ڏاڍو ايذاءُ آيس. تنهن تي پڻس اول ته پاڻيءَ جون گرڙيون ڪرايس، پوءِ پاڻيءَ ۾ توري ڦٽڪي گڏي ڏنائينس، ته ان سان گرڙيون ڪري. پيٽس پيءُ کي پاڻيءَ ۾ ڦٽڪي گڏيندي ڏسي، ڀانئيو ته بابو مصري وجهي جعفر کي شربت ڏيئو پياري، سو دل سرڪيس ۽ ڊُڪ ڪٽي ڀريائين. لڳس جو کارو، سو ٿُو ڪاري ڪڍيائين. چي: "هيءَ ته ڪاروئي ڪارو."

پيءُ- تو ڀانئيو ته شربت آهي؟ نه نه، هي ڦٽڪيءَ جو پاڻي آهي. ڏند ڏڪن، ته ڦٽڪيءَ جي پاڻيءَ سان گرڙيون ڪجن، ته پڪا ٿي پوندا.

ڇوڪر- بابا، ڦٽڪي اصل ٺهيل ٺڪيل بازار مان ٿي اچي يا ڪن شين مان ٺا جوڙين؟

پيءُ- نيپال ۽ بهار ۾ ڪن هنڌن تي ڦٽڪيءَ جا ڪنڊا ڪنڊا لڀندا آهن، پر اڪثر ڪري هٿرادو ٿي ٺهي.

ڪاٺين مان ڦڻڪيءَ جو هڪ پٽڙ نڪرندو آهي، تنهن مان ٻه ڦاهيندا آهن. ٻي هڪ سفيد مٽي آهي، تنهن مان ٻه ڦڻڪي جڙندي آهي. اهو پٽڙ راجپوتانا ۾ ڪڇ ۾ گهڻو ٿئي ٿو. ڦڻڪي گهڻن علاجن ۾ ڪم اچي ٿي. اک آئي ته ڦڻڪيءَ جو پاڻي لائجي. وڇونءَ جي ڏنگ لاءِ ٻه ڦڻڪي چڱي آهي. نڪهير ۾ ڦڻڪي رت بند ڪيو ڇڏي. ڪپڙو رڱي، ڦڻڪيءَ جي چٽ ڏجيس، ته رنگ مٿس ٻيهي ويندو. ياد اٿيئي ته شيشي جي مس ڪُپڙيءَ جو مٿيون پيتلي پڙ لهي پيو هو، جو ڦڻڪي ڳاري ڪري چنبڙايو هوسونس ته ڳنڍجي ويو هو؟ تنهن کان سواءِ ڦڻڪيءَ سان ميرو پاڻي صفا اوجل ٿي پوندو.

ڇوڪر- برابر، جڏهن ڦليليءَ تي باغ ۾ هليا هئاسين، تڏهن چاچي ڪين هڪ اڇي شيءِ پاڻيءَ ۾ وڌي هئي؟ هاڻي مون سمجهيو، اها ڦڻڪي هئي.

استعمالي سوال

1. ڦڻڪي ڪيئن ٺهندي آهي؟
2. ڏندن ۾ سور پوي، ته ڦڻڪي ڪيئن استعمال ڪجي؟
3. ڦڻڪيءَ مان ڪهڙا فائدا آهن؟
4. ڦڻڪي ميري پاڻيءَ کي ڪيئن صفا ڪندي آهي؟
5. هن سبق ۾ جيڪي ظرف آهن، سي ڳوليو.

سبق ستيناليهون

پمپ


اسين مٿي پڙهي آيا آهيون، ته هوا جو داب اسان تي سڀني طرفن کان آهي. هاڻي ان داب بابت هيءَ آزمائش ٿا ڪريون.

هيءُ پاڻيءَ سان ڀريل گلاس ڏسو. هن جي منهن تي ٿلهي پني جو ٽڪر اهڙيءَ طرح چمائي ٿا رکون، جو گلاس جو سڄو منهن ڍڪجي ٿو وڃي. هاڻي آءٌ پني جي مٿان ڪپو هٿ رکي، ساڄي هٿ سان هري هري گلاس اونڌو ڪري، پوءِ کٻو هٿ ڇڏي ٿو ڏيان. ڏسو، پاڻي اصل نٿو هارجي. ڀلا ڇو نٿو هارجي؟ ڇاڪاڻ ته ڪاغذ تي هوا جو داب آهي، جنهنڪري هيٺ نٿو ڪري، بلڪ اتي ئي چنبڙيو پيو آهي.

وري، هيءُ ننڍڙو قلعيءَ جو پڙ ڏسو. هن ۾ نفيس پڙڻ وانگيان سنهان ٽُنگ آهن. هن ۾ آءٌ پاڻي ٿو اوتيان، ته ٽُنگن مان وهي ٿو وڃي. هاڻي، هيءُ پڙ پاڻيءَ سان ڀريل گلاس جي مٿان رکي، گلاس اونڌو ڪري ٿو جهليان. ڏسو پاڻي نٿو هارجي. هن جو به اهوئي سبب آهي، ته هوا پڙ تي داب ٿي لائي، جنهنڪري پاڻي ٽنگن مان نٿو وهي.

هيءَ شيشي جي نلي ڏسو. هن جا ٻئي منهن کليل آهن، هاڻي اچو نليءَ جو هڪڙو منهن پاڻيءَ سان ڀريل گلاس ۾ ته وجهان ۽ ٻيو منهن وات تي رکي، ساهه اندر کڻي، نليءَ مان هوا ته ڪڍان. ڏسو، پاڻي نليءَ مان چڙهي وات ۾ آيو اٿم. ڀلا، ائين ڇو ٿيو؟ ان جو سبب هيءُ آهي:

هوا جو پاڻيءَ تي چوگرد داٻ آهي. پر جڏهن مون نليءَ مان هوا ڪڍي ورتي، تڏهن نليءَ جي پاڻيءَ تي ٻاهرينءَ هوا جو داٻ پيو ۽ پاڻي مٿي چڙهي آيو. پچڪارين ۾ پاڻي انهيءَ ريت چڙهندو آهي. پچڪاري پوري ٿيندي آهي. ان جو منهن پاڻيءَ ۾ وجهي ڏنو مٿي ڇڪبو، ته ڏٽي ڇڪڻ ڪري هوا ڇڪجي مٿان نڪري ويندي، جنهنڪري پچڪاريءَ




(شڪل نمبر ١٩)

۾ خال ٿي پوندو ۽ ٻاهران هوا جي داٻ سبب پاڻي پچڪاريءَ ۾ گهڙي ايندو.

پمپ ٻہ انهيءَ ساڳيءَ رٿ تي ٻڌل آهي. تفاوت هيءُ آهي جو پچڪاريءَ جو پاڻي ڏٽي هيٺ ڪرڻ سان ٻاهر نڪري ويندو آهي، پر پمپ جو پاڻي مٿي چڙهي ايندو آهي. ان ۾ هيءَ انڪل رکيل آهي.

پمپ جي هيٺئين ڀاڱي ۾ هڪ ڊگهي نڙي هوندي آهي، جا پاڻيءَ ۾ اندر وڃي بيهندي آهي. ان نڙيءَ جو مٿيون منهن پمپ سان ڳنڍيل هوندو آهي، جتي منجهس هڪ دري ٺهندي آهي، جا مٿئين پاسي کان کلندي آهي. پمپ جي ڏٽي ۾ وري ٻي دري آهي. جڏهن ڏٽو مٿي ڇڪجي ٿو، تڏهن اهو هوا کي



(شڪل نمبر ٢٠)

ڇڪي ٿو وٺي، ۽ ڀرين دري اندرين ۾ هوا جي
داب نہ هئڻ ڪري، پاڻيءَ جي زور سان کلي پوي
ٿي. پوءِ پاڻي انهيءَ دريءَ مان چڙهي، اچي ڏٽي
تي زور ٿو لائي. وري ڏٽي کي هيٺ زور ٿو ڏجي،
تہ موٽي هيٺ وڃي نٿو سگهي، جنهنڪري هو مٿي
زور لائي، ڏٽي واري دري کولي، ڏٽي مٿان چڙهيو
اچي، ۽ جڏهن ڏٽي کي مٿي ٿو ڇڪجي، تڏهن پمپ
جي منهن مان ٻاهر نڪريو اچي.

استعمالي سوال

1. پچڪاريءَ مان پاڻي مٿي ڇو چڙهندو آهي؟
2. پمپ مان پاڻي ڪيئن ٿو نڪري؟ اهو کولي سمجهايو.
3. هوا پمپ مان، ڪيئن ٿي نڪري؟
4. ضمير، صفت ۽ حرف جر ڇا کي چئجي؟
انهن جا مثال ٻڌايو.

ڏکين لفظن جي پَٽِي

سبق پهريون

مطابق = برابر، پٽاندر.

شور = گوڙ، هُلُ.

محبت جو مچ ٻرڻ = عاشق ٿيڻ.

ڍَنُ = شوق، ڏيان، ڳائڻ جي طرز يا لمولو.

ذڪر = بيان.

پياس = اُڃ، اوساتَ.

لوچ = ڳولا، تڙپ.

سياح = سيلاني، گهومو.

ڇپي ڇپي = ذري ذري، وِک وِک تي.

قرب جي ڪڙي ۾ جڪڙجڻ = پيار جي پَلوَ سان ٻڌجڻ.

نعمت = انعام، بخشش.

سبق ٻيو

عالم = ڏاهو.

اوسيئڙو = اوسو، ڳڻتي، انتظار.

صحبت = ڪچهري، رهاڻ.

سلوڪ = رويو، ورتاءُ، فقيري جو رستو.

حق بجاء آڻڻ = فرض پورو ڪرڻ.

رحمت = ڀلائي، مهرباني، ٻاجھه.

سبق ٽيون

اول = پهرين، شروع، مُنڍ.

عَليم = ڄاڻهار.

اعليٰ = وڏو، مٿاهون.

واحد = هڪ، ڇڙو.

رزاق = روزي رسائيندڙ، پالڻهار.

رحيم = مهربان، ٻاجهارو.

حمد = واکاڻ، ساراهه.

حڪيم = طبيب، ڏاهو.

وحدهٗ لاشريڪ لهٗ = هُو (ڌڻي) هڪ آهي ۽ ڪو ٻه جهڙس نه آهي.

هيجان = پيار مان، هيج مان.

هنئين = دل مان.

اوتڙ = اوجهڙ، گمراهي.
اوليو = لڙهيو، ڀٽڪيو.
وهانءُ = سودج، ڳينهج.
وڻج = وکر، سودو، واپار.
پاڙان = پنهنجي طرفان.
جام = پيالو.
ڀيائي = ڊُوئي، اڌوڌت.
ورسيا = ڀٽڪيا، گمراه ٿيا.
مَهه = خيال، رت، ويچار.
تيلاه = تڏهن، تيلانهون.
ڌُپا = پاڪ صاف ڪيا.

سبق چوٿون

خليفو = پيغمبر صلعم جو جانشين، نائب.
ايڪي = ڀلائي، چڱائي.
ڪوتوال = دربان.
وخنو = آتڪاءُ، رلبڪ.
شڪايت = پچار، گِلا، عيب.
استقبال = آجيان، ڀليڪار.

سبق پنجون

طريقو = رستو، نمونو.
محروم = خالي، نراس، بدنصيب.
ايجاد = نئين شيءِ ٺهڻ، تخليق.
آڪريل = آڪرَ تيل، چنبيل.
مهارت = ڪاريگري، لياقت.
مفيد = ڪمائتي.

سبق ڇهون

خاصيتون = ڳڻ.
پابندي = پيروي، پوئلڳي.
غليظ = گندو.
ڪراهت = بُڇان، ڌڪار.
بي لطف = اڻوڻندڙ.
لذيذ = وڻندڙ.
سليقو = سگهڙاپ، هُنر، سگهڙائپ.
ضايع ڪرڻ = ناس ڪرڻ، چٽ ڪرڻ.

سبق ستون

لنگر انداز ٿيڻ = بيهڻ، بندر تي بيهڻ.
محسوس = لکائيڻ، لکايو.
مغربي = اولهائين، اولهه وارن.

سبق اٺون

ڀڳهه = لنگر پٽڻ لاءِ نوڙي.
ويسري = سستيءَ سان، آهستي.

ٻوريندا = تڪڙا هلندا، ڪاهيندا.
ڪوهه = ڇو.
ڇڻين = ڇڪيا، ڏاڳهه، ٻاههه جو مڇ.
وڏجارو = واپاري.
اوهيري = آسري، پيڙهون ڏڪي يا ڇڪي، اوهرڻ، پيڙين جو روانو ٿيڻ.
هوڙاڪ = ننڍيون پيڙيون.
واڍيون = ٻوليون، رهاڙيون.
ڇڪم = ڏڪم.
ڇاڪ = ڦٽ، ڇير.
ماريندهون = اسان کي مارين.
فراق = وڇوڙو، ڦوڙائو.
ٻاڙيچون = ٻاڙيواريون.
ٻوٽن = گذارن، گهٽن.
جُههه = جذهن.
ڪارڻ = لاءِ.
ڪاند = مڙس، ڀتار.
مڪائون = ٻاسون، مڃتائون.
لوهيڙا = وڻ جو هڪ قسم.
ڳيپا = لسريا.
ڪُسر = ڪوڙا سر.

سبق ناؤون

شاندار = مانائتو، عزت وارو، شان وارو.
جهازراني = جهاز هلائڻ.
قطب نما = طرف ڏيکاريندڙ اوزار.
جراحي = جسماني وڍ ٽڪ.

سبق ڏهون

سير سمجهڻ = وڏو سمجهڻ.
پاءُ سمجهڻ = گهٽ سمجهڻ.
چوٽي عرش سان لڳڻ = هٺ ۾ ڀرجي وڃڻ.
عاجز = هيڻو، بي پهچ.
لهال = خوش.
پاڙ پٽڻ = ناس ڪرڻ.
ويڻ ورائڻ = مٺو ڏيڻ.
من ماري ميڻ ڪرڻ = نهٺائي، حليمت، ٻاڻ وسارڻ.

سبق يارهون

آڪميو = جهڙ ڪيو.
لڳهه = گهاٽو ڪڪر، بادل.
ڇن = هيٺانهين زمين، ترائي.
ٻلر = مينهن جو ٻاٽي.
ٻالوت = گهڻو ٻاٽي، آٿل، ٻلت.

جاهه = رنگ، ريج، پت ساوا ٿيا.

آتو = وٽو، وسيو.

آب = پاڻي.

اگوندرو = گهرج ڪان وڌيڪ.

گولڊر = ڏک.

ڪنوائين = لاهين، وڃائين.

ڪيس = ڪارا وار.

لبيس = پوشاڪ، وڳا، لباس.

آسائتي = آسرو لڌ.

سبق ٻارهون

اوج = ترقي، سڌارو.

عالم پناهه = ڪوٽ، قلعو.

عبرتناڪ = حيران ڪندڙ، اچرج ڏياريندڙ.

الوٽ = مست، مدهوش.

بساط = شطرنج راند جو تختو، جنهن ۾ خانا ٿيندا آهن.

سبق تيرهون

الجام = ٻول، وعدو.

وعدي وفائي = ٻول پارڻ.

منافق = دل جو کوٽو، جنهن جي اندر ۾ هڪڙي، ٻاهر ٻي هجي.

لعنت = ڌڪار، نفرت.

صغير = ننڍو، معصوم.

وصيت = مرڻ مهل ڪجهه چيل ڳالهه.

بني بشر = انسانذات.

بي پناهه = تمام گهڻي، اڻ ڪٽ.

خون بها = خون جي قيمت، بدلو.

سبق چوڏهون

مجال = جرئت، حوصلو.

عطا = بخشش، ڏانءُ.

اهل = گهر جا ڀاتي.

مالامال ڪرڻ = ڍءَ ڇڏڻ.

سبق پندرهون

سگنل = نشاني، اشارو.

حادثو = اوچتو نقصان، واقعو.

صورت = شڪل، شبيهه، مهانڊو.

خطرو = ڊپ، ڀَوُ، انديشو.

سبق سورهون

کوپو = پهلوان.

ٻاڪر = ڏانءُ، سوغات؛

مهت=عزت، مان، ڪاميابي، فتح.
ناميون=ناليوارو، ناميارو.
ٽيرو=گهوڙي جو هڪ قسم.
آهر=آسرو.
الاهر=الله جي آسري.
امارو=ڪاهه.
ٻلڪر=خوفناڪ آواز، گوڙ.
وستو=شيءِ.
ڪينور=مست هاٿي.
گرگ=بگهڙ.
ور=وڪڙ، ڦيرا.
پهڳڻ=پهلوان.
ٻانڪو=بهادر.
ٻاهڙي=ٽاڻي.
هاسو=ڊپ، خوف.
ٽئنست=پهرينءَ سٽ، اوڏيءَ مهل.

سبق سترهون

سڪٽو=خالي.
چڪاس=جاچ، تپاس.
ورلي=ڇڏو.

سبق ارڙهون

فضولي=اجايو خرچ ڪرڻ.
دورانديشي=آئيندي جو خيال ڪرڻ، اڳڪٿي.
ٻهر ڊگها ڪرڻ=اجايو خرچ ڪرڻ.
ڏولائو=ڏنجهه، جاڪوڙ.
هٿ ڦاڙ=اجايو خرچ ڪندڙ.
خوشامدڙيا=چاپلوس، لالچي.

سنگ تاري ڪسنگ

ٻوڙي=چڱي صحبت چڱو ڪري،
بڇڙي صحبت نقصان هيٺ آڻي.
شريڪ=ميٽ، عزيز.
لهٽيدار=جن ڪان او ڏر ونجي.
خودڪشي=آپگهات، پاڻ مارڻ.
نشست برخواست=اٿڻ ويهڻ، فضيلت، ماڻهپو.

سبق اوڻيهون

ڪڙهه=لنگهه، گهٽ.
ورءُ=آنس داتا.

سبق ويهون

ڪيت=سايون ٻنيون.

سبق ايڪيهون

زرعي=کيتي، ٻوڪي، راهي.
تر=سنوهر، ليٽڻ.

سبق ٻاويهون

سونپيل = حوالي ڪيل .

نوبت = وارو، حملو.

سرويچ = جان گھوريندڙ .

آلو = چٽنگ .

سوڙها پيا = ويجها پيا.

سڄي لڳين بچڻ = سلامت موٽڻ .

سبق ٽيويهون

ٿل = مٽ .

ڇريا = مڙيا، ڦريا.

بستان = باغ .

دنار = ميڙ .

مور = ڳونچ .

چترائي = هوشياري .

سبق چوويهون

پرهيز = رَڪ، ڪيري، بچاءُ .

اٿت = دلاسو، ڏڍ .

ڪارڻ = سبب .

ٽيڪ = دلاسو، پروسو .

سبق پنجويهون

سرپرستي = اڳوائي .

تربيت = سکيا.

عهدو = مرتبو.

آسائش = آرام .

مصروف = مشغول، رڌل .

خلوص = سچائي .

فاني = فنا ٿيندڙ.

تحريڪ = هلچل .

دفن ڪرڻ = پورڻ.

مادرِ ملت = قوم جي ماءُ.

سبق ڇويهون

شيل = سير.

اڪلندو = ڳسنهو، ڳهبو .

هنجون هارڻ = ڳوڙها ڳاڙڻ.

دلگير = غمگين، ڏکويل .

رکوال = نگهبان .

تلاش = ڳولا.

ٻاڪار = روج، راڙو، دانهون.

سبق ستاويهون

ڏَرم = عربستان جي هڪ سيڪي جو نالو .

ڪارنهن = داغ، الزام، ٽڪو.

سبق اٺاويهون

آرزوئن = اميدن، آسرن.

خار = ڪنڊا .

عزيز=پيارو، وڻندڙ.

سبز=سائو، آباد.

سوز و ساز=ڳائڻ وڄائڻ.

شاهڪار=اعليٰ نمونو.

سرخرو ٿيڻ=پاڻ وڻائڻ، آبائتو ٿيڻ.

سبق اوڻٽيهون

وحشي=جهنگلي.

فانوس=روشندان.

گلوب=گولو.

خوشنما=وڻندڙ.

سبق ٽيهون

متعلم=پڙهندڙ.

معلم=پڙهائيندڙ.

ڇيهو=نقصان، هرج.

آلس=سستي، آرس.

دوش=ڪلهو.

دوش بدوش رهڻ=ڪلهو ڪلهي سان ملائڻ، هڪٻئي جي مدد ڪرڻ.

ڪهاري وجهڻ=جدائي ڪرڻ.

سبق ايڪٽيهون

سوڀارا=ڪامياب.

لازمي=ضروري.

عيال=اولاد.

نادار=غريب، بي پهچ.

مس=ميراث.

موڙو پوڻ=موت پوڻ.

محفوظ=حفاظت، بچاءُ.

محتاجي=ڪاڻ.

سبق ٻٽيهون

رواجي=عام.

اميرالمؤمنين=مسلمانن جو حاڪم وقت جو خليفو

سبق ٽيٽيهون

اٽانگي=ڏکي.

معروف=ڄاتل، سڃاتل.

رحلت=موت، لاڏاڻو.

جوت=روشني.

سبق چوٽيهون

تاڪيد=چتاءُ.

خومچو=ڍاڪڻون.

سبق پنجٽيهون

ڪرم=مهرباني.

ڀرم=لڄ.

جم جرم=حياتي.

مدايون=بُرايون.

مرم=شرم.

سبق ڇٽيهون

جلي=سڙي.

سنگ=سنگت، ياري، صحبت.

سبق ستٽيهون

زحمت=مرض، تڪليف.

ناچاق=بيمار.

شڪايت=گلا.

طريقو=رستو.

جوجهير=ٽوٽي.

سبق اٺٽيهون

عملي جامو پهرائڻ=عمل ڪرڻ.

ڪوجنا=ڳولا.

ڪارج سرڻ=ڪم ٿيڻ.

ناکتا=ٻيڙي هلائيندڙ، ملاح.

رفتي رفتي=ڌيري ڌيري.

سبق اوڻيتاليهون

سنگ=صحبت، ياري.

کيچ=گهٽا، ججها.

سبق چاليهون

اهم=مکيہ.

فريب=دوکو.

نيست نابود=برباد، تباهہ.

سپهہ سالار=اڳواڻ.

جمع=گڏ.

سبق ايڪيتاليهون

اعلان=پڌرائي.

آجورو=محنتاڻو، عيوض.

سبق ٻائيتاليهون

پريت=سڪ.

ونڊڻ ورچڻ=ورهائڻ.

سپت=سچائي.

سبق ٽيتاليهون

قلابازيون=بولاٽيون.

حفاظتي ڪمرو=بچاءَ واري جاءِ.

سبق چوئيتاليهون

آٽبٽ=جهيڙو، فساد.

سلطنت=حڪومت.

تجارت=واپار.

عرصو=وقت.

سرپرستي=اڳواڻي، رهنمائي.

ماجرا=ڳالهه.
هڏ ڏوکي=ڏک ڀائي.
رهنما=اڳواڻ، ٻاليکار.
صف=قطار.
عملي ڪوشش=عمل ڪرڻ.
مخلص=سچو.
ثابت قدمي=مضبوطيءَ سان.
منزل مقصود=دل جي مراد.
هم وطنين=ديسواسين.
رعايتون=سهولتون، ڇوٽون.
تصور=خيال.
تمدن=رهڻي ڪرڻي، شهريت.
تنظيم=جماعت، بند و بست.
مطالبو=گهُر.
متفق طور=راضپي سان.
غيرمعمولي=وڏيءَ اهميت وارو.
اجلاس=ميڙ.
محڪم=پَڪو.
فرمانبرداري=ميٺا.
جانبازي=بهادري.

حق پرستي=سچ جي پوڄا.
نمودار=ظاهر.

سبق پنجيتاليهون

خزان=سرءُ.
نهرون=ڪئنال، ٻراج.
شاد=خوش.
مثل چمن=باغ جيان.
غمخوار=ڏک ونڊيندڙ، حال ڀائي.
ثاني=مٽ، شريڪ.
سنسار=سرشٽي، جهان، جڳت.
داتا=سخي.
دان=خيرات، ڀيک.
روني=مالي.
شفقت=مهرباني.
صياد=دشمن، شڪاري.

سبق ڇائيتاليهون

سفيد=اڇو.
اوجل=صاف.

سبق ستيتاليهون

داب=زور.
خال=ڀُورَ.

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد جو تيار ڪيل ۽ تعليم کاتي جي سرڪيولر نمبر S. O. D. E. & S. V./10-63 تاريخ 23- فيبروري 1964ع هيٺ، سنڌ صوبي جي پرائمري اسڪولن لاءِ، واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل.

قومي ترانو

پاڪ سرزمين شاد باد — ڪشورِ حسين شاد باد
تو نشانِ عزمِ عالي شان — ارضِ پاڪستان
مرڪزِ يقين شاد باد

پاڪ سرزمين ڪا نظام — قوتِ اخوتِ عوام
قوم، ملڪ، سلطنت — پائنده تابنده باد
شاد باد منزلِ مراد

پرچمِ ستاره و هلال — رهبرِ ترقي و ڪمال
ترجمانِ ماضي، شانِ حال — جانِ استقبال
سايهء خداي ذوالجلال

C. No. S. T. B./30 S. A. B. S No. 43107

ڇپجڻ جي تاريخ	ڇاپو	تعداد	قيمت
آڪٽوبر 1973ع	پيون	25000	1_25